# مُٺ مُٺ موتين جي

پيش ڪندڙ

محمد ابراهيم جويو

# مٺا مٺا موتين جي

(هفتيوار "هدايت" ۾ آيل مواد مان چونڊيل)

پيش ڪندڙ

محمد ابراهيم جويو

نيو فيلڊس پبليڪيشنس
ٽنڊو ولي محمد، حيدرآباد سنڌ.
1992ع

نيو فيلڊس پبليڪيشنس جو ڪتاب نمبر **هڪ سؤ اَڍهٺ**

| | |
|---|---|
| ڇپائيندڙ | نيو فيلڊس پبليڪيشنس<br>ٽنڊو ولي محمد، حيدرآباد سنڌ. |
| ڇپيندڙ | نيو فيمس پرنٽنگ پريس،<br>هوم اسٽيڊ هال چاڙهي، حيدرآباد |
| پهريون ايڊيشن | اپريل 1992ع |
| **قيمت** | [redacted]/- رپيا |


NEW FIELDS HYDERABAD 200

(سڀ حق ۽ واسطا قائم)

---

"MUTH MUTH MOTIYON JI" ("Handfuls of Pearls"), presented by MOHAMMED IBRAHIM JOYO. published by New Fields Publications, Tando Wali Mohammed, Hyderabad Sindh, Pakistan. First Edition: April, 1992. Price per copy: Rs. [redacted]/-

# ”مٺ مٺ موتين جي“

## مواد جي فهرست


پيارڪٿا: پروفيسر محمد عمر ميمڻ ۹

پيش لفظ: محمد ابراهيم جويو ۱۴–۱۶، 1–6

### ايڊيٽوريل: ص ص ۱۷–۶۰

مهربان ليڪن ڏاڍهن (م.ا.ج) ۱۷
مقصد (م.ا.ج) ۱۸
صحافت (ش.ا.ح) ۲۱
(زرد) پريس جي آزادي (م.ا.ج) ۲۳
عيد قربان، سنڌ يونيورسٽي ۽ اسين (م.ا.ج) ۲۶
قانون (ش.ا.ح) ۲۹
معلومات جو سامراج ۽ ان صلاحن واري هڪ راهه (م.ا.ج) ۳۴
آبادي ۽ رٿابندي (ش.ا.ح) ۳۹
سچ جوڳڻ (م.ش.پ) ۴۳
پئسي جو قدر (ش.ا.ح) ۴۴
آزادي انعام (ش.ا.ح) ۴۶
۱۴ آگسٽ وارو ڏينهن (ش.ا.ح) ۴۸
محنت ۽ محبت (ش.ا.ح) ۴۹
مادري ٻوليءَ ۾ تعليم (م.ا.ج) ۵۱
عيد مبارڪ (م.ا.ج) ۵۵
مالڪ، نوڪر ۽ نوڪرشاهي (م.ش.پ) ۵۶
اندرا جي احترام ۾ (م.ش.پ) ۵۸

### خط: ص ص ۶۳–۱۰۳

الاتوهار (چيزل خان، حيدرآباد) ۶۳
تشخص (هي غا توشيي، حيدرآباد) ۶۵
ناانصافيءَ جو ڏکوئيندڙ هٿ (مدثر حيات، حيدرآباد) ۶۸
بدين جي زمين (مريم پليجو، هنگورجا) ۷۰

۽ ائين ٿيندو رهيو آهي ته روشن خيال مست ۽ ملنگ، مبلغ ۽ مصلح سقراط جي سنت تي هلندا ٿا رهن، ۽ راجا ۽ راڻيون به پنهنجي بدعت کان بس نٿا ڪن.

جڳ مشهور فيلسوف روسو جو قول آهي ته ”آزاديءَ تان هٿ کڻڻ انسانيت تان دست بردار ٿيڻ جي برابر آهي. راءِ جي آزادي کسڻ معنيٰ ماڻهوءَ جي عملن مان اخلاق کي نيڪالي ڏيڻ. آزادي ماڻهن ۽ قومن لاءِ قدرت جو تاحيات تحفو آهي. اها فطرت جو مروج سڪو آهي، جيڪو جاري ۽ ساري رهڻ گهرجي.“

”مٺڙا موتين جي“ جناب جويي صاحب طرفان سقراط ۽ روسو جي شريعت لاءِ نذرانو آهي.

”هي پيار ڪٿا ڏورا به گهڻا،
ڪٿي پڻي آ پورت مون لوڪو!“ (اياز)

حيدرآباد سنڌ
مئي ٢٢ ١٩٩٢ع

جيئي سنڌ
**پروفيسر عمر ميمڻ**

# ایڈیٹوریل

# مهربان ليڪن ڏاهن

اوهان کي هي ڏسي خوشي ٿيندي تہ سنگت جي ساٿ ۽ همت ٻڌائڻ سان اسان ڪن دوستن گڏجي هيءُ هفتيوار ”هدايت“ جي اشاعت جو ڪم هٿ ۾ ڪنيو آهي.

جيئن اسان جي قومي زندگيءَ جون پيون دنيائون، تيئن اسان جي صحافت جي دنيا بہ ايتري ڪا روشن ۽ محڪم نہ آهي، ۽ خاص اڄوڪيءَ سماجي ۽ سياسي صورتحال ۾ ڪنهن معيار واريءَ ميعادي اشاعت جو هٿ ۾ ڪڻڻ گهڻيءَ ڪنهن ڏاهپ جو ڪم بہ ڪونهي.

بهرحال، پنهنجو وس ڪرڻ پنهنجي وس جي ڳالهہ آهي، ۽ آن لاءِ پنهنجن همقلم ساٿين جو سهڪار هن ڪم ۾ اسان جي وڏي واهر بڻجي سگهي ٿو.

اسين هن هفتيوار اشاعت کي (في الحال) ڊبل ڊيميءَ جي ۲۴ صفحن تائين محدود رکڻ گهرون ٿا، ۽ آن کي خالص سياسي تعليم جو هڪ تدريسي وسيلو ڪري هلائڻ چاهيون ٿا. اسان جو روءِ سخن سنڌي پڙهندڙ عوام ڏانهن هوندو، ۽ اجتماعي انساني شعور جو فروغ ئي اسان جي هر تحرير جو مقصد رهندو، جنهن ۾ اسين سمجهون ٿا تہ ڪابہ اسان جي هلڪائپ، اڇاترائي، چڙ، آوچائپ، هوڪرائي يا واعظ گوئي اسان لاءِ وڏي هاڃي جو سبب بڻجي سگهي ٿي. اسين هن اشاعت ۾ پنهنجي هر اظهار کي گنڀير ۽ وزنائتو، قرب، نماڻائيءَ ۽ پنهنجائپ سان ڀريل، ۽ فڪري ۽ علمي نوع ۽ انداز جو ڏسڻ گهرون ٿا ـــ اهو اسان جو پڪو ارادو بہ آهي ۽ اهو اسان جو دلي اُمنگ بہ آهي. اوهين اسان جا مخلص دوست، فڪر ۽ نظر جا صاحب، سوچيندڙ ۽ باشعور بزرگ ۽ ساٿي

آهي، ۽ هيءَ ڳالهه به آسانيءَ سان سمجهه ۾ اچڻ جهڙي آهي ته انهن مان ڪنهن به هڪ جي اٿهوند واريءَ حالت ۾ باقي به شعبا بي اثر بڻجي ويندا. پر جيڪا ڳالهه اسان جي ملڪ ۾ سمجهڻي نٿي وڃي، ۽ جيڪڏهن سمجهي وڃي ٿي ته مڃي نٿي وڃي، ۽ جيڪڏهن مڃي وڃي ٿي ته ان تي چاٽي پڄهي عمل نٿو ڪيو وڃي، سا هيءَ آهي ته قانون، عدالت ۽ انتظام جيان صحافت تي به ملڪ جو مدار آهي، ۽ تنهنڪري ان کي هردم زنده ۽ تازو رکڻ کپي.

صحافت هڪ اهڙو ”روزنامچو“ آهي، جنهن ۾ ملڪ ۽ قوم جي ذهن ۽ مزاج، ڏکن ۽ سکن، مسئلن ۽ سونجهارن، آمدن ۽ صدمن، کوٽ ۽ بچت، ترقيءَ ۽ تنزل جو ذري پرزي وچور هوندو آهي. صحافت هڪ اهڙو ”سينيٽ بوڪ“ آهي، جنهن ۾ ملڪ جي انچ انچ جو، قوم جي پچي پچي جو، گهڙيءَ گهڙيءَ جو اندراج هوندو آهي. صحافت پين ٽنهي شعبن جي نگراني ڪري ٿي ۽ قوم کي هر گهڙيءَ باخبر رکي ٿي ته قانون، انصاف ۽ انتظام وارا سندن ادارا ڪهڙيءَ ريت ڪم ڪري رهيا آهن، ۽ جتي به سنجهڻ نقص نظر اچي ٿو اتي مٿن ٽيڪا ٽپڻي ڪري ٿي ۽ کين عوام جي راءِ ۽ فيصلن کان آگاهه ڪري ٿي. صحافت عوام کي حڪومت جي پروگرامن کان ۽ حڪومت کي عوام جي گهرجن کان واقف ڪري ٿي. صحافت جو اِهو سمورو ڪم ۽ ڪردار ايڏو عوامي، ايڏو جمهوري ۽ ايڏو همه گير آهي، جو اِنهيءَ ئي ڪري چيو ويو آهي ته ”قومن جو عروج ۽ زوال صحافت سان وابسته آهي“ —— ٻين لفظن ۾، صحافت جي زندگي قوم جي زندگي ۽ صحافت جو موت قوم جو موت آهي.

جڏهن قومن جو ٻڌڻ ۽ ترڻ صحافت جي زور ۽ ڪمزور هجڻ تي منحصر آهي، تڏهن نه رڳو حڪومت جي بلڪ خود صحافت جي به پنهنجي پاڻ ڏانهن اِها ذميداري آهي ته قوم ۽ ملڪ جي عمارت کي مضبوط ۽ محفوظ رکڻ لاءِ هن اهم ٿنڀي کي

هئا، انهيءَ ڪري ڇوڪرو هڪ هفتي اندر هٽ ڪيو ويو.

قومي پريس (ڪراچيءَ ۽ حيدرآباد ۾ قائم) ۽ ٻيا خبرچار جا ذريعا پوليس جي ڪامياب ڪارڪردگيءَ جا قصيدا ڳائڻ لڳا، ۽ هر واسطيدار ۽ غير واسطيدار شخص جا اهڙا انٽرويو پهرين صفحن تي چٽن گلن سان سينگاريل وڏيـن سرخين هيٺ شايع ڪيا ويا. پر هڪ سٽ به ڪنهن اخبار ۾ معذرت جي، يا افسوس جي ڇاپي نه ويئي ته هنن جو ايڏيءَ غير ذميداريءَ سان معصوم شاگردن ۽ سنڌ يونيورسٽيءَ جهڙي تعليم جي اعليٰ ترين اداري جا نالا بدنام ۽ خوار ڪيا هئا، ان لاءِ هو ڪجهه پشيمان به هئا. (اِن سلسلي ۾ يونيورسٽيءَ جي خواب ۾ سٽل برجسته اختياريءَ وارن جي روش به گهٽ حيرتناڪ نه هئي!)

ان کان پوءِ ٻي سنسني خيز خبر روزانه اخبارن ۾ پڙڪائي ويئي، جنهن ۾ ٻڌايو ويو ته ميڊيڪل ڪاليج، ڄامشورو، جي شاگردن قومي جهنڊي جي بي عزتي ڪئي هئي. ۽ هن ڀيري وري به اردو پريس پنهنجي غلط بيانين ۾ اڳري هئي، ۽ سنڌ کان ڪثير تعداد ۾ وڪجندڙ اڳواڻ اخبار ”جنگ“ ته ڊوڙ پائي، انتها جي چوٽيءَ تائين رسي ويئي، جو هڪڙو زهر ڀريل سخت لفظن جو ايڊيٽوريل به لکي ورتائين، جنهن ۾ شاگردن کي ان شرمناڪ ڪم لاءِ سڌو ڏوهي بنائي ڇڏيائين! ۽ پڻ گهر ڪيائين ته ڏوهين ۽ غدارن کي مثالي سزائون ڏنيون وڃن! ٻئي ڏينهن پوليس جا ۽ شاگردن جا بيان شايع ٿيا، جن ۾ ظاهر ٿيو ته اهڙو ڪو قومي جهنڊي جي سلسلي جو واقعو ان ايراضيءَ ۾ بلڪل ئي عمل ۾ آيل نه هو. جنهن واقعي کي پريس قومي جهنڊي جي بيحرمتي سڏيو هو، اهو ته دراصل هڪ شخصي نوع جي جهيڙي جو واقعو هو، جيڪو پٺاڻ ٽرانسپورٽ ڊرائيورن ۽ شاگردن جي وچ ۾ ڀاڙي جي رقم متعلق هو. پٺاڻ سوزوڪي ڊرائيور ميڊيڪل ڪاليج جي هڪ شاگرد کي چاقو هڻي زخم ڪري وڌو هو. واقعي جي رپورٽ ڄامشورو جي پوليس ٿاڻي تي درج ٿيل هئي، ۽ شاگرد لکي ويل

پناڻ ڊرائيور جي گرفتاريءَ جي گهر ڪري رهيا هئا. ٻئي ڏينهن ڪلاس جو بائيڪاٽ ٿيو ۽ ڪن شاگردن هٿان پناڻ ٽرانسپورٽرن جي ڪا هڪ اڌ سوزوڪي احتجاج دوران سڙي ويئي. ۽ پوءِ ته ملڪي صحافت جي (زرد) پريس کي ڄڻ هڪ بهترين موقعو ملي ويو، جنهن ۾ هنن هاءِ گهوڙا ڪرڻ ۽ هر قسم جي شور ۽ غوغا مچائڻ سان هايون ڪري ڇڏيون. اهو ئي هو پريس جي آزاديءَ جي سندن تصور جو مثال!

وري به پريس پنهنجي غير ذميدارانه رپورٽنگ بابت ڪنهن به قسم جي ڪا معذرت ڪانه ڪئي.

اِن کان پوءِ، هاڻي تازو، سنڌ ميڊيڪل ڪاليج ڪراچيءَ جو واقعو سامهون آيو — جنهن ۾ پڻ قومي پريس جي روش مڪمل طور جانبدارانه، نظامت طرف مائل ۽ عوام ورودي ڏني ويئي. ڏاڍائيءَ جا شڪار ٿيل سنڌي ڏوهي ۽ جوابدار هئا، ۽ نظامت طرف جهڪيل شاگردن جا بيان ۽ نامعقول مطالبا عين مناسب ۽ صحيح هئا! ڪراچيءَ جون اخبارون هيون، جي اِن طرح جي خبرن ۽ رائزنين سان پريون رهيون. اميد ڪري سگهجي ٿي ته مخالفن جي منصوبائي روش ۽ بيڏوهن جي ڏکوئيل صورتحال جي کهاڻي، جلد يا بدير، عدالتي تحقيق جي پوري ٿيڻ سان پڌر تي ضرور ايندي. پر هيءَ حقيقت ته ڪنهن ثابتيءَ جي محتاج نه رهي آهي ته اسان جي علائقي ۾ اسان جي پريس جو ڪردار بيحد افسوسناڪ ۽ موقعي پرستيءَ وارو رهيو آهي.

اِهي آهن پاڪستان ۾ اڄ جي پريس جي ”پريس-آزاديءَ“ جي تصور جا چند عملي مثال. ڪن مخصوص اعليٰ معيار جي صحافين سان معذرت ڪندي، چئي سگهجي ٿو ته اسان جي پريس ڪافي ڪن بليڪ ميلرن، عوام ورودي ۽ ڪذب پسندن سان پريل آهي، جيڪي سدائين انهيءَ ذوق ۾ ورتل آهن ته اخباري پنن جي ريمن کي ڪاري ڪرڻ لاءِ هو بي سهارن ۽ بيوس انسانن جي خلاف ڪالمن مٿان ڪالم لکندا رهن. هنن کي ڪو خيال

چئون ٿا. سنڌ يونيورسٽي سنڌ جي نوجوانن جو هڪ عظيم علمي ۽ فني ادارو آهي، ۽ هيءُ ادارو اُنهن کي سندن مستقبل جي ڪامرانين طرف وٺي وڃڻ ۾ گهڻو گهڻو ڪجهه ڪري سگهي ٿو.

سنڌ يونيورسٽي ڪافي سالن کان مسئلن ۽ مشڪلاتن ۾ ويڙهيل رهي آهي. اسين ڄاڻون ٿا ته هن هڪڙي اچانڪ آئيل رسٽيڪيشن جي مسئلي جي حل سان اُن جا سڀ مسئلا ۽ سڀ مشڪل حل ڪونه ٿي ويا آهن. يونيورسٽيءَ جي انتظاميه، ان جا استاد ۽ شاگرد پنهنجي پنهنجي سوچ ۽ عمل تي خود- تنقيدي نگاهه وجهندا، ته ڏسي سگهندا ته هيءُ سندن زندگيءَ جي امنگن جو چمن زار ۽ سندن ڪوشش ۽ مقابلي جو مخصوص ميدان ُسندن آڏو ڪافي ڪي مسئلا ۽ پڻ ڪافي ڪي موقعا آڻي رکي ٿو، جن مان مُک ۽ اهم مسئلا ۽ موقعا سندن پنهنجن پنهنجن فرض ۽ ذميدارين جي باهم ڳنڍيل ۽ گهڻي قدر وساريل دائرن ۾ ئي کين محدود نظر ايندا.

حقيقت جي نگاهه سان ڏسجي ته شاگردن جا سڀ مسئلا سندن تعليمي ذميدارين جا ۽ سندن ڀرپور جوانيءَ جي آدرش وادي انسان دوست اڌمن جي اظهار جا آهن. ائين اُستاد برادريءَ جا سڀ مسئلا سندن تدريسي ذميدارين جا ۽ سماج ۾ سندن قدر ۽ منزلت جي تسليميءَ جا مسئلا آهن. ساڳيءَ طرح يونيورسٽي انتظاميه جا پڻ سڀ مسئلا اُن جي پنهنجي تنظيمي ذميدارين جا ۽ ان جي ضابط يا نگهدار اختياريءَ يعني سماجي حاڪم قوت جي نظامتي اسٽائيل جا مسئلا آهن.

مطلب ته يونيورسٽيءَ جي انتظاميه، اُن جا استاد ۽ شاگرد جيڪڏهن پنهنجين ذميدارين ڏانهن ئي گهربل توجهه ڏين، ته هو پاڻ کي هڪٻين جي فقط ۽ فقط ساٿ ۽ سهڪار جي عمل ۾ ئي مصروف ڏسي سگهن ٿا ـــ ۽ منجهن ڪنهن باهمي اختلاف يا تضاد جي ڪابه امڪاني صورت هوند نظر نه اچي. ڪين پوءِ پنهنجي اُن باهمي ذوق ۽ عمل جي منصبي دائري کان وڌيڪ البت هڪ

جي باوجود) تصادم جي رستي کان ارادتاً پرهيز اختيار ڪئي، ۽ سڄي معاملي ۾ ڏرين مجموعي طور باهمي محبت ۽ احترام ۽ پنهنجي، پنهنجي گنڀير ذميداريءَ جي شعور جو ثبوت ڏنو. شاگردن پنهنجي، مقصد جي حاصلات لاءِ، ڪل سنڌ دائري ۾، پوري نظم ۽ ضبط ۽ اهنسائي جدوجهد جي راهه ورتي ۽ اٿين اسان سڀني لاءِ بالادست حڪمران قوت کان حقوق طلبيءَ جي راهه ۾ عمل جو هڪ مثال قائم ڪيو، اُن لاءِ هو آفرين جا مستحق آهن.

اسان کي اميد آهي ته سنڌ يونيورسٽيءَ جي انتظاميه ۽ اُن جا استاد ۽ شاگرد، عيد قربان ۽ حج جي سڀوري هن موقعي تي، جيڪو اصل ۾ خود تنقيد جو موقعو آهي، پنهنجن اعمالن جي پاڻ جائزي وٺڻ جو موقعو آهي، ۽ پنهنجي اندر مان غير ڪيڻ ۽ پنهنجائپ جي انساني راهن سجاڻڻ ۽ اختيار ڪرڻ جو موقعو آهي- اسان جي مٿين چند گذارش تي جوڳو ڌيان ڏيندا ۽ اُنهن کي پنهنجي اعليٰ قدر سان نوازيندا. (٣٠-٨-١٩٨٤ع)

— م. ا. ج

# قـــانـــون

انساني سماج ۾ به ڳالهيون هر فرد ۽ هر گروهه سان لاڳو آهن. اهي آهن ”حق“ ۽ ”فرض“. هر ڪنهن کي ڪي حق حاصل آهن، ۽ هر ڪنهن تي ڪي فرض رکيل آهن. مون کي اهو حق حاصل آهي ته پنهنجي گهر ۾ ريڊيو وڄائي ٻڌان، پر مون تي اهو به فرض آهي ته پاڙي وارن جي آرام جو خيال رکان ۽ تنهن ڪري پنهنجي ريڊئي جو آواز گهٽو وڌو نه رکان. مون تي اهو فرض آهي ته پنهنجي ۽ پنهنجي ڪٽنب جي گذاري لاءِ پورهيو ڪريان، ۽ تنهنڪري مون کي اهو حق آهي ته پنهنجي پورهئي جو معاوضو يا فائدو حاصل ڪريان. حقن کان سواءِ فرضن جي ادائگي يا فرضن کان سواءِ حقن جي حاصلات ٿي نٿي سگهي. هڪڙي جا حق ٻئي لاءِ فرض، ۽ هڪڙي جا فرض ٻئي لاءِ حق بڻجن ٿا. حق

۽ فرض، ان ڪري هميشه هڪٻئي سان گڏ رهن ٿا. جتي ماڻهو رڳو پنهنجن حقن جي ڳالهه ڪن ۽ فرض ڪي ڇڏي ڏين، يا جتي رڳو ماڻهن کان فرض جي تقاضا ڪجي ۽ ڪين سندن حق نه ڏنا وڃن، آتي سماج ۾ ماڻهپو نه رهندو ۽ اها هڪ جهنگلي دنيا هوندي، جتي ڪو به ڪنهن جو ڪونهي. مهذب سماج جو بنياد، اِن ڪري، حقن ۽ فرضن جي توازن ۽ برابريءَ تي آهي. جيتري قدر ڪنهن سماج ۾ حقن ۽ فرضن جي وچ ۾ توازن ۽ برابريءَ ۾ گهٽتائي هوندي، اوتري قدر اهو سماج انتشار ۽ فساد، بگاڙي ۽ بد امنيءَ، ظلم ۽ تشدد جو شڪار رهندو.

حقن ۽ فرضن ۾ توازن رکڻ لاءِ، سماج پنهنجين حالتن ۽ ضرورتن مطابق قانون ٺاهي ٿو. انسان پنهنجيءَ جهنگلي حياتيءَ مان اچوڪيءَ سڌريل سماجي زندگيءَ ۾ آيو آهي، سو رڳو 'قانون' جي ڪري. انساني سماج جي تاريخ، دراصل سماجي قانون جي تاريخ آهي. قانون ئي آهي، جيڪو انسانن جي هڪ هنڌ گڏجي رهڻ جي حالت ۾ سندن مٽزني حقن ۽ فرضن جون حدون مقرر ڪري ٿو، ۽ آنهن ۾ تصادم جي صورت ۾، انصاف جا طور طريقا پيدائي ٿو.

انسان جون اوائلي رسمون، رواج ۽ روايتون به سندن قانون ئي هو، جن مان ڪيتريون اڄ به زنده آهن ۽ اسان جي قبائلي نظامن ۾ انهن تي اخلاقي طرح اڃا به عمل ڪيو وڃي ٿو. انهيءَ ابتدائي ۽ اڻلکيل قانون جي اوسر، اڄ آئيني سرشتي جي صورت ورتي آهي، جنهن مطابق وڏن وڏن ملڪن جو نظام هلي ٿو.

رسمن ۽ روايتن کان قانون ۽ آئين تائين انسان جيڪا تاريخي ترقي ڪري آيو آهي، سا سندس اها عظيم حاصلات آهي، جنهن بنان سڄيءَ دنيا جا ماڻهو جيڪر هڪٻئي لاءِ درندا بڻجي وڃن. تنهنڪري، قانون مهذب انساني سماج جو سڀ کان وڏو اهڃاڻ آهي، ۽ ان جو احترام سڀ کان وڏو سماجي مقصد آهي.

آئين هجي يا عام قانون، اهو جمهوري هجي يا فوجي، عمل ڪرڻ لاءِ آهي. اهو هڪ پطرفو ڪم آهي: قانون تي عمل ڪرڻ

۽ قانون تي عمل ڪرائڻ. قانون تي عمل ڪرائيندڙ ’انتظاميہ‘ آهي، جنهن وٽ مختلف ادارا ۽ عملدار آهن، جن کي وري وردين وارا مختلف ’فورس‘ آهن. انتظاميہ کي قانون تي عمل ڪرائڻ لاءِ گهربل ’اختيار‘ مليل آهن. قانون جي ڀڃڪڙي ڪرڻ وارن لاءِ مختلف ’سزائون‘ آهن، سزايافتن لاءِ ’جيل‘ آهن. سزائون ڏيڻ يا سزائن خلاف پڪارڻ لاءِ ’عدالتون‘ آهن. قانون ۽ قانون تي عمل ڪرائڻ جا اهي سڀ بندوبست سڀني ملڪن وٽ آهن. پوءِ بہ ڪٿي قانون جي حڪومت آهي، ڪٿي ناهي. ڪٿي قانون جو احترام آهي، ڪٿي ناهي. ڪٿي قانون جي ڀڃڪڙي گهٽ آهي، ڪٿي گهڻ. ڪٿي جيل ڀريل آهن، ڪٿي خالي. ڪٿي انتظام غنيمت آهي، ڪٿي مصيبت. ڪٿي انصاف انڌو آهي، ڪٿي چار-اکيو. ائين ڇو؟ اسان جي ملڪ ۾ جتي آئين، قانون، انتظام ۽ عدالت جو ڏيڍ صديءَ جو تجربو موجود آهي، اتي ايڏو سماجي انتشار ڇو؟ حق کان محروميءَ جو احساس ۽ فرض کان گوسٽات جو لاڙو ڇو؟

حقيقت هيءَ آهي تہ قانون تہ موجود آهي، پر ان تي عمل نہ پيو ڪيو وڃي. اسان جي ملڪ جو سڀ کان وڏو مسئلو قانون تي نہ هلڻ آهي. اسان جي ملڪ جي سڀني برائين جو ڪارڻ قانون تي نہ هلڻ آهي. اسان جي ماڻهن جي سڀني مصيبتن جو منڍ قانون تي نہ هلڻ آهي. معاملو سياسي هجي يا اقتصادي، ذاتي هجي يا جماعتي، قانون جي صحيح پوئواري ڪٿي بہ ڪانهي.

قانون اڻپورو آهي تہ پورو ڪري سگهجي ٿو، قانون ناقص آهي تہ سڌاري سگهجي ٿو، قانون غلط آهي تہ رد ڪري سگهجي ٿو. پر جنهن وقت بہ، جيڪو قانون موجود آهي، جهڙو بہ آهي، جيئن بہ آهي اهو سڀني لاءِ هڪجهڙو آهي، ۽ تنهنڪري جيڪڏهن اهو سڀني سان لاڳو ٿئي ۽ سڀئي ان تي هڪجهڙو عمل ڪن، تہ پوءِ ڪنهن کي بہ هڪبئي لاءِ شڪايت نہ ٿيندي، ڪنهن بہ هڪڙي سان ٻئي جي ڀيٽ ۾ بي‌انصافي نہ ٿيندي، سڀني جا حق محفوظ رهندا

ڪيٽ وڏائڻ ٻنان روڪ رقم تي خاص ڳاڌن ۾ ڪٽي، منزل مقصود تي پار آڪارجي. ٽيليفون لاءِ هڪڙن جا بل معاف ڪري، ٻين تي چاڙهي ڇڏجن ۽ ان لاءِ ماهياني اڳاڙي ڪجي. ڏاڍن تي ’محمود‘ ۽ ’اياز‘ ٻنهي سان هڪجهڙو سلوڪ ڪجي ۽ ٻئي مٿا پنهنجا ڪجن: وڏن جي چوڻ تي ننڍن کي ٻڌجي، مارجي ۽ بيعزتو ڪجي: ٻئسا سلن ۽ جوابدار نه ملي ته ان جي آل اولاد کي ۽ اوڙي پاڙي کي جهلي اچجي. نوڪريءَ جي مقرري هجي يا بدلي، ترقي هجي يا معطلي، پنهنجي ماڻهوءَ جو خيال رکبو، ’ڇڳي‘ ماڻهوءَ جي چوڻ تي هلبو ۽ خرچي پاڻيءَ جون ڪسرون ڪڍبيون. ڪورٽن ۾ ڪيسن جون قطارون لڳل آهن. ورهين کان وٺي شنوائين جي تاريخن کان ڳالهه اڳتي نٿي وڌي. عام ماڻهو هر ڀيري ڳوٺ کان پنڌ، مانيءَ هڙ ٻڌي نڪري ٿو، ۽ زال يا ڌيءَ جا زيور وڪڻي وڪيل جي في ڀري ٿو. هر ڪاتي، هر شعبي ۾، هر فرد هر گروهه وٽ، قانون جي ڪابه ميڄتا ڪانهي.

اسان جوروءِ سخن نه سرڪار ڏانهن آهي، نه ڪنهن ٻيءَ در ڏانهن. اسين انتهائي دردمنديءَ سان جيڪا صورتحال آهي، تنهن جو ذڪر ڪري رهيا آهيون. اسين سڀ اِن لاءِ هڪجهڙا جوابدار آهيون. جيڪي ڪن ٿا ۽ نٿا ڪن، جيڪي چون ٿا ۽ نٿا چون، هي مسئلو اُنهن سڀني جو آهي. هي سڄي ملڪ جو بنيادي مسئلو آهي. هي رڳو حڪومت جو ڪم ڪونهي، پر هر فرد جو ڪم آهي ته قانون تي پاڻ عمل ڪري ۽ ٻين کي اُن جو پابند بنائي.

اسين وري به چئون ٿا ته قانون جي بالادستيءَ کي نظر ۾ رکي، نه رڳو اهي غلطيون نه ورجايون وڃن، جن جا اُگرا نتيجا اسين ڀوڳي رهيا آهيون، بلڪ حقن ۽ فرضن ۾ توازن کي پيدا ڪرڻ لاءِ، هيٺ کان مٿي تائين ۽ مٿي کان هيٺ تائين رائج قانونن کي سڀني سان لاڳو ڪيو وڃي، سڀني لاءِ سزا جو هڪجهڙو سرشتو عمل ۾ آندو وڃي ۽ خود قانون نافذ ڪندڙن کي به توبهه

جي 'برادرانم، آزادانم ۽ مساوياڻم' اتحاد خاطر، ختم نٿو ڪيو وڃي.
۽ تيسين اسان جي پورهيت عوام جي عظيم اڪثريت ڪي، آنهن
جي انسان دوست قومي اديبن، عالمن، شاعرن، استادن، صحافين،
مصورن، موسيقارن، اسٽيج جي فنڪارن ۽ ٻين سياسي، سماجي ۽
ثقافتي ڪارڪنن کي پنهنجي رڳو احساس محروميءَ جي نہ پر
خود محروميءَ جي پوري ۽ آخري علاج لاءِ، حضرت گوتم ٻڌ جي
ٽن صلاحن واريءَ هڪ ئي راهہ تي هلڻو پوندو ۽ هلندو رهڻو ئي
پوندو: "ٻڌم شرڻم ڳڇامي، سنگم شرڻم ڳڇامي، ڌمم شرڻم ڳڇامي":
يعني ڪين عقل ۽ ڄاڻ جي، ٻڌيءَ ۽ تنظيم جي، ۽ عمل ۽ جدوجهد
جي راهہ وٺڻي ئي پوندي. (١٣-٩-١٩٨٤ع)

— م. ا. ج.

# آبادي ۽ رتابندي

"زمين الله جي، حڪم سرڪار جو" — اهي مهاڳ جا
لفظ هوندا هئا بادشاهي اعلانن جا، جيڪي گهڻين، چونڪن ۽
بازارن ۾ دهل وڄائي، ماڻهو ميڙي، شاهي پڙهي ڏيڻ وارو سپاهي
کي ٻڌائيندو هو. تڏهن ريڊيا نہ هئا، ٽيليويزنون نہ هيون، اخبارون
نہ هيون، ۽ نہ وري سرڪار وٽ اطلاعات کاتو هو، تنهنڪري
شاهي فرمان رعيت تائين رسائڻ جو اهو ئي طريقو هو.

زمين الله جي هئي، پر بادشاهہ سڀ جا سڀ "الله سائينءَ
جا پاڇا" هئا — جيئن هو پاڻ کي سڏائيندا هئا — تنهنڪري اها
سندن ابن ڏاڏن کان وٺي سندن آرين پرين تائين، شاهي ملڪيت
هئي. رعيت سندن ٻڌي ٻرو هئي ۽ سندن رحم ڪرم سان زمين تي
رهندي هئي. اهڙيءَ حالت ۾ زمين جون حدون آهي ئي هونديون
هيون، جيڪي بادشاهہ سلامت پنهنجي طاقت سان فتح ڪيون
هونديون. جيترو سگهارو ڪو بادشاهہ هوندو هو، اوتري ئي وڏي
سندس بادشاهت هوندي هئي. پوءِ هڪڙو بادشاهہ ٻئي کان ۽ ٻيو

# سچ جو ڳڻ

سچ چوڻ، حق ساڻ ۽ ڪوڙ اڳيان ڪنڌ نہ جهڪائڻ وارا ڳڻ، پاڻ ۾، دراصل اهڙيون لازوال حقيقتون رڪن ٿا جيڪي انسان جي عظمت جو ثبوت ۽ ان جو معراج آهن. ظلم ۽ ڏاڍ جي قوتن خلاف جدوجهد ۾ پيش ايندڙ مشڪلاتن ۽ آزمائشن کي جرئت ۽ ثابت قدميءَ سان منهن ڏيڻ ۽ بامقصد زندگي گذارڻ ئي فرد توڙي قوم لاءِ اصل ۾ زندگيءَ جو سرمايو آهي.

ڪربلا جي ميدان ۾ جڏهن حضرت امام حسين عليه السلام کي پنهنجن ٽورن ساٿين سميت شهادت نصيب ٿي، تڏهن يزيد سمجهيو تہ هن پنهنجي سڀ کان وڏي مخالف طاقت کي ختم ڪري ڇڏيو. پر ائين نہ ٿيو، ۽ ثابت ٿيو تہ حقيقت ۾ ظلم ۽ ڏاڍ واريون طاقتون سک جو ساهہ کڻڻ کان محروم ٿي رهجي وڃن ٿيون.

تاريخ ۾ اها ڪا نئين ڳالهہ ناهي. اهو سمجهندي بہ تہ ظلم، زبردستيءَ ۽ بي انصافيءَ وارو رستو تمام اوکو ۽ ڳنڀير آهي، جتي قدم قدم تي رڪاوٽون آهن ۽ انيڪ قربانيون ڏيڻيون پيون ٿيون، دنيا جي عظيم انسانن ثابت قدم رهي، پنهنجي جدوجهد کي قابل رشڪ ۽ ان جي مقصديت کي مقدس بنائي ڇڏيو. اها ئي ايمان جي بلند ترين ۽ افضل ترين صورت آهي. حضرت امام حسين عليه السلام حق ۽ انصاف لاءِ ظلم ۽ زبردستي ڪندڙ باطل قوت يعني يزيديت کي للڪاريو، اُن خلاف حق جو نعرو بلند ڪيو، ۽ بي انصافيءَ ۽ ڪوڙ جي بنياد تي کڙي ڪيل اُن عمارت کي لافاني قرباني ڏيئي ڪيرائي پٽ ڪيو. (١٨-١٠-١٩٨٤ع)

— م. ش. پ

# پئسي جو قدر

پئسو ڪمائبو به آهي، خرچ به ڪبو آهي. پئسو بچائبو به آهي، وڃائبو به آهي. پئسو پاڻيءَ جيان هاربو به آهي. ڏوڙ جيان اڏائبو به آهي. پئسو پير به آهي، هٿ جو مير به آهي. ڪي پئسي لاءِ سڄي ڄمار سڪن، ڪي ان سان رانديون ڪندي مرن. ڪي پئسي جا پٽ، ڪي پوڄاري. ڪي پئسي تي دين ڏين، ڪي دنيا. پئسو دوزخ جو دڙڪو به آهي، جنت جو آسرو به. پئسو گناهه جو ڪارڻ به آهي، ڍڪ به آهي. پئسو خون به ڪرائي، خونيءَ کي ڇڏائي به. پئسو عزت ۽ شرافت جو نشان، صحت ۽ ذهانت جو سامان آهي. پئسو شاهه شهنشاهه، هر درد جو درمان، هر مشڪل آسان، مهربان قدردان آهي. پئسي سان پيار به ملي، يار به ملي. پئسي سان سڀ ملي، ري ڳولئي رب ملي.

پئسي جون اهي سڀ وصفون ڪنهن ڪتاب ۾ ڪينهن. اهي سڀ جون سڀ انهيءَ جهوني زماني جون آهن، جڏهن اڃا جهاز ۽ موٽر نه هئا. جڏهن اسانجن بزرگن ريل ڪانه ڏٺي هئي، ۽ سوداگر اٺن جا قافلا ڪري هلندا هئا. تڏهن نه سڄي ملڪ ۾ ريڊيا هئا، نه ٽي - وي ون ۽ وي - سي - آر. اڄ جڏهن زندگيءَ جون ضرورتون ۽ آسائشون بيحد بنجي ويون آهن، ۽ اقتصادي اڻ - برابريءَ جي ڪري هزارين مسئلا موجود ٿي ويا آهن، تڏهن پئسي جي ڪم ۽ ڪارج جو ڪاٿو ئي نه رهيو آهي. پئسي جون هاڻي ظاهري معاملن کان سواءِ جيڪي به اٽلڪيون سرگرميون آهن، تن سڄيءَ دنيا جي ماڻهن کي عجب ذهني مونجهارن ۾ مبتلا ڪري ڇڏيو آهي، ۽ انسانن جي اڪثريت هڪ خطرناڪ نفسياتي ڪشمڪش جو شڪار ٿي رهي آهي.

جيڪي ملڪ پنهنجي پيل آهن، تن ۾ پئسي جون اهي اٽلڪيون، نظر نه ايندڙ سرگرميون ڏينهون ڏينهن زور وٺي رهيون آهن، جيڪي

ڪمائي هرڪو ڪري، پر خرچ ڪرڻ هرڪو نٿو ڄاڻي.
خرچ ڪرڻ هاڻي هڪ فن آهي: اِهو پنهنجين ضرورتن کي سمجهڻ، آنهن جي اهميت مقرر ڪرڻ، ۽ اهميت آهر ضرورتن تي پئسو خرچڻ جو فن آهي. پين وٽ سهڪجهہ آهي، تنهن سهڪجهہ کي هٿ ڪرڻ لاءِ پاڻ کي پئسي هٿان بيوس بڻائڻ بدران، پنهنجين بنيادي ضرورتن جي پورائيءَ کي اوليت ڏيڻ کپي. اِها ڳالهہ اسان کي پئسي جو قدر سيکاريندي، ۽ اِن طرح اسين وڌيڪ ۽ بهتر سهولتون حاصل ڪري سگهنداسين.
هيءَ ڳالهہ نہ رڳو انفرادي طرح، پر اجتماعي طرح بہ عمل ۾ اچڻ کپي: نہ رڳو فردن ۽ خاندانن کي پر سڀني عوامي ادارن ۽ سرڪاري کاتن، بلڪ خود رياست کي بہ اها ذميداري محسوس ڪرڻ کپي تہ هر سطح تي فضول خرچيون بند ڪيون وڃن، جيئن عام ماڻهن جون بنيادي ضرورتون بهتر طريقي سان پوريون ڪري سگهجن. جيستائين پئسي جو صحيح ڪارج تسليم نہ ڪيو ويندو، تيستائين انفرادي توڙي قومي اوسر جي آميد اجائي آهي. (٢٦-٧-١٩٨٤ع) ـــش.ا.ح

# آزادي انعام

آزاديءَ جا انيڪ روپ آهن ـــ جيترا جذبي، احساس ۽ عمل جا روپ ٿي سگهن ٿا ـــ جيترا خيال ۽ تصور جا، فڪر ۽ نظر جا، ذهن ۽ ضمير جا روپ ٿي سگهن ٿا.
وشال نيري آڪاس تي ترندڙ ڪيرولي ڪڪرن جون قطارون، ڪنوڻ جا تجلا ۽ گوڙ جون ڌڌڪارون، جهڙڦڙ ۽ مينگهہ ملاريون، وڻ ٽڻ ۽ گاهہ گلزاريون، کيتن ۾ خوراڪ جا پنڊار، باغن ۾ رنگبرنگي گلن جي بهار، سائيدار ۽ ميويدار درختن جي فرحت ۽ افاديت، درياهن ۽ واهن ۾ پاڻيءَ جي موج ۽ آنهن جي ڪنارن

ئي، انسان آزاديءَ خاطر پنهنجي سر ۽ ساهه جون قربانيون ڏيئي سگهي ٿو.

آزاديءَ جا انيڪ روپ آهن. اسان کي اِن جي هر روپ کي نکارڻو آهي. پنهنجي وجود جي آسپاس، هر نظاري سان نينهن جو ناتو استوار رکڻو آهي. اِها قدرت جي منشا آهي. اِهو اسان جو ازلي فرض آهي.

(٢)

١٤ آگسٽ واري ڏينهن — پاڪستان قائم ٿيڻ ۽ انگريزن کان آزادي ملڻ واري ڏينهن — جي مناسبت سان، هن شماري ۾ پاڪستان جي باني قائداعظم محمد علي جناح جي اُنهيءَ تقرير جو ترجمو ڏنو ويو آهي، جيڪا هُن پاڪستان جي دستورساز اسيمبليءَ جي پهرئين صدر چونڊجڻ واري موقعي تي، اسيمبليءَ جي ميمبرن اڳيان ڪئي هئي.

قائداعظم پنهنجيءَ پهرينءَ ئي تقرير ۾ جيڪي ڳالهيون ڪيون آهن، سي اڄين ئي پولائي ڪيون آهن ته آهي هن ملڪ کي هلائڻ لاءِ بنياد بنايو وڃن — ۽ بيشڪ اهي سڀ جون سڀ ڳالهيون ڪنهن به ملڪ کي هلائڻ لاءِ بنيادي اهميت رکن ٿيون.

حڪومت جو پهريون فرض هُن اهو ٻڌايو آهي ته ملڪ ۾ ”امن امان رکيو وڃي ته جيئن مملڪت طرفان سندس رعيت جي حياتين، ملڪيتن ۽ مذهبي عقيدن جو مڪمل طور تي تحفظ ٿي سگهي.“

رشوت، بدعنوانيءَ، اقربا پروريءَ، سفارش، پاسخاطريءَ چور بازاريءَ ۽ فرقيوار تعصب جي ٻچڙائين کي هُن سڀ کان وڏيون لعنتون ۽ هن ملڪ لاءِ اهڙو خطرناڪ زهر ڪوٺيو آهي، جنهن کي فولادي هٿن سان ختم ڪرڻ کپي.

اڄ قائداعظم ڪونهي پر سندس ملڪ موجود آهي، جنهن جي ستٽيهين سالگرهه جي موقعي تي اهو سوال اڃا ڪر کنيو بيٺو

آهي ته قائداعظم جي ڳالهين کي پاڪستان جو بنياد ڇا ٿي بيان فرمايو هو، تن جو ڇا ٿيو؟

پاڪستان سٺيهن سالن دوران جن حالتن مان گذرندو رهيو آهي، تن کي ڏسندي، ڪير چئي سگهندو ته قائداعظم جي ڪيل هن ملڪ جي تعمير لاءِ تشخيص غلط هئي؟ ڪير نه مڃيندو ته هُن جن ڳالهين تي عمل ڪرڻ جي تلقين ڪئي هئي، تن تي عمل نه ڪيو ويو، ۽ جن ڳالهين کي روڪڻ جي تاڪيد ڪئي هئي، تن کي روڪيو نه ويو. پاڪستان جا بنياد وقت بوقت کوٽا ڇاتا ويا آهن، آهي ڪلهه کوٽا پڌايا ويا ۽ اڄ کوٽا پڌايا وڃن ٿا، تن سڀني جي پيٺ ۾ قائداعظم جيڪو بنيادي نڪتو ملڪ جي خوشحاليءَ ۽ شادابيءَ لاءِ بيان فرمايو آهي، سو فقط هڪڙو آهي — ۽ اهو هيءُ ته

”اسين جيڪڏهن چاهيون ٿا ته پنهنجي هن عظيم ملڪ پاڪستان کي خوش ۽ شاداب بڻايون، ته اسان کي دليوُن جانيوُن عوام جي ڀلائيءَ لاءِ، ۽ خاص ڪري عام ماڻهن ۽ غريبن جي ڀلائيءَ لاءِ پاڻ کي وقف ڪري ڇڏڻو پوندو.“

پاڪستان جي جشن جي مبارڪ موقعي تي، هر فرد کي پنهنجو پاڻ کان ۽ هڪٻئي کان پڇڻ کپي تــه قائداعظم جي ملڪ جا بنياد ڪيڏانهن ويا؟ (١٦-٨-١٩٨٤ع) —ش.ا.ج

## محنت ۽ محبت

انسان عمل ۽ جذبي جي وصفن جو ميل آهي. عمل خارجي ۽ جذبو داخلي وصف آهي. عمل انسان جي ٻاهر واريءَ دنيا ۾ پنهنجي ڪارفرمائي ڏيکاري ٿو، ۽ جذبو انسان جي اندر واريءَ دنيا ۾ پنهنجي منڊلي مچائي ٿو. عمل جسم جي ڇرپر سان ۽ جذبو روح جي رغبت سان وجود ۾ اچي ٿو. ڏرتيءَ تي قدرت جي ڪارنامن

سان گڏ جيڪي به نرالا نظارا نظر اچن ٿا، سي انساني عمل جا شاهڪار آهن؛ ۽ انساني سماج ۾ جيڪي به لڳ لاڳاپا وجود ۾ آيا آهن، سي انساني جذبي منجهان آسريا آهن. عمل ۽ جذبو، اِن طرح، انسان جي سموري ظاهر ۽ باطن جي علامت آهن ۽ سندس سموري سڃاڻپ اِنهن ٻن علامتن سان ٿئي ٿي.

انسان جي سمورين عملي سرگرمين جي سرخي "محنت" آهي، ۽ سمورن انساني جذبن جي شانداري "محبت" آهي. قدرت جا اِهي ٻيئي عظيم عطيا، انسان جي زندگيءَ جو مقصد آهن. اِن لاءِ تہ اِنسان محنت سان هن ڌرتيءَ کي سهڻو ۽ وڻندڙ بنائي، ۽ محبت سان اُن تي خوش گذاري.

انسان ابتدا کان، محنت ۽ محبت جي سهاري، ڌرتيءَ تي سونهن ۽ سرهائيءَ جي پوک پچائيندو رهيو آهي. پر الائي ڪيئن، خدا جي خدائيءَ جا دشمن انسانذات جي نسل ۾ گھڻي زماني کان شامل ٿي ويا آهن، جيڪي ماڻهن جي محنت تي ڌاڙا هڻن ٿا، اُنهن جي ڪيل ڪمائيءَ کي تباهہ ۽ برباد ڪن ٿا، جي محبت جي جاءِ تي نفرت جو ٻج پوکين ٿا. اِن طرح، اهي قدرت جي منشا ۽ زندگيءَ جي مقصد کي مڪمل ٿيڻ کان روڪين ٿا. اِهو ڪم هو ڌرتيءَ جي هر حصي ۾ ڪن ٿا، ۽ عمل ۽ جذبي، محنت ۽ محبت، سونهن ۽ سرهائيءَ جي سمورن شعبن ۾ ٽنگ اڙائين ٿا. سياست، مذهب، ادب، تعليم، تاريخ، اقتصاد — سڀني ميدانن ۾ هيءَ انسان - نما مخلوق انسانذات سان جنگ جوڙي ٿي. اِن لاءِ هوءَ بم بارود ٺاهي ٿي، جيٽ ۽ ميزائيل جوڙي ٿي، توبون ۽ ٽئنڪون تيار ڪري ٿي، فوج جي ڀرتي ڪري ٿي ۽ فوجي اڏا قائم ڪري ٿي- ۽ انهن تي جيڪي رقمون خرچ ٿين ٿيون، سي انسانن کان وصول ڪري ٿي. ان طرح انسانذات جي ترقيءَ ۾ رنڊڪ پوي ٿي. ڪيس وڏيڪ محنت ڪرڻي پوي ٿي، ۽ سندس ڪيل محنت اجائي وڃي ٿي. محبت ۽ پيار جي ماحول ۾ خوف ۽ هراس پيدا ٿئي ٿو.

گذريل ۱۸ سيپٽمبر تي سڄيءَ دنيا ۾ "امن جو عالمي ڏينهن"

ڏهه في سيڪڙي ٻارن کي سِس سنڌي ذريعي تعليم جا موقعا ملي نٿا سگهن. سنڌ جي هنن ۽ ٻين وڏن شهرن جا ٻارڙا، سنڌي ميڊيم اسڪول جي سهوليت کان محروم آهن. ۽ سنڌي ٻار آتي اردو ميڊيم ذريعي تعليم حاصل ڪرڻ تي مجبورٿيل آهن. نتيجي ۾ اسان جي ٻارن جي اهليت متاثر ٿئي ٿي، ۽ اسان جي سڄاڻپ ۽ ۽ اسان جي ساڃاهه اسان کان کسجي ٿي.

نه رڳو اسان وٽ پر عالمي طور اها مڃيل حقيقت آهي ته سنڌي ٻولي دنيا جي شاهوڪار ٻولين مان هڪ آهي، جا هر ميدان ۾ اسان لاءِ ڪافي هجڻ جي اهليت رکي ٿي. ١٩٧٣ع واري آئين هيٺ، جنهن جي مقبوليت ۽ تقدس جو ملڪ ۾ وڏو چرچو آهي، سنڌي ٻوليءَ جي ذريعي تعليم طور ۽ ۽ سنڌ ۾ سرڪاري ٻوليءَ طور قانوني ۽ آئيني حيثيت تسليم ٿيل آهي. هئڻ ته ائين گهرجي ها، جو اختياريءَ وارن طرفان جوڳا قدم کڻي، گهٽ کان اڳ ۾ ئي، سنڌي معاشري جي هنن اهم ۽ بنيادي انساني ۽ شهري گهرجن طرف صحيح رويو اختيار ڪري، کين مبهم سوچ سوچڻ تي مجبور ٿيڻ کان بچائجي ها. پر شايد سنڌ ۽ سنڌين جي ٻين لاتعداد بنيادي مسئلن ۽ ضرورتن وانگر، رڳو هن فطري انساني تعليمي گهرج طرف به ڌيان نه ڏيڻ ضروري سمجهيو وڃي ٿو، ته جيئن هيءَ معاشرو، سياست ۽ معاش جي ميدانن سان گڏ سماجي ۽ تهذيبي طور به ڪنگلو، پنگلو ۽ ڪانيارو رهڻ تي مجبور هجي.

اهڙيءَ حالت ۾ خود اسان تي، اسان جي باشعور ۽ ذميدار تهذيبي ۽ سماجي اڳواڻ فردن تي، ئي اِن سلسلي ۾ وڏي ذميداري عائد ٿئي ٿي. پنهنجي مادري ٻوليءَ ۾ تعليم جي حق ماڻڻ کان اسان جي ٻارن کي جيڪڏهن محروم رکيو وڃي ٿو، يا ان جي اهميت کي ڪن ٻين طريقن سان گهٽايو يا ڌاريو ٿو وڃي، ته پوءِ اسان کي لڪي ٻڌي ٻاٽ تي به ٻارڙن گهرجي. هڪ ته پرائيويٽ اسڪول کولڻ تي ڪا پابندي ناهي، ٻيو ته وفد ڏاهي، انگ اکر گڏ ڪري، پنهنجن تعليمي حاڪمن جي آفيسن ۾ وڃي، انهن جي

ذميداريون ڪافي ڪنهن چڱيءَ حد تائين نباهي سگهون ٿا.

(۴-۹-۱۹۸۴ع) — م. ا. ج

## عيد مبارڪ

”هدايت“ جي محترم پڙهندڙن جي خدمت ۾ عيدمبارڪ.

خوشيءَ ۽ خريد جي هيءَ ڏڻ هرڪو پنهنجي حال آهر ملهائي ٿو. گهر تورڙي گهٽيءَ ۾، ڪاڏي ۽ ڪپڙي جي بهار هوندي آهي. پر عيد جو مقصد نه عمدن طعامن ۾ آهي، ۽ نه نون ڪپڙن ۾. حڪم ته اِئين آهي ته پنهنجي گهر وارن سان سٺو سلوڪ ڪريو، پاڙي جي پر گهور لهو، ۽ ٻڪين ۽ ڏکين، مسڪينن ۽ محتاجن جي مدد ڪريو. روزا رکيا اٿو ته ٻڪئي پيٽ جو قدر ڪريو. عبادت ڪئي اٿو ته انگ - اگهاڙن تي ڪهل ڪريو. عيد ملهايو ٿا ته ماٺهن جي ميڙ ۾ مايوس مهاندن جي حسرتن کي پڙهو. عيد ملو ٿا ته اڳلن ۽ ڳدلن کي ڳلي لڳايو. خرچ ڪريو ٿا ته بيمارن کي صحت وٺي ڏيو، بيعلمن کي علم جي روشني وٺي ڏيو. حيثيت رکو ٿا ته بيروزگارن کي روزگار وٺي ڏيو، لڙڪ لاڙيندڙن کي مرڪ وٺي ڏيو، ۽ حياتيءَ کان تنگ آيلن کي جيئڻ جو حق وٺي ڏيو.

عيد ڪو هڪڙي ڏينهن جو ڏيک ڪونهي. روزن جي رياضت، عمل جي دائميت لاءِ آهي، عيد جي خوشي، خوشيءَ کي دائمي طرح عام ڪرڻ لاءِ آهي.

شال اسان جا جهانگي ۽ وانگي، ڏنار ۽ پنوهار، سدا سکي رهن: شال اسان جا مارو ۽ مالوند، ڳيرو ۽ ڳنوار، سدا جيئن ۽ کير پيئن: شال اسان جا دودا ۽ جوڌا، سورهيه ۽ سرويچ، سدا سلامت ۽ سگهارا رهن: شال اسان جون ماريون ۽ موسلون، پايون ۽ پاڳهيون، سدا مُرڪنديون ۽ مَرڪنديون رهن: شال اسان جا ڪيت ۽ ڪرا، لانڊيون ۽ اوطاقون دائم ۽ قائم رهن: شال اسان جي ڏيهه مان ڏڪاريا ۽ موذي سپ مرن: شال سنڌ مٿي سدائين سڪار

رهي، شال سڀ عالم سدا آباد رهي!

"سائينءَ سدائين ڪرين، مٿي سنڌ سڪارُ،
دوست تون دلدارُ، عالَمُ سڀ آباد ڪرين!"

(٢٨-٦-١٩٨٤ع) — م. ا. ج

# مالڪ، نوڪر ۽ نوڪرشاهي

دنيا جي آزاد ۽ خودمختيار ملڪن ۾ عملدار يا ڪاموري جو تصور هڪ اهڙي ذريعي جو آهي، جيڪو حڪومت جي انتظام هلائڻ جو ذريعو ته بڻجي ٿو پر پاڻ کي عوام جو خادم يا نوڪر (Servant) ۽ عوام کي پنهنجو مالڪ (Master) سمجهي ٿو.

پر جيتريقدر اسان جي ملڪ جي عملدار يا ڪاموري جو تعلق آهي، هو هڪ اهڙي ذهنيت جو شڪار آهي، جنهن کيس عوام کان پري ڪري ڇڏيو آهي. هو ڏاڍ ۽ ظلم جو هٿيار به آهي ۽ ان جو رکوالو به آهي. عوام جي پگهر جي پورهئي مان ڏنل ٽيڪس تي پلجڻ جي باوجود، هو عوام کي حقير ۽ پاڻ کي سندن حاڪم مطلق سمجهي ٿو.

برطانيه، جڏهن ننڍي کنڊ جي علائقن تي قبضا ڪرڻ شروع ڪيا، تڏهن پنهنجي راڄ کي قائم رکڻ ۽ آن جي انتظام هلائڻ جو آن هڪ طريقو مرتب ڪيو، جنهن جي نتيجي ۾ نوڪر-شاهي ذهنيت رکڻ وارو ٽولو وجود ۾ آيو جيڪو خود غلام هوندي عوام کي پنهنجو غلام سمجهڻ لڳو، ۽ ائين هي جيڪي نوڪر هئا، ۽ عوام جا به نوڪر هجڻ کپن ها، سي ٿوري عوام مٿان پنهنجي آقائيت يا شاهيءَ جي دعويداري جتائڻ ۽ هلائڻ لڳا.

اسان مٿي آزاد ۽ خودمختيار ملڪن ۾ ڪاموري يعني سرڪاري عملدار جو ذڪر ڪيو آهي، جنهن جو ڪردار پنهنجي پنهنجي ملڪ جي عوام جو جلاد ٿيڻ نه پر آن جو مددگار ۽ مسيحا بڻجڻ هوندو آهي. هنن وٽ پنهنجي فرض جو قدر، ذميداريءَ جو احساس، ۽ پنهنجي وطني پائرن لاءِ محبت ۽ احترام جو جذبو هوندو

آهي، ۽ ائين هو پنهنجي ملڪ ۽ ملڪي ماڻهن جي خوشحاليءَ ۽ ترقيءَ ۾ پنهنجو ڀرپور ڪردار ادا ڪندا آهن. اهوئي سبب آهي، جو اهڙن آزاد ۽ باوقار ملڪن جا ماڻهو حالتن جي گهاڻن ۾ پيڙجي، بندوق جو سهارو وٺي، ٻيلن ۾ رهڻ ۽ لڪي لڪي چورين ڪرڻ ۽ ڌاڙن هڻڻ تي مجبور ڪونه ٿيندا آهن.

اسين هتي پنهنجي ملڪ پاڪستان جي نوڪر شاهيءَ جي انهن عالي مقام سازشين، عوام دشمنن، طاقت ۽ اختيار جي انڌ ۾ ورتلن ۽ پاڻ کي آپيشاهه سمجهندڙن وڏن گرگن، يعني غلام محمد، چوڌري محمد علي، اسڪندر مرزا يا ايوب خان، بابت ڪو اظهار نٿا ڪرڻ گهرون، جن پنهنجي حقير خواهشن لاءِ انڪلون ۽ حرفتبازيون ڪري ملڪ جي اقتدار اعليٰ تي چور دروازي کان قبضو ڪيو، ۽ ملڪ جو مستقبل پنهنجي خسيس نفس جي خسيس ريچڪن ۽ مختصر دماغن جي مختصر ذاهپن جي داءَ تي لڳائي ڇڏيو. پر هت اسين انهن عالي مقام غلامن جي به غلامن يعني آفيسرن ۽ آفيشلن جو ذڪر ضرور ڪنداسون، جيڪي اسان جي هڪ بزرگ جي چوڻ موجب ذهن، زبان، ظرف ۽ ضمير کان اڄ بلڪل ئي خالي ٿي چڪا آهن ۽ ايڏا ته بکيا ۽ بزدل آهن، جو، سواءِ پنهنجي تـرت بالادست جـي خوشنوديءَ ۽ پنهنجي آڏو پيل ڪنهن نه ڪنهن هڏي کي ڏسي گيگن ڳاڙڻ جي، ٻيو ڪجهه به ڪرڻ ڪونه ٿا ڄاڻن ۽ نـه ڪرڻ چاهين ٿا. ۽ ائين هـو صرف پنهنجين حسرتن جـا اسير، "هـذا من فضل ربيءَ" جـا ڳولائو، "لانگ بوٽن" جي خوشنودي حاصل ڪرڻ خاطر ڪجهه به ڪري گذرڻ جي "همت" رکڻ ۽ "چستي" ڏيکارڻ وارا، بدليءَ، پروموشن مارجڻ ۽ انڪريمينٽ رڪجڻ جهڙن معمولي خلشن کان ڪنبندڙ ۽ ڀگهر ڳاڙيندڙ، ڪنهن به بيواهي جـو ڪو به واجبي ڪم نه ڪندڙ، ڪنهن به فيصلي ڪرڻ جـي قوت ۽ ارادي کان عاري، رڳو ڪرسين تي ويهي ويهي ٻناڪون هٽي هٽي، ۽ پنهنجن صاحبن جا بوٽ چٽي چٽي، پنهنجو سڄو وقت گذاريو ٿا ڇڏين.

ملڪ جو نوي فيصد عوام جنهن نموني مسئلن ۾ گهيريل آهي ۽ روزگار، علاج معالج، تعليم، اجهي ۽ عزت سان عمر جا ڏينهن گذارڻ ۽ پنهنجي جائز حقن حاصل ڪرڻ لاءِ پريشان آهي، تنهن ڪان ڪا بہ دردمند دل متاثر ٿيڻ ڪان رهي نٿي سگهي. اسين ائين چوڻ ۾ پاڻ کي حق بجانب سمجهون ٿا تہ اِن ڪان اڳ، جو ملڪ جو عوام هينن پنهنجن نوڪرن کي، پنهنجيءَ ”نوڪر-شاهيءَ“ جي هينن مرده دل ۽ بددماغ ڪارندن کي، ڪرسين خالي ڪرڻ ۽ ڦرلٽ جي جمع ڪيل مال مان وچي ڪنهن بئي ڪم ڪار ڪرڻ تي مجبور ڪري، يا سندن پيو ڪو سخت احتساب ٿئي، کين صلاح ٿا ڏيون تہ هو پنهنجي ذهنيت بدلائين، ماڻهن جو ڏک درد سمجهن، آنهن کي پاڻ جهڙو انسان ڄاڻن، ۽ پنهنجا موقعا ۽ پنهنجا اختيار آنهن جي مسئلن کي حل ڪرڻ ۾ استعمال ڪن، ۽ ائين پنهنجي جيئڻ جو، ۽ آن جيئڻ لاءِ، هو جيڪو ملڪ ۽ ملڪ جي ماڻهن جو ”ليمڪ“ کائين ٿا، آن جو حق ادا ڪن.

(۲۵-۱۰-۱۹۸۴) — م. ش. پ

## اندرا جي احترام ۾

هندستان جي سورهيہ ۽ سرويچ، عظيم رهنما ۽ سياستدان شريمتي اندرا گانڌي بہ نيٺ لاڏاڻو ڪري ويئي. سندس جدائيءَ تي، هر دل رڪندڙ ماڻهوءَ جي اکين ڳوڙها ڳاڙيا آهن.

پنڊت جواهر لال نهروءَ جي ڌيءَ ۽ موتي لال جي پوٽي، هندستانين جي دلين تي حڪمراني ڪندڙ هيءَ راڻي، غريبن جو آسرو ۽ سندن آواز هئي. هن پنهنجي ملڪ ۽ پنهنجي ماڻهن جي جنهن روح گرمائيندڙ عمل ۽ سچي جذبي سان خدمت ڪئي، ۽ جنهن شان، وقار، خود اعتماديءَ ۽ تدبر سان حڪومت هلائي، سو هندستان جي تاريخ جو هڪ سونهري باب آهي. هن ڪڏهن بہ پاڻ کي مجبورن ۽ ڪمزورن ڪان پري نہ رکيو، ۽ هميشه مظلومن جي ڪمزور آواز سان آواز ملائي سندن حوصلہ افزائي ڪئي، ۽

پنهنجي ضمير کي زنده رکيو. هوءَ هڪ اهڙا ذهين ۽ روشن خيال سياستدان هئي، جنهن هندستان جي روايتي ۽ نامور سياستدانن کان مختصر وقت ۾ اڳتي وڌي، هندستان جهڙي وسيع ۽ عظيم ملڪ جي پنهنجي خاص ڍنگ سان قيادت ڪئي. هوءَ هڪ لائق منتظم، ملنسار ۽ اعليٰ صلاحيتن واري اهڙي نرالي شخصيت هئي، جنهن جو دنيا جا سڀ پهرينءَ صف جا اڳواڻ خلوص دل سان احترام ڪندا هئا. اِن لاءِ ظاهري ثبوت سندس  ير جانبدار ملڪن جو صدر هئڻ ۽ سندس ديهانت بعد عالمي رهنمائن طرفان ڪيس خراج-عقيدت جي اظهار طور لفظن جو انتخاب ئي ڪافي آهي. سچ هيءُ آهي ته ملڪي توڙي عالمي دائري ۾ مسز اندرا گانڌيءَ جي سرانجام ڏنل ڪارنامن، هندستان جي هِن عظيم سپتريءَ کي انسانيءَ تاريخ جو هڪ لافاني حصو بنائي ڇڏيو آهي.

محترمه اندرا گانڌيءَ جي شهادت، درحقيقت جمهوريت ۽ سيڪيولرزم جي زرين اصولن جو خون ۽ هڪ اهڙو نقصان آهي، جنهن جي تلافي شايد ڪو زمانو نه ٿي سگهي. سندس بهيمانه قتل جي هن انتهائي دکدائڪ واقعي تي اسين پنهنجي گهري ڏک ۽ رنج جو اظهار ڪرڻ کان سواءِ رهي نٿا سگهون. اسان جي دعا آهي ته سندس جمهوريت، سيڪولرزم ۽ سوشلزم جي اعليٰ اصولن جي شمع سدائين ڀارت جي وسيع خطي ۾ روشن رهي ۽ اُن کي مذهبي جنون ۽ دولتوڪرسيءَ جي هوا، جيڪا اُتي به اڄ وڏو خطرو بنيل آهي، ڪڏهن وسائي نه سگهي.

ڪن حلقن جو خيال آهي ته مسز اندرا گانڌيءَ جي قتل ۾ ڪنهن سامراجي سازش جو دخل آهي، جيڪا دنيا جي آزاد ۽ خودمختيار ملڪن ۾ مضبوط ۽ مقبول ليڊرن کي گهڻو وقت برداشت نه ڪري سگهندي آهي. جي ائين آهي ته پاڻ وڏيڪ هِن برصغير جي جمهوريت پسند، انسانيت نواز ۽ حق پرست اُنهن حلقن جو فرض ٿئي ٿو ته هو اهڙين سازشن جي نقاب ڪشائي ڪن ۽ ڪڏهن به اُنهن کي ڪامياب ٿيڻ جو موقعو ميسر ٿيڻ نه ڏين.

# خـــط

جي تشخص کي بحال ڪيو. ون يونٽ سرڪار جي ڇڏيل ’پيڙهيءَ‘ آن ڪان پوءِ به هن يا هن وسيلي پاڪستاني عوام کي برغلائڻ لاءِ ”سنڌ“ ۽ ”ڪراچيءَ“ جا لفظ استعمال ڪيا، ۽ ڪن هنڌن تي پروچن، بروهين، سرائڪي ڳالهائڻ وارن، مهاجرن، پنجابين، پٺاڻن، مزدورن ۽ نون سنڌين ۽ پراڻن سنڌين جا اصطلاح ڪم آڻي ۽ متعدد قبائلي تنظيمن جي قيام جي همت افزائي ڪري، سنڌ جي آنهيءَ تشخص جي خلاف ڪم ڪيو، جنهن جي آڌار تي سنڌ اينرن گروهن کي پاڻ ۾ جذب ڪري پنهنجي وجود کي قائم رکندي آئي. ۽ آخر پنجاب جي جهانديده سياستدان ميان محمد ممتاز دولتانه کي اهو اقرار ڪرڻو پيو ته سنڌ کي هڪ تشخص حاصل آهي.

دولتانه صاحب جي هن اظهار راءِ جي پويان ڪهڙو راز ۽ سبب آهي، اهو هڪڙو بيو سوال آهي، پر اسان لاءِ سنڌن هن راءِ سان گڏ پٺي سنڌن اظهار راءِ تي هڪ خيال اڳيان آڻڻ تمام ضروري آهي. آها سنڌن راءِ اِها آهي ته پنجاب کي تشخص ۽ وحدت حاصل نه آهي، جيئن تازو (٢-٦-١٩٨٤ع تي) بي. بي. سيءَ پاران نشر ڪيل انٽرويو ۾ دولتانه صاحب چيو.

هن راءِ تي ملڪ جي باشعور ۽ ملڪ جي تاريخ کان واقف دوستن کي پڪ آهي ته ڏاڍو اچرج لڳو هوندو. حقيقتون، جيئن هوڪو ڇاڻي ٿو، اهو ٿيون پڌائين ته پنجاب کي بيو تشخص حاصل آهي ۽ پنجاب جي سياست پنهي هٿن سان آن وحدت ۽ تشخص جو فائدو حاصل ڪيو آهي. پنجاب جو وڏي ۾ وڏو تشخص، ان جي نوڪرشاهيءَ، طاقت ۽ برتريءَ واريءَ حيثيت ۾ موجود آهي. هن حيثيت پنجاب کي هڪ صوبو نه پر هڪ طاقتور وجود، هڪ طاقتور علائقو بنائي ڇڏيو آهي، جيڪو ڪنهن به وقت ڪنهن به گروهه سان زور آزمائي ڪري، پنهنجو تشخص بحال ڪري ٿو سگهي، ۽ ڪري ٿو.

بيو تشخص جيڪو پنجاب کي حاصل آهي، سو آهي سنڌس

”پنجاب“ هئڻ جو، جنهن ۾ زمين، ٻولي، آباديءَ جي اڪثريت، سياست جي مخصوص طرز فڪر، ۽ مالي وسيلن جـي شاهوڪاري وغيره اچي وڃي ٿي. هي آهي شيون آهن، جن پنجاب کي هڪ وڏو تشخص بخشيو آهـي. پـاڻ جناب دولتانہ بہ اِهـا ڳالهہ فخر سان چوندو تہ پنجاب دنيا جي انتهائي شاهوڪار زمين آهي. آهو پنجن درياهن جي مٽيءَ ۽ پاڻيءَ سان آبـاد آهي ۽ ان کي هڪ زبان ۽ هڪ ڪلچر تاريخي طور تي مليل آهي. اِنهن ڳالهين جي ڪري بہ پنجاب پاڪستان ۾ هر طرح سان هڪ مضبوط، آباد ۽ خوشحال صوبو آهي. پر جناب دولتانہ جيڪا ڳالهہ ڪرڻ نٿو گهري ۽ نٿو ڪري، سا هيءَ تہ پنجاب جي مخصوص سياست ۽ طاقت جو وڏو ڪارنامو اِهو آهي تہ پاڪستان جي تاريخ ۾هـڻ صوبي هر ٻاهرينءَ يلغار کي منهن ڏنو ۽ ڪنهن بہ ڌارئي عنصر يا گروهہ کي پنهنجيءَ مقدس زمين تي حقيقتاً دخلڪار ٿيڻ نہ ڏنو. ڀارت کان آيل مهاجر ”مسلمان ڀائر“ ۽ ”پاڪستان جا سچا سپاهي“ ۽ ”اصل وارث“ بـہ پنهنجيءَ گروهي حيثيت سان پنجاب ۾ داخل ٿي يـا رهي نـہ سگهيا ـــ توڙي جو پنجاب، پاڪستان ۽ اسلام جو مضبوط قلعو هو: ۽ سنڌ ئـي اِنهن ماڻهن کي پليڪار ڇڏي پـاڻ وٽ آندو ۽ آبـاد ڪيو. پنجاب ۾ هندو بلڪل رهي نـہ سگهيا، جو پنجاب مسلمانن کان سواءِ ٻئي ڪنهن سان اشتراڪ ڪري نٿو سگهي؛ پر پنجاب ۾ نہ افغان مهاجرين داخل ٿي سگهيا، نہ بهاري ۽ بنگالي مهاجرين. پنجاب ۾ داخل ٿيڻ لاءِ ياگهر ڪري ويهڻ لاءِ واقعتاً دروازا رڳو پنجابي ماڻهن يـا پاڻ کي پنجابي بڻائي پنجاب ۾ جذب ٿـي وڃڻ وارن لاءِ ئي کلي سگهيا.

جناب دولتانہ چٽر ڪندي چوي ٿو تہ پنجابي ڳالهائڻ وارن کي جاهل سمجهيو وڃي ٿو. پـر اِها ڳالهہ هرڪو ڄاڻي ٿو تہ نہ رڳو دولتانہ خاندان بلڪ پنجاب جـو هر سڌريل ۽ ڦارورڊ خاندان بہ نجي زندگيءَ ۾ بهتر اظهار رڳـو پنجابيءَ ۾ ئـي ڪري سگهي ٿو، ۽ ڪري ٿو.

ڪي ۽ نون آباد ٿيندڙن کي ڏنيون ٿيون وڃن. جيڪي ضرورتون هي اصلوڪا رهاڪو گهرن ٿا، سي نوان آباد ٿيندڙ ماڻهو به گهرن ٿا، پوءِ آخر ڪهڙو سبب آهي جنهن ڪري هڪڙن ماڻهن کي ٻين ماڻهن تي ترجيح ڏني ٿي وڃي؟

آخر آهي ڪهڙا سبب آهن جن جي ڪري ڪين دربدر ڪري انهن کي ۽ دنيا کي اهو ڏيکاريو ٿو وڃي ته ڪراچيءَ ۾ يا سنڌ جي ٻين وڏن شهرن ۾ سنڌ جا اصلوڪا ماڻهو ڪنهن به ريت وسائي ۽ ورسائي نٿا سگهجن.

"هدايت" جي صفحن جي مهربانيءَ سان اها ڳالهه واضح ڪرڻ مناسب ٿيندي ته سنڌ جي اندر ماڻهوءَ کي ماڻهوءَ سان ويڙهائڻ، طبقن کي پيدا ڪرڻ، هڪڙن کي دربدر ڪري ٻين کي خوش ڪرڻ سراسر ظلم آهي. انصاف تي ٻڌل ڪنهن به نظام جو هرگز اهو ڪم نه آهي. اِنهيءَ ڪري، آشد ضروري آهي ته هينئن بي انصاف ماڻهن جي بد ارادن جو ڪو بلو ڪيو وڃي ۽ شهرن جي گهيرين ۾ آيل ڳوٺن کي جائز حق ۽ سهولتون ڏنيون وڃن.

— مدثر حيات، حيدرآباد (٩-٨-١٩٨٤ع)

## بدين جي زمين

—حاليه جمهوري تحريڪ دوران هنگورن جي ڳوٺ ۾ اچڻ کان اڳ بدين ضلعي ۾ گولاڙچيءَ جي رهواسي هيس، جت جايس ۽ نپنيس.

بدين ضلعي ۾ سالن کان ڏاڍ جو سلسلو ڏسندي پئي آيس، جنهن ۾ غريب هارين کي بيدخل ڪري، سندن ٻنين ۾ اکيون وجهي، جهٽ هنيا ويا، ۽ نون زميندارن کي ڪوٽ ڏيئي، سندن جاءِ پئي پري ويئي.

هنن ئي ڪالمن ۾ مسٽر حيدربخش جتوئيءَ جو خط پڙهي ڏاڍي خوشي ٿـي هيم، جنهن کي سنڌي اخبارن به ترجمو

ڪري شايع ڪيو هو ۽ ان جي نتيجي ۾ موٽ ۾، حڪومت ڪنهن حد تائين پنهنجي پاليسيءَ تي پڻ نظرثاني ڪئي هئي. اهو نظر ۾ رکندي ئي بدين ضلعي جي زمين جي ورڇ جي صورتحال بابت لکي رهي آهيان. ٽنڊي غلام عليءَ ۽ ماتليءَ جي پسگردائيءَ وارا علائقا غيرسنڌي آبادڪاريءَ جا گڙهه آهن. ۽ ماتليءَ ويجهو نــئي نوان ڳوٺ قائم ڪيا ويا آهن، جت نوان زميندار اسري رهيا آهن. اهي زميندار وڏي پيماني تي ٻصرن جي پوک ڪن ٿا ۽ اها پيدائش ملڪ جي ٻين حصن ۾ به امائين ٿا. ۽ هتي ڪمي ۽ هاري پڻ سنڌ کان ٻاهران آندا وڃن ٿا، ۽ مڪاني هارين کي بيدخل ڪري، ڪين سنڌ جي ٻين علائقن يا وڏن شهرن ڏي ڌڪيو وڃي ٿو.

۽ نتيجي ۾ آهي ڏتڙيل هاري گهٽ درجي جــو پورهيو ۽ هٿ پريءَ وارو ڪم به حاصل ڪري نٿا سگهن.

ايتري قدر جو تيل جي کوٽائيءَ جي ڪمن لاءِ به صاحبن جي ديس مان ماڻهو آندا وڃن ٿا.

بدين ضلعو 'سابق خدمتگارن' جـي آبادڪاريءَ جــو وڏو مرڪز آهي. آتي زمين جـي بخشش جــو اهو سلسلو ١٩٦٠ع جي اوائل ڌاري ايوب خان جـي ڏينهن ۾ شروع ٿيو هـو. ايوب خان بذات خود به انهن اوائلي آبادڪارن مان هڪ هو. ايوب خان آتي مڪاني زميندار دوستن کـي زمين جـي سڌاري وارين سرڪاري پاليسين جي تعميل ۾ سهوليتون ڏنيون، انهن جا ڪافي ٽـورا لاٿا، ۽ نڪرجي ديهه ۾ پنهنجو فارم به قائم ڪيو، ۽ پوءِ اگريڪلچرل ڊيولپمينٽ ڪارپوريشن جـي مدد سان سڌاري، نيٺ وڪرو بـه ڪري ڇڏيو. آن کان سواءِ ٻين غيرسنڌي زميندارن کـي بـه آت زرخيز زمين جا ٽڪر عطا ڪيا ويا ۽ خـاص طور پنجاب کان آيل ماڻهن جي آبادڪاريءَ واري پاليسي مرتب ڪئي ويئي، جنهن تي اڄا سوڌو عمل ٿي رهيو آهي- ايتري قدر، جوضلعي جي ڪارخانن ۾ به ٻاهرين کي رکيو وڃي ٿو، ۽ بديـن ضلعي جــا ڏتڙيل ۽ بيدخل هاري ان ڏينهن لاءِ واجهائي رهيا آهن جڏهن پاڪستان جي ٻين

پيو هجي (جيڪو سال بسال اڳيان چڙهندو پيو وڃي)، جڏهن (هيلتائين) آڊائي بلين ڊالرن جي لاڳت وارو رڪ جو ڪارخانو هجي ۽ ان جي پيداواري صلاحيت اڌين هجي ته ذيلي صنعتن نه هجڻ ڪري ان جي اڌو اڌ پيداوار لاءِ ڏيهي مارڪيٽ ئي موجود نه هجي— اهڙيون ذيلي صنعتون جن جي تفصيلي رٿابندي ئي اڃا نه ڪئي ويئي هجي، ۽ جنهن ڪارخاني جي مڪمل ٿيڻ ۾ اڃا ورهيه ڪپڻ ۽ ڪروڙين ڊالر پڻ: ته ان صورت ۾ ڇا ڏو ڪري سگهجي؟

۽ پوءِ اتي اچي ڏـو "معيشت زور آهـي" وارو هٽ ناٽ. اڳيان وڌي اچي ڏو خزاني وارو وزير بجيٽ ڪنيو، اهو چوندي ته ههڙا ڪي تهڙا مسئلا آهن ضرور، پر بنيادي طـور ملڪي معيشت جي هر کيتر ۾ ترقي ئي ترقي پيئي ٿئي، وغيره وغيره." ۽ جيڪڏهن ان ڳالهه جي ثابتي گهرجي ته خزاني وارو وزير اها دعوي ڪنيو بيٺو آهي ته "پاڪستاني ماڻهو دنياجي ٻيءَ آدم خلق کان وڌيڪ سکيا آهن." اَن جواب سان ٻئي سال جي بجيٽ تقرير تائين هليو هلبو، ۽ اَن کان پوءِ واري ٻـي بجيٽ، وري اَن کان پـوءِ ٻي، ۽ اَن ريت ۽ اَن سلسلي سان هر ڪنهن جو وات بند ٿيو وڃي. هاڻي، جڏهن ته معيشت زوران زور آهـي ۽ اڳتي ۽ اڳتي وڌندي پيئي وڃي، ۽ دونهان ڪيندي ۽ ڪوڪون ڪندي اڳتي پيئي وڃي،....... ته خزاني واري وزير کان هيءُ سوال پڇڻ ته "دنيا جي باقي آدم خلق وٽ ڇا ٿي رهيو آهي؟" نہ رڳو اسان جي طرفان بي مروتيءَ وارو سوال ڳڻبو، پر اَن مان وزير صاحب وٽ اسان جي وطن دشمني ئي ثابت ٿيندي.

## "هر ڪنهن جي هڪجهڙيءَ ترقيءَ" وارو هٽ ناٽ:

جيئن ته لاف هڻندي اسين ٿڪجندا ئي ناهيون، اسان جـو ملڪ "ملڪ جـي سڀني حصن ۽ آباديءَ جي سمورن طبقن جي هڪجهڙيءَ ترقيءَ واري اعليٰ اصول" تي ڪاربند آهي. اهو اصول نہ

مولانا جو اهو ورجاءُ تہ عورت پنهنجي عبادت ۽ اسلامي فرض جي ادائگيءَ جي سلسلي ۾ بہ پنهنجي مڙس کان اجازت وٺي، نهايت فضول آهي.

اسين اهو معاملو اسلام جي حقيقي رکوالن جي سپرد ڪريون ٿا تہ اهڙي ڪفر جي خلاف ڪو قدم کڻن.

۽ پڇاڙيءَ ۾ اسين پاڪستان ٽيليويزن جو ٿورو ادا ڪنديونسين: جيڪا اهڙي قسم جي نام نهاد، رجعت پسند ذهنيت رکندڙ عالمن کي پڌري پٽ عوام اڳيان آڻي، سندن اکيون کولي ٿي، ۽ سندن ناپاڪ ارادن کان عوام کي واقف ڪرائي ٿي.

— شهناز وزير علي ۽ ياسمين سهگل، لاهور. (٣٠-٨-١٩٨٤)

["ويو پوائنٽ"، ٢٣ آگسٽ ١٩٨٤ع — ش. ١٠ ح]

## عوامي سائنس تحريڪ

— مون کي ويجهڙ ۾ ئي ڪيرالا (انڊيا) جي بي لوث دانشورن جي هڪ ٽولي جي خبر پيئي آهي، جن سائنس جي ڦهلاءَ ذريعي پنهنجي ماڻهن جي شعور جي سطح وڌائڻ جي تمام ڪامياب ڪوشش ڪئي آهي. انهن جا خيال تمام آسانيءَ سان پاڪستان ۾ بہ آڏي ۽ پکيڙي سگهجن ٿا. پر شرط آهي تہ همخيال ماڻهن جو چڱو خاصو تعداد پاڻ ۾ گڏجي، بنان ڪنهن ذاتي غرض جي، ۽ آنساهم سان ڪم ڪري.

آءٌ هتي بنيادي طور تي ڪيرالا گروپ جي تجربن تي مشتمل، ۽ انهن سان ڪجهہ پنهنجا خيال شامل ڪندي، انهيءَ تحريڪ جو خاڪو پيش ڪريان ٿو.

"ڪيرالا عوامي سائنس تحريڪ"، ٢٢ سال اڳ، "ڪيرالا شاستر ساهتيم پريشد" (ڪشسپ) جي اڳواڻيءَ ۾ دانشورن جي هڪ ٽولي شروع ڪئي هئي. اُن تحريڪ سائنس کي ڪتابن ۽

اخباري مضمونن ذريعي مقبول عام بنائڻ جي تمام وڏي ذميواري پنهنجن ڪلهن تي کنئي هئي. آها تحريڪ اڄ سماج جي تقريباً سڀني طبقن سان تعلق رکندڙ مختلف ڌنڌن ۽ هنرن جي ٨ هزارکان مٿي ماڻهن تي مشتمل هڪ تمام وڏيءَ عوامي تنظيم ۾ تبديل ٿي ويئي آهي.

"ڪشسپ" جي سرگرمين کي ٿلهي ليکي هيٺين ڀاڱن ۾ ورهائي سگهجي ٿو:

(١) اشاعت، (٢) غير رسمي تعليم، (٣) رسمي تعليم، (٤) ڳوٺاڻو سائنسي فورم، (٥) قطري مظاهر ۽ ماحول جو اڀياس، (٦) صحت، (٧) فن ۽ سائنس، (٨) عورتن ۽ ٻارن جو شعبو.

سائنس کي عام ڪرڻ لاءِ ڪتابن ۽ رسالن جي ڇپائي ۽ انهن جو ڦهلاءُ ۽ سماج جي سڀني حصن ۾ سائنسي نقطي نظر پيدا ڪرڻ، هن تحريڪ جو بنيادي مقصد ليکيو وڃي ٿو. (ان قسم جي رخ ۽ رويي جي اسان جي ماڻهن ۽ خاص طور تي اسان جي رٿابنديءَ جي ماهرن ۾ غيرموجودگيءَ جي نشاندهي "ڊان" جي ١٣ فيبروري ١٩٨٤ع واريءَ مئگزين ۾ ڊاڪٽر پرويز هود ڀائيءَ جي ڇپيل هڪ مضمون ۾ تمام چٽي نموني ڪئي ويئي آهي.)

'ڪشسپ' سائنس جا ڇهه ماهوار عام فهم رسالا ماڻهن جي هر طبقي لاءِ، ٻارن کان ٻڍن تائين جي پڙهڻ لاءِ، مهيا ڪري ٿي. ٻارن جي رسالي جي اشاعت ٣٠ هزار آهي! گڏوگڏ ٤٠٠ ڪتاب پڻ ڇپيا ويا آهن، جن مان ڪن جي اشاعت ١٥٠٠٠، ڪاپين تائين پهتل آهي. پاڪستان ۾ موجود سائنس سوسائٽين کي انفرادي طور تي يا گڏجي عام فهم سائنسي ادب تمام گهٽ قيمت تي ائين مهيا ڪرڻ کپي، جنهن اشاعتي پروگرام ۾ هڪ هڪ رسالي جي قيمت ٻن روپين کان ڪنهن به نموني مٿي نه هئڻ کپي.

"ڪشسپ" پنهنجي ڇپايل مواد جي ورهاست جي جوابداري پاڻ ئي پوري ڪري ٿي، ۽ ان ۾ سندس شاخون پوريءَ طرح

موسيقيءَ سان به لاڳو ٿئي ٿي، جنهن کي مغربي يا ڪنهن بيءَ موسيقيءَ ڇهيو به نه آهي. جديد موسيقارن سان باهمي سهڪاري عمل جي نتيجي ۾ موسيقيءَ جون اهي پراڻيون ڊارائون پرجوش جديد موسيقيءَ ۾ تبديل ٿي سگهن ٿيون ۽ پنهنجي ڪلاسيڪي روايت به قائم رکي سگهن ٿيون. سنڌي موسيقي هيلتائين اڇا تحرير هيٺ ئي نه آئي آهي، جنهن مسئلي کي به ائين حل ڪري سگهجي ٿو.

’ڪششپ‘ اسڪولن ۾ ’ڪوئيز‘ مقابلا ڪرائي ٿي، ۽ گڏوگڏ اسڪولن جي نصاب ۾ تبديليءَ ۽ سڌاري جون تجويزون پڻ ڏئي ٿي.

’ڪششپ‘ فطري ماحول ڏانهن ۽ آن متعلق پڻ وڏو ڌيان ۽ اونو رکي ٿي، ان سلسلي ۾ آن ڪيترن ئي پروگرامن کي مرتب ڪرڻ، مثلاً وڻن پوکڻ، ۽ ماحول کي صنعتي آلائشن کان صاف رکڻ جي مهمن ۾ ڪردار ادا ڪيو آهي. هن تحريڪ ڪيترائي اهڙا پريشر (اثرائتا) گروپ پيدا ڪيا آهن، جيڪي شهرن جي چڱن مڙسن جو شهر جي ڀلائيءَ لاءِ خيال تبديل ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿيا آهن.

’ڪششپ‘ طرفان فطري ماحول ۽ حالتن تي لکيل تحقيقي مقالن کي عوام ۾ ورهاست ۽ بحث لاءِ ڪم آندو وڃي ٿو.

’ڪششپ‘ جي ”صحت برگيڊ“ ماڻهن جو ڌيان موجوده صحت جي نظام جي استحصالي نوعيت ۽ خاص طور تي دوائن جي وڏين ڪمپنين طرفان ڏاهيل دوائن جي مهانگين قيمتن طرف ڇڪائي ٿي. صحت ڪئمپن ۾ صحت جي عملي مسئلن تي ڪلاس ٿين ٿا، جتي هرڪو اچي سگهي ٿو، ۽ ڳالهه ٻولهه ۾ حصو وٺي سگهي ٿو. گهوڙاٽا اهڙن سائنسي مذاڪرن (ڪچهرين) ۾ پنهنجن مسئلن کي منهن ڏيڻ ۽ انهن جي عقلي ۽ سائنسي حل تلاش ڪرڻ ۾ سرگرم حصو وٺن ٿا. مثال طور، مروج ٽيڪنالاجيءَ (هنرمنديءَ) کي بهتر بنائڻ تي بحث ٿين ٿا، جن ۾ ڏاڍا ڪارائتا مسئلا ڇيڙجن ۽ نبيرجن ٿا.

’ڪشسپ‘ جو عوام تائين سائنس کي ڪٽي وڃڻ جو شايد سڀ کان تخليقي طريقو سائنسدانن ۽ فنڪارن جو پاڻ ۾ ميلاپ آهي. اهو هيئن ٿئي ٿو، جو سائنس جو پيغام ڪلئي پٽ ٿيندڙ ڊرامن، گيتن ۽ ناچن وسيلي عوام کي ڏنو وڃي ٿو.

فنڪار جن کي ’ڪشسپ‘ تربيت ڏئي ٿي سي ثقافتي جٿن جي شڪل ۾ ڳوٺ ڳوٺ، شهر شهر وڃي، اهو ڪم ڪن ٿا. ان قسم جي ثقافتي سرگرمي عوام سان ويجهي لاڳاپي، ۽ ’ڪشسپ‘ جي ڇپايل مواد جي ورهاست ۽ معاشرتي ۽ معاشي مسئلن جي سڃاڻپ لاءِ عاليشان موقعو فراهم ڪري ٿي. ان قسم جي سرگرمي دراصل باهمي سهڪار ۽ عمل جو تمام طاقتور ذريعو آهي.

’ڪشسپ‘ سمجهي ٿي ته سماجي تبديليءَ جي ڪابه ڪوشش عورتن جي شامل ٿيڻ کان سواءِ بي معنيٰ ۽ مشڪل آهي. ان صورتحال جو احساس ڪندي، هاڻي شعوري طور تي ڪوششون ڪيون پيون وڃن ته وڌ ۾ وڌ عورتن کي ’ڪشسپ‘ ۾ شامل ڪيو وڃي.

’ڪشسپ‘ کي اعتماد آهي ته پنهنجين عورت ميمبرن جي مدد سان عورتن جي مخصوص مسئلن تي هوءَ بهتر نموني ڏيان ڏيڻ جي اهل ٿي سگهندي.

سنڌ يونيورسٽي ڪئمپس ۾ ١٢ مئي ١٩٨٤ع کان ملهائجندڙ سائنسي هفتو هن خطي ۾ ان قسم جي سائنسي تحريڪ جو بنياد بڻجي سگهي ٿو. هي هفتو بي لوث شاگردن جي هڪ گروهه ۽ تعليمي ماهرن جي ڪوشش سان منعقد ٿيو آهي، جيڪي سائنس ۽ سماج جي باهمي عمل کي بنيادي اهميت جي نظر سان ڏسن ٿا. هتان انهي قسم جي سائنسي تحريڪ جي شروع ٿيڻ جا امڪان، هن جڳهه جي تمام عمومي محل وقوع کي نظر ۾ رکندي، تمام روشن نظر اچن ٿا: ڇو جو هتان جا استاد ۽ شاگرد حيدرآباد ۽ سنڌ جي اندرين علائقن سان تعلق رکن ٿا. هڪ ٽيڪنيڪل يونيورسٽيءَ ۽ هڪ ائگريڪلچر يونيورسٽيءَ جي ويجهڙائي پڻ ان لاءِ فائديمند

ثابت ٿيندي. هتان شروع ڪيل انهي سائنسي تحريڪ جو اثر يونيورسٽيءَ جي شاگردن ۽ استادن جي خوشگوار باهمي لاڳاپن وسيلي صوبي جي تمام پرانهن علائقن تائين ڦهلجي ويندو. هن قسم جو موقعو هتان نه وڃائجي ته بهتر.

(٢٨-٦-١٩٨٤ع) — ڊاڪٽر قمر عيسيٰ دائودپوٽو.
انسٽيٽيوٽ آف فزڪس آئنڊ
ٽيڪنالاجي، يونيورسٽي
آف سنڌ.

## ”ديوارين“ ۽ ”جنگل“

— ڪراچي ٽيليويزن تان سنڌيءَ جي مشهور ليکڪا نورالهديٰ شاهه جو اردوءَ ۾ لکيل ڊرامو ”جنگل“ نئشنل نيٽ ورڪ تي سڄي پاڪستان ۾ ٽيليڪاسٽ ٿيو ويو. ڪهاڻي سنڌ جي سماجي برائين بابت آهي، جنهن ۾ سنڌي ماحول ۾ وڏيري ۽ پير جا وڏا ڪردار به موجود آهن.

هن کان اڳ ڪراچي ٽي-ويءَ تان عبدالقادر جوڻيجي جو اردوءَ ۾ لکيل ڊرامو ”ديوارين“ پيش ٿيو هو، جنهن ۾ به سنڌ جي سماجي برائين کي سنڌي ماحول ۾ پيش ڪندي، وڏيري جي ڪردار کي ننديو ويو هو.

اهو ڊرامو عام - پسند سان گڏ، خاص طبقن وٽ به ايڏو قبول پيو، جو خود صدر مملڪت ان جي ليکڪ، پروڊيوسر ۽ فنڪارن کي پاڻ وٽ گهرائي باريابيءَ جو شرف بخشيو، هزار شابسون ڏنيون ۽ سندون ۽ سرٽيفڪيٽ ۽ انعام اڪرام عطا ڪيا. انهيءَ چاڙهه کي ڏسي، پوءِ ڪيترن ئي تجارتي ۽ ثقافتي ادارن به دعوتون ڪيون ۽ اوارڊ ڏنا.

پاڪستان ٽيليويزن جي سڀني اسٽيشنن جي سموريءَ تاريخ

۾ اهو پهريون پيرو هو، جو هڪ ڊراميءَ کي ايڏو ساراهيو ۽ پڏايو ويو ۽ انعام ۽ اعزاز ڏنا ويا — جيڪو هڪ سنڌي ليکڪ لکيو هو، هڪ سنڌي پروڊيوسر پيش ڪيو هو ۽ جنهن ۾ مکيه ڪردار سنڌي فنڪارن ادا ڪيا هئا. تنهنڪري، اها ڳالهه سنڌ جي هر فرد لاءِ بيشڪ فخر جو سبب سمجهڻ کپي. اسان کي پنهنجي ليکڪ، پروڊيوسر ۽ فنڪارن تي به ناز ڪرڻ کپي، جن پنهنجين صلاحيتن کي ايڏو اوچو ثابت ڪيو.

پر انهيءَ سلسلي ۾ هڪڙي ٻي ڳالهه ڏيان طلب آهي، جيڪا مون کي هر وقت ڪُڪندي پئي رهي، پر جڏهن هاڻي ”جنگل“ بابت مختلف رايا اچي رهيا آهن، تڏهن اها پيش ڪرڻ مناسب ٿو سمجهان.

ٽيليويزن تان هر لحاظ کان بهترين ڊراما وڏي تعداد ۾ پيش ٿي چڪا آهن، پر انهن مان ڪنهن کي به ڪڏهن به اهڙي نظر ڪرم نصيب نه ٿي آهي. علي بابا ۽ اياز عالم ابڙي بين الاقوامي معيار جون تخليقون پيش ڪري، بين الاقوامي چٽاڀيٽين ۾، پاڪستان ٽيليويزن لاءِ اعزاز حاصل ڪيا، پر صدر مملڪت وٽان ڪين همت-افزائيءَ جو نياپو به نصيب نه ٿيو.

”ديوارين“ ۾ سنڌي وڏيري جي ظلمي ڪردار کي هڪ اهڙي زماني ۾ پيش ڪيو ويو، جيڪو سنڌ ۾ هڪ خاص صورتحال جو زمانو هو. منهنجي خيال ۾ جيڪڏهن اهوئي ڊرامو ڪجهه وقت اڳ پيش ٿئي ها ته شايد اُن مان آهو مقصد نه حاصل ٿئي ها، جيڪو پوءِ حاصل ٿيو.

اِنهيءَ سياسي پس منظر ۾، ”ديوارين“ جي ساٿين کي جيڪو جس مليو ۽ سندن جيڪا همت افزائي ۽ عزت افزائي ٿي، تنهن جي حيثيت ڪهڙي آهي، تنهن بابت اڃا ڪجهه چيو ئي نه ويو آهي ته وري اهڙيءَ طرز جو ٻيو ڊرامو ”جنگل“ پيش ٿي رهيو آهي، جنهن تي شروع ۾ ئي چوپچو ٿيڻ لڳي آهي.

سنڌ جي ئي ”مجلس شوريٰ“ جي هڪ ميمبر اعتراض واريو

تمام سٺي نموني ۾ پيش ٿي رهي آهي.

مجموعي طرح هن ڊرامي جو مقصد سنڌ جي وڏيري، پير ۽ زميندار جي غلط ڪارگذارين کي ظاهر ڪرڻ لڳي ٿو. (اهڙي ئي قسم جو هڪ ڊرامو پهرين سنڌيءَ ۾ ”راڻيءَ جي ڪهاڻيءَ“ جي نالي سان ۽ پوءِ اردوءَ ۾ ”ديوارين“ جي نالي سان بہ پيش ٿي چڪو آهي.)

بهرحال، ڊرامو اڃا ابتدائي مرحلن ۾ آهي، تہ آن تي ڪافي حلقن طرفان رائزني شروع ٿي ويئي آهي. ڪي حلقا اِن ڊرامي جي بند ڪرڻ جا حامي آهن. سندن موقف آهي تہ ڊرامي ۾ سنڌي تهذيب ۽ روايت سان بي انصافي ڪئي ويئي آهي.

ٻئي حلقي طرفان، جن ۾ سنڌ جا ٦٦ اديب بہ شامل آهن، هن ڊرامي جي باري ۾ پنهنجيءَ حمايت جو موقف ظاهر ڪيو ويو آهي. سندن موقف اِهو آهي تہ آهي ڏاڍاين ۽ ظلم جيئن تہ مٿيون طبقو ڪافي زماني کان ڪندو اچي، اِن ڪري آنهن جي نشاندهي ڏيڻ گهرجي. ائين هن ڊرامي جي ڪري سنڌ جي ماڻهن ۾ هڪ قسم جو نظرياتي بحث ڇڙي پيو آهي. اِن بحث کي پنهنجيءَ جڳهہ تي رکندي، هت بنهہ هڪ عام سنڌي پڙهندڙ ۽ لکندڙ ۽ ٽي-وي ڏسندڙ جي حيثيت سان آءٌ پنهنجي راءِ پيش ڪرڻ چاهيان ٿو.

سڀ کان پهريائين آءٌ عام راءِ ۽ خاص ڪري سنڌ جي پڙهيل ڳڙهيل ماڻهن جو ڌيان اِن ڳالهہ ڏانهن ڇڪائڻ چاهيان ٿو تہ نشرءِ اشاعت جا ذريعا، جن ۾ ٽيليويزن بہ شامل آهي، حڪومت ۽ مٿئين طبقي جي قبضي ۾ آهن ۽ اِها اسان کي پليءَ پٽ پروڙ آهي تہ اِهي ذريعا مجموعي طور حڪومت ۽ مٿئين طبقي جي نقطي نگاهہ جا ئي ترجمان آهن. تہ سڀ کان پهرين ذهن ۾ اهو سوال ٿو پيدا ٿئي تہ آخر سنڌ جي مٿئين طبقي يعني زميندار، پير، وڏيري وغيره جي غلط ڪارگذارين کي عين هن وقت ۽ اهڙي زور شور سان ظاهر ڪرڻ سان ٽي-ويءَ جي صاحب اختيار ماڻهن جي ڇا مراد ٿي سگهي ٿي؟

تازو سنڌ ۾ جمهوريت جي موافقت ۾ جيڪا تحريڪ هلائي وئي، اُن جي اڳواڻي ڪن حلقن جي نظر ۾ سنڌ جو مٿيون طبقو يعني خاص طرح مقامي زميندار ڪري رهيو هو، جنهنڪري آنهن حلقن خاص ڪري سنڌ جي اُن مٿئين طبقي جي باري ۾ ڪافي ڪجهه چرڪ ڪائي، عميقائيءَ سان سوچڻ بہ شروع ڪيو. عين ممڪن آهي تہ اُن عميقائيءَ جي سوچ ويچار ڪان پوءِ ئي ھھڙن ڊرامن جي پيش ڪرڻ بابت پروگرام سوچيا ويا هجن، ڇو تہ اِن طريقي سان سنڌ جي مٿئين طبقي ڪان سنڌ جي عام ماڻهوءَ جي الڳ ٿيڻ جي هڪ صورت نمودار ٿئي ٿي. ۽ ائين تہ واقعي آهي بہ تہ سنڌ ۾ طبقاتي تضاد يا ڏاڏايون موجود آهن. اسين سنڌي وڏيري، زميندار، مير ۽ پير جي غلط، منافقتي ۽ غير انساني ڪردار ۽ سندن غلط ڪارگذارين کي وساري نٿا سگهون. جيئن، مثال طور، اڄ بہ سنڌ ۾ ڪافي ماڻهو پنهنجين نياڻين جا حق بخشرائين ٿا. زميندار هاريءَ کي ڦري ماري ٿو. ۽ اڄ بہ ڪافي نياڻيون پنهنجن مائٽن ۾ 'واهم' نہ هئڻ سبب، رواجن جي ڇمت ۽ هوڏ ڪري پنهنجي زندگي تباهہ ڪري رهيون آهن. ۽ اڄ بہ ڪيترائي ڏڳ "مرشد" غريبن جي هڏ ۽ ست جي ڪمائيءَ تي پنهنجا محل ۽ ماڙيون اڏي رهيا آهن.

اُن لحاظ ڪان هي ڊرامو بند نہ ٿيڻ گهرجي، ڇو جو هي ڊرامو اسان جي ماڻهن جي ذهن ۾ انتهائي اهم تبديليون آڻي رهيو آهي. پر سوچڻ جي ڳالهہ صرف اها آهي تہ آخر سرڪار جو ابلاغي ذريعو ٽي- وي، جيڪا خود مٿئين طبقي جي ترجمان آهي، آها ڪيئن ۽ ڇو اُن ئي مٿئين طبقي جي مخالف بڻي آهي. ان جو هڪ سبب تہ آءٌ مٿي ٻڌائي آيو آهيان، يعني جيئن تہ سنڌ ۾ هن وقت، جيئن سڄي پاڪستان ۾، وڏيءَ حد تائين سياسي ماڻ جو زمانو آهي، ماڻهن کي جيڪڏهن ڪا هنگامي اڳواڻي ملئي آهي تہ آها اِنهي مٿئين طبقي مان ملي سگهندي، اِن ڪري ان طبقي کي ڪمزور ڪيو وڃي، ۽ خلق ڪان ڇني پري ڪيو وڃي. جيڪڏهن سنڌ

زبان مان ڪڍي سگهن ٿا!

بهرحال، سنڌي عوام ٽائين ٽي - ويءَ ذريعي پهچڻ جي ڳالهه آهي ته هرڪو ڄاڻي ٿو ته سنڌ جي نوي سيڪڙو آدمشماري هيٺين طبقي تي مشتمل آهي ۽ اهو طبقو سالن کان وٺي سنڌي پروگرامن جي وقت وڌائڻ لاءِ گهر ڪري رهيو آهي، ۽ آخر اڄ ڏينهن تائين ان لاءِ ڪهڙا اپاءَ ورتا ويا آهن؟

سوچڻ جي ڳالهه آهي ته روزانو رڳو پنجويهه منٽ ئي سنڌي پروگرام پيش ڪري جهڙو سنڌين تي ٿورو ڪيو ٿو وڃي، ته ڪهڙو لاچار اچي پيو آهي، جو سنڌي عوام جي مظلوميت کي سڄو هڪ ڪلاڪ، سو به ويهه پيرا، قومي رابطي تي پيش ڪيو ٿو وڃي! اصل ڳالهه صاف ظاهر پيئي آهي.

مٿين ڳالهين کي مدنظر رکندي، آءٌ سنڌ جي ماڻهن کي ۽ خاص طرح سنڌ جي اديبن، دانشورن ۽ فنڪارن کي گذارش ٿو ڪريان ته هو هنن ڳالهين تي سنجيده ٿي سوچين، ۽ پوءِ ڪا پنهنجي راءِ قائم ڪن.

(۱۳-۹-۱۹۸۴) — عبدالرزاق سيمڻ، ايل.ايم.سي، ڄامشورو

## ناٽڪ "جنگل" جو سماجياتي پهلو

—اها ڳالهه سرهائيءَ جو سبب بڻي آهي ته ناٽڪ "جنگل" جي ڪردارن ۽ ڪهاڻيءَ پاڪستان جي عوام ۽ خاص طور تي پاڪستان جي وڏي صوبي پنجاب جي پڙهيل طبقي تي اثر ڪيو آهي ۽ هن ناٽڪ جي تعريف هاڻي اسلام آباد، پنڊيءَ، لاهور ۽ ملتان ۾ تمام گهڻي ڪئي ٿي وڃي: پر تعريف جو جيڪو پهلو پريس ۽ ڏاڍي پڙهيل ماڻهن جي توجهه جو سبب بڻيو آهي، سو هر سمجهدار ماڻهوءَ جي لاءِ اهم آهي، جو اهو، نوعيت جي لحاظ کان، آرٽ جو نه پر سياست جو هڪ دليل فراهم ڪري ٿو.

مختصر طور تي، اهو دليل هي آهي ته پهريون ته سنڌ جو عوام اڄ به هڪ تمام پراڻي سماج جيان زنده رهي ٿو، ۽ ٻيو ته سماجياتي طور تي اهو عوام پيرن، سنسن ۽ وسوسن جو شڪار آهي، جنهن جو مطلب هي آهي ته عوامي سطح تي سنڌ جي سوچ غير سائنسي ۽ ناقابل قبول ۽ حقيقن جي خلاف آهي؛ ٽيون ته سنڌ جو عوام جنهن استحصال جو شڪار آهي، اهو استحصال سنڌ جو ئي اهو طبقو ڪري ٿو، جنهن ڪي سياست ۾ تمام مٿاهون هٿ هٿ رهيو آهي؛ ۽ چوٿون ته سنڌ جي هر اها شڪايت، جيڪا ڪنهن به ٻئي صوبي جي خلاف آهي، سا غلط آهي، جو ناٽڪ جي پلاٽ يا ڪهاڻيءَ جي مصنف اهو ثابت ڪيو آهي ته سنڌ جي بدحاليءَ جو سبب پاڻ سنڌ ۾ اندر موجود آهي ۽ نه سنڌ کان ٻاهر. هنن نڪتن کي جڏهن سنڌ جي ويجهڙائيءَ واريءَ تاريخ جي روشنيءَ ۾ رکي ڏسبو، ته معلوم ٿيندو ته جناب نورا لهدي شاهه پنجاب جي مفاد ۾، پاڪستان جي موجوده سياست جي مفاد ۾، هڪ زبردست دليل مهيا ڪيو آهي. ان ڪري جناب نورالهدي شاهه کي اڪيڊمي آف ليٽرس جي طرفان ادب جو تمام وڏو انعام ملڻ گهرجي، ۽ جناب نورالهدي شاهه کي بين الاقوامي اديبن جي صف ۾ شامل ڪجي ۽ جناب نورالهدي شاهه کي گهٽ ۾ گهٽ به نوبل انعام جي رقم جيڏو انعام ڏجي!

اهو سڀڪجهه ڪيو وڃي ته پاڪستان جا اديب ڏاڍو خوش ٿيندا ۽ سنڌ جا به ڪي اديب، جيڪي ناٽڪ ”جنگل“ جي باري ۾ اهڙي ئي راءِ رکن ٿا، سي به ڏاڍو خوش ٿيندا، جو اردوءَ جي هڪڙي ناٽڪ کي اردودان سنڌي مصنف جي قابليت جي ڪري ڏاڍي اهميت ملندي ۽ ان جو سبب اهو ٻڌبو ته ناٽڪ جا اهم ڪردار پاڻ سنڌي اداڪار آهن ۽ ٻيو ته پلاٽ ۾ سنڌ جي انهيءَ سياستڪار کي ننديو ويو آهي، جيڪو سنڌ ۾، مصنف جي عقل ۽ علم مطابق، سنڌ جي ساڻهن جو اصل وڏو دشمن آهي.

پر اسان جي خيال ۾ انهيءَ ڳالهه کان به وڌي ڳالهه

۾ موت جو شڪار ٿي چڪا هئا، ۽ پوءِ ڇيو ويو تہ ڊاڪٽرن اَن ڳجهيءَ بيماريءَ تي ڪنٽرول حاصل ڪري ورتو هو— جيتوڻيڪ انگريزي اِخبار ”ڊان“ جو تازو چوڻ آهي تہ اَن ڪان پوءِ بہ ٥ ماڻهو وڌيڪ اَن بيماريءَ وگهي مري چڪا آهن.

هاڻي سوال اهو ٿو پيدا ٿئي تہ اسان جهڙن غريب ملڪن ۾ اهي ڳجهيون بيماريون ڇو ٿيون ٿين. اِن سلسلي ۾ ٢٧ سيپٽمبر واري انگريزي اخبار ”ڊان“ جي ايڊيٽوريل تي نظر پيئي. بنيادي طرح آءٌ پاڻ هڪ سست شاگرد آهيان، پر اَن ايڊيٽوريل مون کي مجبور ڪيو تہ آءٌ ڪجهہ نہ ڪجهہ لکان.

ايڊيٽوريل ڪجهہ هن ريت هو:

”وفاقي وزير صحت پنهنجي بيان ۾ اِن ڳالهہ تي زور ڏنو آهي تہ اسان جي ملڪ جي ماڻهن کي کاڌ خوراڪ جي اهميت کان واقف ڪيو وڃي. وزير صاحب اهو پڻ فرمايو تہ انيڪ بيماريون اڌوري کاڌ خوراڪ جي ڪري حملو ڪن ٿيون....“

ايڊيٽوريل ۾ اهو پڻ ظاهرڪيو ويو هو تہ ”هن وقت دنيا ۾ڏهہ ڪروڙ ماڻهو اڌوري کاڌ خوراڪ جي ڪري بيمارين ۾مبتلا آهن.... پاڪستان ۾ صورتحال بہ ڪا مختلف نہ آهي. اسان جي ملڪ جا ٦٠ کان ٧٠ سيڪڙو ٻار اڌوري ۽ ناقص غذا تي گذران ڪن ٿا، جيڪي اڳتي هلي مونمار بيمارين جي چار ۾ ڦاسن ٿا.... هيءُ مسئلو صرف غريب خاندانن ۾ ئي ڪونهي پر پئسي وارا بہ اِنپاسي ڌيان نہ هئڻ جي ڪري، ناقص ۽ اڌوري غذا کائين ٿا....“

آخر ۾ ايڊيٽوريل ۾ اسان سڀني تي اِها ڊيوٽي رکي وئي هئي تہ اسين عام ماڻهوءَ کي اڌوريءَ غذا جي نقصانن ۽ پوريءَ غذا جي فائدن کان واقف ڪرايون.

ٺيڪ آهي سائين! مجيوسون، ۽ اسان ايڊيٽر صاحب جي چوڻ تي سندرا ٻڌي، اِن نيڪ ڪم لاءِ نڪرون ٿا. هاڻي آهـو طبقو جيڪو صرف لاغرضائيءَ ۾ سستيءَ جي ڪري ناقص غـذا کائي رهيو آهي، اسان جي ڳالهہ مڃي ٿو، ۽ سٺي غذا کائڻ شروع

ڪري ٿو، جنهن لاءِ آنهن وٽ اسان جي هن طبقاتي سماج ۾ ذريعا پڻ موجود آهن. پراڻن طبقي جو چاڙهيندو، جنهن لاءِ اسان جي هن ئي سماج ۾ ڪنهن به قسم جي سلامتي نه آهي. سياڻي جيڪڏهن اسان آنهن کي سٺيءَ غذا جي فائدن کان واقف ڪرايون ۽ هو اسان کان آن سٺيءَ غذا جي طلب ڪن جيڪو آنهن جو بنيادي حق هوندو، ته اسين آنهن کي ڪهڙو جواب ڏينداسين! جڏهن ته آنهن کي آها ناقص غذا به پوري پيٽ ڀرڻ لاءِ مهيا نٿي ٿئي!

پهراڙيءَ جي هڪ عام شاگرد هجڻ جي ناتي، منهنجو ڳوٺ جي عام ماڻهن سان سٺو واسطو آهي، جنهن سان مون کي اها خبر پوي ٿي ته آنهن کي پوريءَ غذا جي، جيڪڏهن مڪمل ڪٿي نه تڏهن به چڱي خاصي ڄاڻ آهي، جنهن تي عمل ڪري هو سٺي زندگي گذاري سگهن ٿا. ته اسان جي ذهنن ۾ وري به سوال اهو ڏو آپري ته .

”ڄاڻ رکي به هو سٺي زندگي ڇو نه ٿا گذاري سگهن؟“

منهنجي ڳوٺ جو عام ماڻهو سياري ۾ جيڪڏهن ماکيءَ جو شيشو وڪڻي ٿو، ته ان جو اهو هرگز مطلب نه ڪڍڻ گهرجي ته هو ماکيءَ کي پسند نه ٿو ڪري يا آن جي فائدن کان اڻڄاڻ آهي. يا ڪو ماڻهو جيڪڏهن کير وڪڻڻ لاءِ شهر ڏانهن ڪٺي اچي، ته آن جو به اهو مطلب وٺڻ نه کپي ته هو کير پاڻ لاءِ بهتر نه ٿو سمجهي.

اسان جي هن نظام ۾ اسان جو عام ماڻهو سڀڪجهه سمجهندي، ائين ڪرڻ لاءِ مجبور آهي. مطلب ته منهنجي اڻڄاڻ نظر ۾ اسين بجاءِ ان ڳالهه جي، جو ماڻهن کي سٺيءَ غذا جي اهميت کان واقف ڪريون، اسان کي سوچڻ ۽ ڪرڻ هي کپي ته آنهن لاءِ سٺا موقعا ۽ ذريعا پيدا ڪيون، جو هو سٺي غذا استعمال به ڪري سگهن؛ ماڻهن جي مزوري ۽ ڪمائي گهٽ ۾ گهٽ ايتري به هئڻ کپي، جو هو هڪ سٺي نه، ته به هڪ سادي ۽ پوري غذا ته هٿ ڪري سگهن!

ميل جول رکڻ جو شوق هجي.

مرڪز لاءِ ڏکيو معاملو آهي اهڙيون حالتون پيدا ڪرڻ، جن ۾ پيشيور جوان ٻهراڙيءَ ۾ رهي ڪم ڪري سگهن. اُن لاءِ ڪين ڪي ساديون سهولتون مهيا ڪيون وڃن ٿيون، جن جا هو هيراڪ آهن، پر ظاهر آهي ته آهي عيش آرام واريون سهولتون نه آهن. توقع آهي ته ڳوٺاڻا اهڙيون سهولتون پنهنجن گهرن ۾، پنهنجيءَ بچت آهر، اختيار ڪندا.

(١) سماجي - اقتصادي پروگرامن جي ڪاميابيءَ جو مدار اِن ڳالهه تي آهي ته ڳوٺاڻا پنهنجيءَ ترقيءَ لاءِ مرڪز پاران ملندڙ صلاحن موجب ضروري مقصدن ۽ طريقن کي قبول ڪن ۽ انهن تي عمل ڪن.

(٢) مرڪز وٽ هيءَ ڳالهه تسليم ڪيل آهي ته ڳوٺاڻا پيشيور ڪارڪنن جا خيال ۽ نظريا آهستي آهستي ئي قبول ڪندا. پروگرامن جي ڪاميابيءَ لاءِ پيشيور جوانن ۽ ڳوٺاڻن جي وچ ۾ رابطو ۽ دوستي تمام ضروري آهي.

(٣) مرڪز جي پروگرامن کي ساٿين لاءِ قبوليت جوڳو بنائڻ لاءِ ضروري آهي ته ڪين پروگرامن جي مفيد اثرن کان آگاهه ڪيو وڃي. ان جو بهترين طريقو هي آهي ته ڪنهن به نئين خيال کي ماڻهن اڳيان سڌيءَ طرح سنڌن عملي مدد جي صورت ۾ پيش ڪيو وڃي- جيڪو وقت بوقت مالي فائدي جي صورت ۾ ڏيئي سگهجي ٿو.

زندگيءَ ۾ بهتر تبديلي آڻڻ لاءِ نظرياتي سببن جي پيٽ ۾، ڳوٺاڻا پنهنجي مالي لاڀ کي سولائيءَ سان سمجهي سگهن ٿا، پوءِ پل ته آهو سنڌن ٻارن جي پرگهور جي شڪل ۾ هجي يا فصلن لاءِ ٻج وغيره جي شڪل ۾.

(٤) سڀ کان پهرين مرڪز پاران سرڪاري ادارن معرفت ملندڙ ظاهري فائدن تي زور ڏنو ويو، جن ۾ صاف پاڻيءَ جو بندوبست، دوا درمل ۽ اسڪول قائم ڪرڻ جا ڪم شامل هئا.

اِنهن آپائن جو مقصد هڪ طرف ديهي طبقي جي رهڻي ڪرڻيءَ ۾ ڦيرو آڻڻ ۽ ٻئي طرف منجهن ”مرڪز“ جي ڪارڪردگيءَ بابت اعتماد پيدا ڪرڻ هو.

(٥) ”مرڪز“ ڳوٺاڻن جي سيني سرگرمين ۾ مرڪزيت پيدا ڪرڻ لاءِ هڪ نظام جوڙڻ ۾ مدد ڏني ٿو، ۽ پاڻيءَ، زرعي ترقيءَ، صحت ۽ تعليم جهڙن شعبن ۾ رابطو پيدا ڪري ٿو. اِهو هڪ اطلاعي مرڪز به آهي، جتي ماڻهو گهربل مدد حاصل ڪرڻ لاءِ اچي سگهن ٿا. مرڪز جو هڪ ڪم ڳوٺاڻن کي آنهن آفيسن ۽ ادارن تائين وٺي وڃڻ به آهي، جن سان سندن واسطو پوندو رهي ٿو، تہ جيئن هو اتي جي ماحول ۽ ڪارڪردگيءَ کان اهڙيءَ ريت روشناس ٿي وڃن، جو ٻئي ڀيري پاڻمرادو سولائيءَ سان سرڪاري عملدارن سان ملي ۽ ڳالهائي سگهن.

کهڙي قسم جون رٿائون مرڪز وٽ آهن، تن کي سمجهڻ لاءِ هتي ٽن رٿائن جو مختصر ذڪر ڪجي ٿو:

## (١) پرائمري تعليم جي تحقيقي رٿا

مرڪز اِنهيءَ حقيقت تي ويساهہ رکي ٿو تہ اقتصادي ترقيءَ جون پاڙون جيڪڏهن ڳوٺاڻي سماج جي تري تائين لڳاتار پهچائڻيون آهن تہ آن لاءِ توجهہ جو هڪڙو نشانو ٻارن جو طبقو به آهي. انهيءَ سلسلي ۾، مرڪز پاران ٻارن جي پڙهائيءَ ۾ مائٽن جي گهٽ چاهہ هجڻ جا سبب جاچڻ لاءِ هڪ سروي ڪئي ويئي. انهيءَ سروي مان ڄاڻ پيئي تہ مائٽ پنهنجن ٻارن کي انهيءَ ڪري نٿا پڙهائين جو اسڪولن جا وقت ٻارن جي گهر ۽ کيتيءَ وارن ڪمن ۾ رنڊڪ ٿا بڻجن. ٻئي پاسي، پڙهيل ٻارن ۾ هڪ قسم جي برتريءَ جي جذبي پيدا ٿيڻ سان آهي پوءِ ڳوٺ ۾ ٻنيءَ ٻاري جي ڪم ڪرڻ کان لنوائڻ لڳن ٿا ۽ شهر ۾ ٻين ٻارن سان چٽا-پيٽي به نٿا ڪري سگهن.

ان ڪري مائٽن اهو ئي بهتر ڄاتو تہ کين لکڻ - پڙهڻ

# مضمون
(ملکي صورتحال)

# ڦٽڪو، جنهن کي آواز هو

(مهرنگار مسرور)

دادوءَ جي هڪ اسڪول ۾ اڄ ڏينهن وڏو ميڙ لڳو پيو هو، ڇوته ۷-جولاءِ، ڇنڇر ڏينهن، نائين ڪلاس جي شاگرد عليناواز سولنگيءَ کي شهباز اسٽيڊيم ۾ ڦٽڪا لڳا هئا.

اسڪول جي هيڊ ماستر ڇوڪرن کي رعبدار آواز ۾ چيو، ”وڃي ڏسو ته ڦٽڪا ڪيئن ٿا لڳن! اوهان کي خبر پوندي ته شرارتي ماڻهوءَ جو ڪهڙو حال ٿئي ٿو، ۽ ڪيئن بري ڪم ڪندڙ تي خدا جو قهر نازل ٿو ٿئي.“

خميسو ۽ شيرو، ٻئي ڇڙا عليءَ جا همڪلاسي هئا، ۽ تنهن شام ڏڳن کي چارو ڏيندي ٻئي ڇڙا هن واقعي تي ڳالهائڻ لڳا—

”يار، عليناواز اصل ۾ ڪيو ڇا هو؟“ شيروءَ پڇيو.

”جنهن ڪورٽ مٿس ڪيس هلايو آهي، تنهن جي نظر ۾ هو خطرناڪ ماڻهو آهي،“ خميسي ڏند ڪرٽيندي چيو، ”هن جي هڪڙي خراب ڪم جي سون کي به خبر آهي، سو هيءُ ته هن جيل ۾ هڪڙي گندي فلم ڏٺي هئي.“

”ٺيڪ آهي، يار! اسان ڳئن ٻڪرين کي سدائين ائين ڪندي، ٻچا ڄڻيندي، پئي ڏٺو آهي؛ جيڪڏهن عليناواز آمريڪي ڏڳين کي ساڳي ڳالهه ڪندي ڏٺو ته ان ۾ ڪهڙي اربعا خطا ٿي پئي؟“ شيروءَ انهيءَ الزام جو ڪتو جواب ڏنو.

”ضرور هن ڪو اهڙو ڪڏو ڪم ڪيو آهي، جنهن جي ڪري خلق اڳيان ڪيس ڦٽڪا هنيا پيا وڃن، پر ڪنهن کي به خبر ڪانهي ته آهو ڪم اصل ۾ هو ڪهڙو!“ خميسي چيو.

شيروءَ ڏکويل لهجي ۾چيو، ”يار، هن جو پنهنجن ڪتابن سان ڏاڍو عشق هو.“

پر ٻئي ڏينهن اسٽيڊيم جي فضا ايتري ڏکويل ڪانه هئي.

شيرو صفا لهڪارجي ويو هو. پر ڏانهنس ڪنهن ڌيان ئي نہ ڏنو، ڇو تہ قيدي ميدان ۾ پهچي چڪا هئا، ۽ ڪين ٽڪٽڪين سان پڌڻ شروع ڪيو ويو هو.

گل حسن ۽ اصغرچانڊئي ڪي واري سان ڦٽڪا لڳي چڪا. هرهڪ تي ١٣–١٣ پيرا ڦٽڪا گهمائي گهمائي وسايا ويا.

خلق ۾ هل مچل هو، ماڻهو هوڪرا ڪري ٽڪ لعنت ڪري رهيا هئا. ڇوڪرا چپ ٿي وياهئا، ۽ دهشت ۾ پڌي، مشاهدو ڪري رهيا هئا. نيٺ علينواز سولنگيءَ ڪي سندس سنگتين اڳيان آندو ويو. هڪ ڏڪويل سڏڪو اڀريو، ۽ جيئن ئي هي ڪيس سڏ ڪرڻ وارا هئا تہ علينواز سولنگيءَ هڪ نعرو بلند ڪيو.

اهو نعرو ڪهڙو هو؟ شايد ڪنهن ڪي بہ ڄاڻ ڪانهي. پر جيڪي ڇوڪرا هن سان گڏ ڪتاب ڪڇي هليا هئا ۽ جن ساڻس گڏجي ويهي سبق لکيا هئا، تن سندس نعري جي موٽ نعري سان ڏني. هو هر نعري جي موٽ نعري سان ڏيندا ويا. پهريون ڦٽڪو لڳو پر هو اڃان بہ نعرا هڻي رهيو هو. پوءِ سمورن ماڻهن، اسڪولي ٻارن سان گڏجي، نعرن جو جواب ڏنو — ۽ ائين هزارين ماڻهو سولنگيءَ جي نعرن سان همآواز هئا.

ٽئين ڦٽڪي کان پوءِ، نائين ڪلاس جو شاگرد بيهوش ٿي ويو، ۽ ڦٽڪا هڻڻ روڪيا ويا.

پر آواز بلند ٿيندا رهيا ۽ جيڪي ماڻهو انساني رت جي راند ڏسڻ آيا هئا، سي هاڻي انساني خودداريءَ جو سواد چکي رهيا هئا. هي ڪهڙو ڦٽڪو آهي، جيڪو انساني جسم ڪي چيرڻ لاءِ هوا جيان زوزات ڪندو اچي ٿو، ۽ جڏهن اهو لڳي ٿو تہ آهو زوزات جو آواز ڪيڏانهن ٿو هليو وڃي؟ ڇا، اِهو آواز تاريخ جي ڪتابن ۾ گم ٿيو وڃي، يا اِهو حقيقي بڻجي اسٽيڊئم ۾ هجوم جي نعرن جو روپ ٿو وٺيو وڃي؟

پر سولنگيءَ جا نعرا ڪنهن گوءِ ڪٽڻ يا هارائڻ وقت اپرندڙ آوازن وانگر نہ آهن. اِهي، سوچ ۽ اظهار جي انساني حق

جو سوال ٻڌي اپرن ٿا. اِهي انساني جسم جو احتجاج آهن، جيڪو چيرڄڻ نٿو چاهي: اِهي معاشري جو احتجاج آهن، جيڪو جسم چيرڻ ۽ رت ڳاڙڻ جون اذيتون نٿو چاهي.

دادوءَ جي نائين ڪلاس جو هي ”خطرناڪ“ ماڻهو واقعي ڏاڍو خطرناڪ آهي. جيڪڏهن نائين ڪلاس کان ئي هو ٽن ڦٽڪن لڳڻ جي باوجود نعرا بلند ٿو ڪري، ته پوءِ سوچيو ته سورهن درجا پڙهڻ کان پوءِ هو ڇا ڇا نه ڪندو، جڏهن هو ذهني ۽ جسماني طور وڌيڪ طاقتور هوندو.

عليءَ نواز سولنگي! تنهنجي گناهه جو ثبوت اُن وقت ملي ويو، جڏهن تو ڦٽڪي کي آواز ڏنو.

تون واقعي سخت خطرناڪ ماڻهو آهين!

[روزانه ”ڊان“ ڪراچي، ٢٧ جولاءِ ١٩٨٤ع جي ٿورن سان. — ش.ا.ح]

## ڇا، چاپلوسي اسان جو گڻ آهي؟

(عزيز بيگ)

پاڪستان ۾ حڪومتون هميشه اهڙن ماڻهن سان گهيريل رهيون آهن، جيڪي خوشامد ڪرڻ واري فن جا ماهر آهن. پر اسان کي وسارڻ نه گهرجي ته خوشامدڙيا ڪنهن جا به دوست نه هوندا آهن. هو اُن وقت خاموشيءَ سان گولي ٿي ويندا آهن، جڏهن هنن کي نئين ايندڙ جانشينن جي ڪا هلڪي يا ڪجهه چٽي جهلڪ ڏسڻ ۾ ايندي آهي.

پاڪستان جي وجود ۾ اچڻ کان ترت ئي پوءِ زندگيءَ جا قدرءِ انفراديتوڙي اجتماعي انساني وقار جا ماڻ ايترا تهتنزل تي پهچي ويا، جو هر وڏي تقرر جو خيرمقدم ڪيو ويو. اقتدار جي هر مٺ۔ سٺ جي آجيان ڪئي ويئي، ۽ هر سرڪاري موقف جي تائيد ڪئي

چٽڻ سان زبان چلجي پوي. اِن ۾ بہ ڪا وڏي ڳالهہ ڪانہ هئي جيڪڏهن هڪ پير جو بوٽ ٻئي پير ۾ پئجي وڃو هجي، ڇوتہ اِهو سندن ڪم نہ هوتہ ڏسن تہ بوٽ صحيح پير ۾ هو يا نہ هو. آنهن لاءِ نقعي جو رستو رڳو اِهو هو اِتہ آنهن کي چٽڻ ڇڏي ڏين، جيڪي پاڻ ٽڏجي وڃن، ۽ نون بوٽن تي نظر پوڻ سان انهن جي لٽڪڻ ۽ صاف رکڻ ۾ لڳي وڃن. ۽ آهي صاحب بهادر ماڻهو جيڪي پنهنجن بوٽن ۾ سري ويا هئا، آهي اِن لائق نہ هئا، جو انهن کي ياد رکجي يا انهن جو خيال بہ ڪيو وڃي. ضروري ڳالهہ اها هئي تہ جيڪي انهن جا بوٽ لاهي پيرن ۾ وجهڻ وارا هئا تن تي اک رکي وڃي. پر جيئن ئي انهن سا ڳين اڳين سياسي لاشن، قيامت جيئن وري اٿڻ جو ڪو اهڃاڻ ڏيکاريو ٿي، تہ هو وٺي ٿي اڳتي ڊوڙيا. بوٽن جون ڪهيون، بوٽ پالش جون دٻيون، بوٽ پائڻ جا لوهي پٽا هٿن ۾ ڪٺي، هڪ ٻئي کي ڪلها هڻندا، اڳتي ڌوڪيندا ٿي رهيا— هرهڪ منجهانئن اِن ڳالهہ لاءِ فڪرمند تہ سڀ کان سٺو بوٽ چٽي صاف ڪندڙ ۽ چمڪائيندڙ پاڻ کي هو ئي ثابت ڪري ۽ ڪنهن ريت اِها بازي سيني ٻين کان هو ئي کٽي.

هتي عزت جو ڪو سوال نہ هو، ڇوتہ ذاتي عزت کان وڌيڪ ذاتي مفاد هو، ۽ هو پنهنجون اميدون روشن تڏهن ئي ٿي ڪري سگهيا، جڏهن اقتدار واري بوٽ کي چمڪائڻ جي سرگرميءَ ۾ هو اڳڀرا ٿي ثابت ٿيا ۽ اشتهاري ذريعن جي مهرباني هئي هنن تي، جو ڪين عام راءِ يا سماج جي عتاب جو هرگز ڪو ڊپ ڪونہ هو. خود عدالتون بہ هنن خلاف ڪو قدم نٿي کڻي سگهيون، جو قانون بوٽ ٽڳائيندڙن خلاف تحرڪ تہ وٺي سگهيو ٿي پر بوٽ چٽيندڙن خلاف ڪجهہ نٿي ڪري سگهيو. جيڪڏهن بوٽ ٺاهڻ، پاڪستان ۾ هڪ انڊسٽري هئي، جنهن کي تحفظ ڪپندو هو تہ بوٽ چٽڻ هڪ ڌنڌو هو، جنهن هر ايندڙ حڪومت کي تحفظ مهيا ڪيو ٿي ۽ آن لاءِ آنهن کي انعام بہ خوب ٿي مليو، جيتوڻيڪ آن لاءِ پنهنجي فرض ادائيءَ ۾، دائمي چستيءَ طور، ڪين قيمت ادا ڪرڻي ئي ٿي پيئي، ۽

خبر آهي ته اسان وٽ، هيءَ دور ديني پرچارڪن لاءِ سٺو آهي. پوءِ به، ماسترن جي باري ۾ ڇا خيال آهي؟

شروعاتي طور تي منهنجو اهو ارادو هو ته هن هفتي خصوصي طور تي استادن متعلق لکان. پر سرحد صوبي ۾ ننڍن اڳواڻن جي آزاديءَ ۽ ملڪ جي جاگرافيائي سياسي حالات بابت وڌيڪ انديشن ۽ انومانن وڌيڪ ڌيان طلبي ڏيکاري ۽ انهن بابت به اکر لکڻ ضروري سمجهيم. سنڌ ۾ ڪن ممتاز اڳواڻن جي لڳاتار نظربندي به هڪ اهم تبصري طلب مسئلو هو.

بهرحال وري به اچو ته اسان استادن بابت ڪجهه سوچيون خاص طور تي ان لاءِ، جو اهو مسئلو اسان جي سوسائٽيءَ مان دانشمندي جي وڌندڙ سوڪهڙي تي روشني وجهي ٿو. هن هفتي ڪراچي يونيورسٽي ٽيچرس سوسائٽيءَ جي صدر ڊاڪٽر حسن ظفر عارف کي، مارشل لا ريگيوليشن نمبر ٥١ تحت، سبب ڄاڻائڻ جو هڪ نوٽيس ڏنو ويو آهي. ان ريگيوليشن جو تعلق سرڪاري ڪارپوريشنن جي ملازمن جي شور شر ۽ گوڙ گهمساني سرگرمين سان آهي، ۽ ڊاڪٽر ظفر عارف تي ان سبب کان ”سرسري طور“ تي قدم کڄي سگهي ٿو، ۽ هو برطرف به ٿي سگهي ٿو، نوڪري پوري ٿيڻ کان اڳ رٽائر به ٿي سگهي ٿو، ۽ هن عهدي تان هٽائي هيٺ به موڪلي سگهجي ٿو!

سبب ڄاڻائڻ جي نوٽيس ۾ جيڪا الزامن جي فهرست آهي، سا ڏاڍي هڪ واضح فهرست آهي. سڀ کان پهريون الزام سياست ۽ سياسي سرگرمين ۾ حصي وٺڻ متعلق آهي، جڏهن ته يونيورسٽي ملازمن تي ائين ڪرڻ جي خاص طور تي پابندي پيل آهي. ٻيو الزام اهو آهي ته هن لاءِ اهو مشهور آهي ته هو اهڙين سرگرمين جي وڪالت ۽ پروپئگنڊا ٿو ڪري يا انهن لاءِ اڪسائي ٿو جيڪي گوڙ گهمسان ۽ ڏڦيڙ وجهن ٿيون، يا اهي ان مقصد لاءِ آهن ته سٺي حڪومت ۽ امن امان لاءِ مشڪل حالات پيدا ٿين. ٽيون الزام هن تي اهو آهي ته ”تو لاءِ مشهور آهي ته تون

پاڪستان ۾ انهن قدرن، سوچن ۽ عملن جي تذليل ۽ خواري پئي ڪرين ٿو، جيڪي پاڪستان ۾ عزت ۽ عظمت جو درجو رکن ٿيون جن تي اسان جو سماجي نظام ٻڌل آهي ۽ جن جي تبليغ ۽ جن جي پذيرائي يونيورسٽيءَ جي خاص فرض ۽ ذميدارين ۾ شمار ٿئي ٿي ته جيئن اهي ان جي شاگردن جي ذهن جو حصو ٿي وڃن."

منهنجو اهو ارادو ناهي ته الزامن جي انهن ڏهن ئي فقرن جي فهرست ڏيان، پر هن استاد خلاف نائين شڪايت اها آهي ته "تو لاءِ چاڻايو ويو آهي ته تون شاگردن کي هنگامه آرائي ڪرڻ ۽ يونيورسٽيءَ ۾ غير صحتمندانه وايومنڊل پيدا ڪرڻ لاءِ همٿائين ٿو ۽ توکي هيڏانهن هوڏانهن گهمندي ۽ پنهنجي جماعت جي شاگردن جي هڪ ٽوليءَ سان هلندي چلندي ڏٺو ويو آهي. اهڙن ٽولين سان گڏ توکي هاسٽلن، مجيد هوٽل ۽ ڪڏهن 'ننڍيءَ پل' تي رات جو دير تائين ويٺل ڏٺو ويو آهي ۽ تون پنهنجو سمورو وقت پنهنجن مقصدن لاءِ انهن شاگردن کي گمراه ڪرڻ ۾ صرف ڪري رهيو آهين. اهڙيءَ ريت تنهنجي بدولت يونيورسٽيءَ جي فضا غير يقيني ۽ غير صحتمند ۽ تعليم ۽ تدريس لاءِ ناسازگار بڻجي رهي آهي."

ڊاڪٽر عارف فلسفي جي شعبي ۾ ائسوسئيٽ پروفيسر آهي ۽ پڪ آهي ته هو انهن سڀني جي معنيٰ به ڄاڻندو هوندو. معاملي جو هڪ ٻيو پهلو اهو به آهي ته هو ڪراچي يونيورسٽيءَ جي استادن جي جماعت جو چونڊيل صدر آهي. مون کي تعجب آهي ته يونيورسٽيءَ جو وائيس چانسلر، جيڪو ڪئمپس جي انتظامي ۽ تعليمي فيصلن لاءِ ذميدار آهي، اهو هنن مٿين سڀني ڳالهين بابت ڇا ٿي چئي سگهيو.

آءٌ اهو سوچي رهيو هئس ته سبب ڄاڻائڻ واري نوٽيس جي سلسلي ۾ آءٌ هتي يونيورسٽيءَ جي ڪردار ۽ ان جي استادن جي سماجي ذميدارين وغيره بابت لکندس. اسان جي يونيورسٽين جي سڀني وائيس چانسلرن به اڪثر طور تي پوريءَ دانشمنديءَ سان

يونيورسٽين جي سماجي ذميدارين بابت وقت بوقت پئي ڳالهايو آهي. بهرحال، انهيءَ ڳالهه تي آءٌ وري ڪنهن ٻئي وقت تي ضرور لکندس.

ڪراچي يونيورسٽيءَ جا توهان کي خبر آهي ته مختلف تعليمي شعبا آهن ۽ انئين اها وسيع ڏاهپ جو هڪ ڀنڊار آهي. پر يونيورسٽيءَ جي استادن جو ان ۾ ڪهڙو حصو آهي؟ آهي پنهنجين ڏکين سوڪلن ۾ ڇا ڪندا آهن!

آزاديءَ کان اڳ ته حالتون مختلف هيون. اردو ماهناسي ”افڪار“ جي تازي پرچي ۾ هڪ خاص ڀاڱو ڏنو ويو آهي، جيڪو ڪراچي يونيورسٽيءَ جي وائيس چانسلر، ڊاڪٽر جميل جالبيءَ لاءِ مخصوص ٿيل آهي. مختلف ليکڪن هن جي ذاتي ۽ ادبي ڪارنامن کي زبردست خراج تحسين پيش ڪيو آهي.

”افڪار“ جي ان ساڳئي پرچي ۾ ڊاڪٽر عبادت بريلويءَ جي يادگيرين جي ٻي قسط به ڇپي آهي. ان ۾ هن لکنئو يونيورسٽيءَ ۾ پنهنجي گذاريل ڏينهن بابت لکندي، استادن ۽ شاگردن بابت ٻڌايو آهي ته آهي ڪهڙي نموني ۽ ڪيتري جذبي سان وقت جي مسئلن ۾ بهرو وٺندا هئا. ڊاڪٽر بريلوي صاحب پنهنجين يادگيرين ۾ هڪ استاد متعلق ٻڌائي ٿو ته هو ڪن سياسي سببن جي ڪري جيل ويو، ته هن جي اُن غيرحاضريءَ واري عرصي کي باقاعدي موڪل قرار ڏنو ويو. مون کي يقين آهي ته ڊاڪٽر جالبيءَ اهو مضمون ۽ ان جو اهو ٽڪرو ضرور پڙهيو هوندو، پر اهو ماضي ڪنهن ٻئي ملڪ جو هو، ۽ هاڻي اسين آزاد آهيون!

[روزانه ”ڊان“ـــ ۴ آڪٽوبر، ۱۹۸۴ع
جي ٿورن سان. ـــ م.ا.ج]

# ميئر ۽ سپاهي

(احمد حسن)

منهنجي آڏو ڏاڍو هڪ خوبصورت ڇپيل دعوت نامو رکيو آهي. ان ۾ ڇپيل آهي (نالا مون بدلائي ڇڏيا آهن — ان ۾ سڀني جو فائدو آهي، خود منهنجو به) ته ”چوڌري هيبت خان، اسسٽنٽ سپرنٽينڊنٽ پوليس (هيڊ ڪوارٽرس) کي سپرنٽينڊنٽ پوليس جي عهدي تي پروموشن مليو آهي. ان خوشيءَ جي موقعي تي ڪين مبارڪن ڏيڻ لاءِ ٦ اپريل ١٩٨٤ع تي شام جو ساڍي ستين وڳي، ڇمڇا يادگار هال ۾، سنڌ رات جي مانيءَ جي دعوت جو اهتمام ڪيو ويو آهي. اسين پنهنجي دل جي گهراين مان اوهان کي دعوت عرض رکون ٿا. اميد ته شريڪ ٿي ٿورائتو ڪندا. — اوهان جو خادم، ڊاڪٽر خادم افسران، ميئر، ميونسپل ڪارپوريشن، گمنام پور. پنهنجي اچڻ يا نه اچڻ جو اطلاع خدمت بردار، ملڪ معصوم، کي ڏيندا.“

هيءَ دعوتنامو مون کي هتي ڪيئن پهتو؟ اها ڳالهه واقعي ڪو سوچي به نٿو سگهي ته مون کي هتي، يورپ جي ملڪ آسٽريا جي راڄڌانيءَ ويانا، مان ڪو ائين دعوت ڏيئي، ايترو دور پاڻ وٽ گهرائيندو: چو ته هتان پاڪستان ۾ دعوت واريءَ جاءِ تي پهچڻ لاءِ مون کي ڪيئي ڪلاڪن جو هوائي سفر ڪرڻو پوندو (پلي ڪٿي آءٌ F.16 جهاز جي ذريعي ئي سفر ڇو نه ڪريان!) دراصل هيءَ ’دعوت نامو‘ منهنجي پاءُ مون ڏانهن موڪليو آهي، جنهن کي خط ۾ ڪجهه ڏينهن اڳ ملڪ جي حال احوال لکڻ لاءِ مون تاڪيد ڪيو هو. دعوت نامي جي پٺ تي منهنجي پاءُ تڙ تڪڙ ۾ به اکر لکيا آهن ته ”بس ادا اسين ته هاڻي اتي اچي پهتا آهيون!“

مون کي اِنهي پڌائڻ جي ته سچ پچ ڪا ضرورت ڪانهي

۽ جناب هيبت خان، اسسٽنٽ سپرنٽينڊنٽ پوليس (هيڊڪوارٽرس)، سان، جنهن کي سپرنٽينڊنٽ پوليس جو پروموشن مليو هو يا ملي رهيو هو، سندس ڪو به جهيڙو ڪونه هو (منهنجا ته بهترين دوست پوليس وارا ئي آهن— ڪم از ڪم آءٌ ائين سمجهندو آهيان). پر مون کي واقعي عجيب ڳالهه اها لڳي ته جنهن شهر ۾ هيءُ ڏرتيءَ کي ڌنڌهه ڇڪرائي ڇڏيندڙ واقعو ٿي رهيو هو، اُن شهر جو محترم ميئر، پاڻ پنهنجي سر، اِن عام شادماني جي تقريب جي اڳواڻي ڪري رهيو هو!

ظاهر آهي ته ميئر صاحب پنهنجي شهرين جو چونڊيل نمائندو آهي، جيڪو اُنهيءَ عهدي تي سندن ئي ڪليل ووٽن وسيلي، آءٌ سمجهان ٿو ته آزاد ووٽن وسيلي، پهتو آهي. اسسٽنٽ سپرنٽينڊنٽ پوليس شهرين جو پگهاردار نوڪر آهي، جنهن کي عوامي خزاني مان پگهار ئي شهرين جي نوڪري ڏيڻ جي اجوري طور ملي ٿو. ميئر پنهنجي شهر (۽ هيءُ شهر اسان جي چند وڏن شهرن مان آهي) ۽ اُن جي شريف شهرواسين جي عام ڀلائيءَ وارن ڪمن لاءِ ذميدار آهي. اُهو پوليس جي هڪ ننڍي، رواجي عهديدار جي اڳيان ائين هڪ درباريءَ وارو رول ادا ڪري، اِها عام فضيلت جي به ابتڙ ڳالهه آهي ۽ پڻ عوام اڳو جوابدهيءَ جي اعليٰ منصب جو انحراف ۽ اُن جي پڌري بي عزتي آهي.

جيڪڏهن اِها ئي خالص ۽ اصلي جمهوريت آهي، جنهن جو اڄڪلهه ايترو تقدس ۽ ناماچار ڪيو پيو وڃي، ته ڪم از ڪم آءٌ تہ اِنهيءَ جمهوريت کان سواءِ ئي رهڻ پسند ڪندس. شهر جو ميئر وڏي اعتماد ۽ احترام ۽ اعليٰ شان ۽ مان جي درجي جو مالڪ هجي ٿو. ميونسپل ڪارپوريشن جا ميمبر جن جو هو چونڊيل سربراهه آهي، آهي شهر جا پيئڙ سڏجن ٿا، جنهن جي معنيٰ هيءَ آهي ته شهرين جو اُنهن مان هرهڪ ۾ آهي ئي آسيدون آهن جيڪي اولاد جون پنهنجي ٻچاءَ، ڀلائيءَ ۽ سار سنڀال جي سلسلي جون پنهنجي پيءُ ۾ هونديون آهن، ۽ ميئر جيڪو اُنهن

شهر جي ميئرن جو اڳواڻ آهي، آن مان اها ئي اميد رکي سگهجي ٿي ته هو شهر جي عام ڀلائيءَ واري پنهنجي ارادي ۽ پنهنجي عمل ۾ هڪ مثال بڻجي، سندن آڏو ڀيهڻ جي ڪوشش ڪري.

مون کي يقين آهي تہ هيءُ ميئر صاحب ائين هرگز مثال بڻجي پنهنجي شهر واسين توڙي پنهنجي شهر جي انهن ميئرن آڏو پيش ٿي نہ سگهندو– ڇاڪاڻ تہ هو رڳو ايترو بہ نہ ڪري سگهيو، جو هڪ نائب پوليس واري جي بوٽن صاف ڪرڻ کان پاڻ کي روڪي سگهي، جيڪو پنهنجي ملازمت جي خسيس مينار جو هڪ ڏاڪو ئي اُڀي مٿي ٿيو هو– ۽ سو بہ پبلڪ جي ڪنهن وڏيءَ خدمت جي عيوض نہ پر ملازمت جي هڪ رواجي پروموشن طور!

انهيءَ ۾ بہ مون کي ڪو تعجب نہ ٿيڻ گهرجي تہ آن دعوت جو خرچ عزت ماب ميئر صاحب پنهنجي کيسي مان نہ، مگر ڪارپوريشن جي خزاني مان ڪيو هجي. مون کي شڪ آهي تہ منهنجو پهريون اندازو صحيح هوندو. پر اهو ثابت ڪيئن ٿئي! ڇو تہ ميئر جا مالي اختيار وڏا ۽ وسيع هجن ٿا، ۽ آن جو هر حڪم ۽ اشارو آن جا ماتحت پوريءَ سرگرميءَ ۽ بنان ڪنهن لفظ ڪڇڻ پڇڻ جي عمل ۾ آڻين ٿا.

آءٌ ذاتي طور نہ محترم ميئر کي سڃاڻان، نہ سپرنٽينڊنٽ پوليس کي، پر اڄڪلهہ جي دؤر ۾ پوليس سپرنٽينڊنٽ جي آڏو حاضر ٿيڻ کان شايد پاڻ بچائي نہ سگهجي؛ پر آءٌ هن ميئر سان ساڳئي ڪمري ۾ ڪڏهن گڏ ويهڻ بہ نہ چاهيندس.

يا، شايد مون کي ڇاڻ ڪانهي تہ اڄ عوامي نمائندگيءَ جو درجو پنهنجي شان مان ۽ احترام ۾ آهو نہ رهيو آهي جهڙو اڳي هو. پر ايترو آءٌ سمجهان ٿو تہ جڏهن ڪو سماج ڪافي وقت جوابدهيءَ جي اصول کان وانجهيل ۽ احتساب کان آزاد رهي ٿو، تہ ميئرن لاءِ پوليس واري جي آءُ ڀڳت ۽ خوشامد برآمد ڪرڻ صورتحال جو هڪ معمول بڻجي وڃي ٿو ۽ آن کي ڪا نئين ڳالهہ نٿو سمجهيو وڃي.

بهرحال اِهـا اميد ضرور رکي سگهجي ٿي تـہ بيان ڪيل دعوت ۾ مٺا سٺا طعام ۽ مال سليدا ضرور پيش ٿيا هوندا!

[روزانہ ”مسلم“، اسلام آباد:
١٢ جون، ١٩٨٤ع ۽ جي ٿورن سان. ـــــ م.ا.ج.]

# ڪراچيءَ ۾ نشي آور شين جو ڪاروبار

## هيروئن جي هڪ اڏي جو دلچسپ احوال

(انـور اقبال)

ڪراچيءَ ۾ هيروئن جي رڳو هڪ اڏي جي ماهانہ آمدني پندرهن لک روپيا آهي. اها ڳالهہ گهڻن کي وسهڻ ۾ نـہ ايندي، مگر اها حقيقت آهي.

هن نامہ نگار کي پڻ پهريائين اِن ڳالهہ تي ويساه نہ پئي آيـو تـہ ڪو نشي وارين شين جـو ڪاروبـار ايـڏي فـائـدي وارو آهي، جيڪو ڪراچيءَ جي بازا مارڪيٽ لڳ، ڪليوڪلايو، بنا روڪ ٽوڪ جي، نهايت پُراطمينان طريقي سان هلي رهيو آهي. سچ تہ ان بـاري ۾ منهنجا سمورا شڪ شبها ۽ گمان، نشي آڻيندڙ شين جي اهڙي هڪ اڏي کي ڏسڻ کان پوءِ بلڪل لهي ويا.

ڳالهہ دراصل هيئن شروع ٿـي، جـو مان نشي جي عادي مريضن جي علاج واسطي لياريءَ ۾ قائم ’بحالياتي مرڪز‘ گهمڻ ويس. اتي مون کي هيروئن جي عـادي مريضن سان ملڻ ۽ ڳالهہ ٻولهہ ڪرڻ جو موقعو مليو. آنهن مان هڪ جڏهن مون سان مٿيون حيرت ۾ وجهندڙ انڪشاف ڪيو، تـڏهن مون کي سندس دماغي حالت درست نہ پئي لڳي، مگر بعد ۾ ان جي تصديق مرڪز جي ٻن سماجي طبي ڪارڪنن ڪئي. هنن مـون کي صلاح ڏني تـہ مان خود آنهيءَ اڏي تي وڃان ۽ حالتن جو جائزو پاڻ وٺان. نشي

واپس اڏي تي پهچي ويندا آهن.

هن نامه نگار کي اهڙين ٻن وارداتن ڏسڻ جو موقعو مليو، جن ۾ ٻه وردي پوش سپاهي ۽ ٻه سادن ڪپڙن ۾ ملبوس پوليس وارا شامل هئا. هن، جڏهن ٽئڪسيءَ جو نمبر ۽ پوليس سپاهين جا ٻڪل نمبر نوٽ ڪرڻ گهريا، تڏهن هنن پنهنجن نالن ٻڌائڻ جي پڻ آڇ ڪئي!

هيءَ مشاهدو ٻي دفعا، هڪڙي ٻئي ڏينهن تي، ڪيو ويو، ۽ هر دفعي معمول مطابق ڪم ٿيندو نظر آيو. چرس ۽ هيروئن جي ٻنهي اڏن تي ساڳي رش هئي. البت جمعي ڏينهن روزمره کان ڪجهه وڌيڪ گراهڪ موجود هئا. رات جو اهڙو چڪر نه لڳايو ويو، حالانڪ هن نامه نگار کي ٻڌايو ويو ته رات جو ٻه ڪا گهٽتائي نه هئي، البت گراهڪن جي قسم ۾ تبديلي آئي ٿي، يعني ٽرڪ، بس ۽ ويگن جا ڊرائيور جن ۾ هيروئن ڪافي مقبول آهي، اهي رات جو آيا ويا ٿي: جيئن ته چرس ۾ بوءِ آهي، جيڪا يڪدم معلوم ٿي سگهي ٿي ۽ مسافر اعتراض ڪن ٿا، تنهنڪري هيروئن جو استعمال بغير ڪنهن کي ڪري سگهجي ٿو، ڇاڪاڻ جو ان ۾ ڪا به ڌپ يا بانس وغيره ناهي.

[١٩٨٤-٦-٢١] [روزانه "مسلم" جي ٿورن سان. — م.ا.ج]

# ١٩٧٣ع جو آئين — صوبائي خودمختياري ننڍن صوبن جي نقطي نظر کان

(ملڪ وزير علي)

هيءَ حقيقت شروع کان وٺي معلوم رهي آهي ته سال ١٩٨١ع جي آدمشماريءَ مطابق قومي اسيمبليءَ جي ٢٠٠ ميمبرن مان ١١٣ ميمبر پنجاب جا هوندا، ۽ باقي مان ٨٢ سنڌ، بلوچستان ۽ سرحد

پنجاب اڪيلي سر ئي قومي اسيمبليءَ ۽ سينيٽ جي گڏيل اجلاس ۾ غالب پئجي ويندو.

(٤) صدر جي چونڊ به گڏيل اجلاس ۾ ٿئي ٿي.

(٥) وفاقي ليجسليٽو لسٽ جي پهرئين ڀاڱي ۾ شامل اسمن بابت صدر جي جاري ڪيل آرڊيننسن کي آخري منظوريءَ لاءِ سينيٽ ۾ پيش ڪرڻ ضروري نه آهي. قومي اسيمبلي آهي منظور يا رد ڪري سگهي ٿي.

(٦) صوبن جي گورنرن، صوبائي هاءِ ڪورٽن جي ججن ۽ صوبن جي آڊيٽر جنرلن جي مقرري ۽ برطرفي صدر ڪري ٿو.

(٧) صدر کي وزيراعظم جي صلاح سان ڪم ڪرڻو آهي.

(٨) وزير اعظم کي قومي اسيمبليءَ ۾ گهڻائيءَ جي ووٽن سان چونڊيو وڃي ٿو، ۽ قومي اسيمبليءَ ۾ پنجاب کي ٦٢ ووٽن جي گهڻائي حاصل آهي.

(٩) وفاق ۽ صوبن جي گڏيل لسٽ بابت وفاقي قانونن کي صوبائي قانونن تي برتري حاصل آهي.

مرڪز ۽ صوبن جي وچ ۾ ڪمن جي ورڇ کي ٺورائيءَ وارا صوبا ضرور آئين جي مٿي ڄاڻايل ڳالهين جي روشنيءَ ۾ ڏسندا، جيڪي پنجاب کي وفاقي حڪومت تي مڪمل طرح قابض ٿيڻ جي طاقت بخشين ٿيون.

## اڻسڌو قبضو

وفاقي ليجسليٽو لسٽ ۾ عملي طرح ملڪي معاملن جو هر پهلو اچي ويو آهي، ايتريقدر جو اهڙا ڪم به ان ۾ شامل آهن، جيڪي اصولي طرح صوبن جي اختيار ۾ اچن ٿا.

اهو مقصد ٽن مکيه طريقن سان حاصل ڪيو وڃي ٿو:

(١) آمدنيءَ ۽ پرڏيهي ناڻي جي مناسبتا جي سڀني مکيه وسيلن تي وفاقي ڪنٽرول.

(٢) قومي رٿابنديءَ ۽ اقتصادي رابطي تي وفاقي ڪنٽرول.

بي پهچ ۽ يتيم ماٺهوءَ جهڙي هئي، جنهن جي مفادن ۽ حقن جي سنڀال گورنر جنرل طرفان سنڌس مقرر ڪيل گورنر جي معرفت ڪئي پئي ويئي.

انهن ۽ بي پهچ (صوبائي حڪومت) ڏانهن سنڀاليندڙ (وفاقي حڪومت) وارو اهو رويو ١٩٧٣ع واري آئين جي هيٺين فقرن مان ظاهر ٿئي ٿو:

(١) صوبائي گورنرن کي وفاقي حڪومت طرفان مقرر ڪيو ۽ ڪڍيو ويجي ٿو. [فقرو ١٠١]

(٢) صوبائي هاءِ ڪورٽن جي ججن کي وفاقي حڪومت طرفان مقرر ڪيو ۽ ڪڍيو ويجي ٿو. [فقرو ١٩٣]

(٣) صوبن لاءِ آڊيٽر جنرلن کي وفاقي حڪومت طرفان مقرر ڪيو ۽ ڪڍيو ويجي ٿو. [فقرو ١٦٨]

(٤) صوبا وفاقي انتظاميه جي رضامندي کان سواءِ ڪوبه ترقياتي ڪم ڪري نٿا سگهن.

١٩٧٣ع واري آئين جي فقري ١٦٠ ۽ ١٧٣ مطابق صوبن لاءِ ڪن محصولن جي ورهاست ۽ وفاقي امدادن جو ڪم قومي مالياتي ڪميشن جي معرفت ٿيو آهي. ڪميشن جي ڪارڪردگيءَ تي فقري ١٦٠ (٦) موجب، صدارتي آرڊر وسيلي وفاقي سرڪار جو ضابطو آهي.

جيتوڻيڪ صوبن جا مالي وزير ڪميشن ۾ آهن، تنهنڪري انهن جي ڪميشن ۾ نمائندگي آهي، پر هن حقيقت سان آئين ۾ ڏنل صوبائي خودمختياريءَ جو ڀانڊو ڦاٽي پوي ٿو ته صوبا پنهنجين ٧٠ سيڪڙو مالي ضرورتن لاءِ مرڪز جا محتاج آهن.

اها حقيقت ننڍا صوبا شدت سان محسوس ڪن ٿا، ڇو ته وفاقي مرڪز تي، جيئن مٿي ڏنوسون، آئيني طرح سرڪار کي صوبن مٿان ڪيڏو قبضو آهي — اهڙن معاملن ۾ به جيڪي ظاهر ظهور صوبن جي خالص اختيار جي دائري ۾ اچن ٿا. جيڪا حالت تعليم

سان آهي، سا صحت، زراعت، رستن ۽ پين معاملن سان به لاڳو آهي.

## مالي محتاجي

سال ۱۹۷۳ع واري آئين هيٺ صوبن کي پنهنجن مالي معاملن ۾ ڪيتريقدر مرڪز تي ڀاڙڻو آهي، تنهن جو اندازو هيٺ ڏنل انگن اکرن مان لڳائي سگهجي ٿو.

۱۹۸۲-۱۹۸۳ع

| | ملين رپيا |
|---|---|
| الف: | |
| (۱) صوبن جو هلندڙ ڪل خرچ | ۱۵٬۴۸۰٫۷ |
| (۲) صوبن جو ڪل ترقياتي خرچ | ۲٬۲۱۳٫۴ |
| | ۱۷٬۶۹۴٫۱ |
| ب: | |
| (۲) صوبائي وسيلن مان ڪل آمدني | ۵٬۱۲۹٫۴ |
| (۲) وفاقي حڪومت پاران اڳاڙيل محصولن مان صوبن جو حصو | ۹٬۸۳۷٫۵ |
| (۳) صوبن کي هلندڙ ۽ ترقياتي ڪمن لاءِ ملندڙ وفاقي حڪومت جي ڪل امداد | ۲٬۳۶۴٫۳ |
| | ۱۷٬۳۳۱٫۲ |

مٿين انگن اکرن مان معلوم ٿيندو ته پنهنجن وسيلن مان ٿيندڙ آمدني صوبن کي پنهنجي چالو ۽ ترقياتي خرچ لاءِ گهربل رقم جو صرف ۳۰ سيڪڙو آهي. وفاقي مرڪز امداد جي محتاجيءَ کان سواءِ، صوبن جي انتظاميه تي پنهنجا مکيه عملدار مقرر ڪري ٿو، نهن تي پيو هر طرح جو ملازمتي ضابطو رکي ٿو. [فقرو ۲۴]

ذميداري جنرل ڪي. ايم. شيخ کي ڏني ويئي. مون ڪليءَ تحقيقات جو مطالبو ڪيو، ڇاڪاڻ ته مون کي پڪ هئي ته ملڪي سالميت خلاف هن سازش ۾ حڪمران به ذر هئا. حڪومت ڪليل تحقيقات واري خطري کان ڊنل هئي. معاملو رفع دفع ٿي ويو. اُن کان پوءِ گذريل سال، لاهور جي ”گروپ ٨٣“ واري سيمينار ۾ مون پنجابيءَ کي اُن جي جائز حيثيت ڏيڻ وارو پنهنجو مطالبو وري دهرايو.

س: ائين ته ناهي ته پنجاب جي سجاڳيءَ وارو نعرو ننڍن صوبن ۾ هليل تازيءَ هلچل جو رد عمل آهي؟

جواب: جي نه، ائين ڪونهي، جيتوڻيڪ اُنهيءَ هلچل جي واقعن جي ڪري سجاڳيءَ وارو گهوٽالو وڌيڪ شدت سان اڳري سامهون آيو آهي.

س: جيتوڻيڪ اوهان پنهنجي چارٽر جي پڇاڙيءَ ۾ چيو آهي ته اوهين ماڻهن جي فطري ٻولين جي برتريءَ ۽ واڌاري ۾ يقين رکڻ وارن سان گڏجي ڪم ڪرڻ جو عهد ڪريو ٿا، جنهن مان ملڪ جي مختلف علائقن جي وچ ۾ مقصد جي هڪجهڙائيءَ جو اشارو ملي ٿو، پر ائين بهتر نه ٿئي ها ته اوهين ٻين صوبن جي نمائندن سان صلاح مشوري کان پوءِ هي عهدنامو جوڙيو ها؟

ج: اسين ٻين صوبن جي همخيال ماڻهن سان ملنداسين ۽ ساڻن صلاح مشورو ڪنداسين. پر هي معاملو اهڙو اهم هو، جو ترت قدم ضروري ٿي پيو.

س: يا وري اوهين ايترو واضح ڪريو ها ته هي چارٽر ٻين صوبن ۾ هلندڙ مقامي هلچلن جي جواب ۾ نه آهي، ۽ اوهان پاڻ لاءِ جيڪي مطالبا ڪيا آهن، سي اُنهن لاءِ به چاهيو ٿا؟

ج: اسين اِئين ڪري رهيا آهيون. اسان پاڪستان ۾ ثقافتي گهوٽالي کي حل ڪرڻ لاءِ ستن نڪتن وارو فارمولو جوڙيو آهي. اُن ۾ چيل آهي:

”مرڪزي حڪومت چٽيءَ طرح اعلان ڪري ته

” (١) هن کان پوءِ ملڪ جون سڀ ٻوليون ’قومي ٻوليون‘

ڪوٽ تي پٽجي آهي، ڇو تہ انهن جو وڏو تعداد پنجاب لڏي ويو آهي.

س: ڪن ماڻهن جو چوڻ آهي تہ پنجابيءَ کي سرڪاري درجو اِن ڪري نہ ڏنو ويو جو انگريزن جڏهن سکن کان حڪومت هٿ ڪئي هئي، تڏهن پنجابيءَ جي سرڪاري حيثيت ڪانہ هئي.

جواب: بلڪل سچ، سک دربار ۾ فارسيءَ کي عدالتي ٻوليءَ جو درجو حاصل هو. آها روايت ڪين ورثي ۾ ملي هئي ۽ هر شعبي ۾ آن تي عمل ٿي رهيو هو. پر تڏهن اسڪولن ۾ پارسيءَ ۽ عربيءَ سان گڏ پنجابي بہ پڙهائي ويندي هئي ۽ تعليم جو ذريعو پنجابي هئي. ليٽنر پنهنجي ڪتاب "مقاسي تعليم جي حالت" ۾ لکيو آهي تہ "پنجاب ۾ تعليم جو سيڪڙو يورپ جيترو اوچو هو. جڏهن اڙدوءَ کي تعليم جو ذريعو بڻايو ويو تہ هي صوبو جاهلن جي دنيا ۾ بدلجي ويو. تعليم جو اهو طريقو علم پکيڙڻ ۾ ناڪام ٿيو آهي."

س: ٻر اسان کي لاهور جي ٿي ڪن معزز لکندڙن ٻڌايو آهي تہ اڙدوءَ پنجاب ۾ جنم ورتو هو ۽ اِن ڪري آها هتي جي مقامي ٻولي آهي.

ج: اهڙن ماڻهن جي ڪري وڏو سونجهارو پيدا ٿيو آهي. جڏهن اڙدوءَ کي روزگار حاصل ڪرڻ لاءِ لازمي ٺهرايو ويو، ۽ اڙدو ڄاڻڻ بنان ڪو بہ ماڻهو استاد يا ڪلارڪ يا پٽيوالو بڻجي نٿي سگهيو، تڏهن ماڻهن آن کي مجبوريءَ طور قبول ڪيو. اقبال، ظفر علي خان ۽ فيض جهڙن وڏن قلمڪارن حاڪمن جي خوشنودي حاصل ڪرڻ لاءِ اڙدوءَ ۾ لکيو. تنهن کان سواءِ اڙدو هندستاني سياست ۾ هڪڙو مسئلو بڻجي ويئي. هندن هنديءَ جو مطالبو ڪيو ۽ مسلمانن اڙدوءَ لاءِ ڏنڊو کنيو.

س: جيڪڏهن پنجابيءَ سان انگريزن زيادتي ڪئي، تہ پوءِ پاڪستان ٿيڻ کان پوءِ اِن جي تلافي ڇو نہ ڪئي ويئي؟

ج: پاڪستان کان پوءِ پاڪستان مسلم ليگ بہ انهن نعرن

۽ تنظيمن بابت ڇا چوندؤ؟ اوهين پاڻ به پنجابي ادبي بورڊ جا چيئرمن رهي چڪا آهيو.

ج: اِن ڳالهه کي ڇڏيو. گهڻيون جماعتون رڳو سرڪاري امدادون حاصل ڪرڻ لاءِ ٺهن ٿيون. سرڪار هميشه ليکڪن ۽ وڳوڙ پيدا ڪرڻ وارن جا منهن بند ڪرڻ لاءِ کين امدادون ڏيندي آهي. ڪي ماڻهو مون وٽ آيا ۽ درخواست ڪيائون ته آءٌ پنجابي ادبي بورڊ جي صدارت قبول ڪريان. مون آها قبول ڪندي، اِهو واضح ڪري ڇڏيو هو ته اهڙن ڪمن لاءِ مون وٽ وقت ڪونهي. مون کي جڏهن اِهو تجربو ٿيو ته پنجن ڇهن سالن ۾ ڪو به نئون ڪم ٿي نه سگهيو هو، تڏهن بورڊ کي ڇڏي ڏنم.

س: هاڻي اوهان وٽ ڪهڙو حل آهي؟ اوهين ٽن ٻولين— مادري ٻولي، قومي (رابطي جي) ٻولي ۽ غير ملڪي ٻولي— واريءَ مشهور فارمولا جي وڪالت ڇو نٿا ڪريو؟

ج: جيتريون وڌيڪ ٻوليون اوترو رکو. اڙدوءَ کي به برقرار رکي سگهجي ٿو. اسين پنجن پيڙهين کان اُن ۾ پڙهيا آهيون. اُن ۾ اسان جو تمام گهڻو ادب آهي. پر رابطي جي ٻوليءَ جي ڪهڙي ضرورت آهي؟ پاڪستان جون سموريون ٻوليون قومي ٻوليون آهن. اسين پنهنجن اسڪولن ۾ (پنجاب ۾) پنجابيءَ سان گڏ سنڌي، پشتو ۽ بلوچي پڙهنداسين. ٻين صوبن ۾ به ائين ٿيندو. اسين سڀ هڪٻئي جون ٻوليون سمجهي سگهنداسين. رابطي جي ٻوليءَ وارو چڪر اجايو آهي. اِها رڳي دل وندرائڻ واري ڳالهه آهي.

س: اوهين پاڪستان کي رڳو گهڻ - ٻوليو ملڪ ٿا ڪوٺيو، يا اوهان جي خيال ۾ آهو گهڻ - قومي ملڪ آهي؟

ج: گهڻ ۾ ڇو پئجي. اسين هڪ قوم آهيون، پاڪستاني قوم.

س: مون کي ياد ٿو اچي، اوهان هڪ ڀيري اڙدو ۾ نماز پڙهڻ جي مهم هلائي هئي.

اسين نيٺ هن نئين جوان ملڪ ۾ اهڙو خيال ڇا لاءِ پيدا ڪريون ٿا، جيئن گذريل ٢٦ سالن کان ڪندا رهيا آهيون ۽ پنهنجي ئي ملڪ، صوبي، يا شهر جي واقعن بابت ماڻهن کي ڇو پرڏيهي وسيلن تي ڀاڙڻ تي مجبور ڪري رهيا آهيون؟ خبرن جي معاملي ۾ ١٩٥٨ع جي مارشل لا کان وٺي سڀني حڪومتن اهو غير دانشمنديءَ وارو طريقو ڇو اختيار ڪيو آهي؟

هيءُ ڪو دنيا جو اهڙو حصو ڪونهي، جتي خانگي يا سرڪاري شعبي جو وجود نہ هجي يا آهي صفا گهٽ آسريل هجن. هن ايراضيءَ ۾ حڪومت جو ڪردار غالب آهي. پاڪستان ۾ ٽي. وي ۽ ريڊيو کي سرڪاري هڪ هٿي حاصل رهي آهي، ۽ اهي ادارا سرڪاري پاليسين ۽ پروگرامن جو مڪمل نموني پرچار ڪندا رهيا آهن. سرڪار وٽ فلم ۽ اشاعت جا ادارا آهن، جن هيٺ فلمن، ڪتابڙن ۽ ڪتابن ذريعي عوام کي پڌايو ويندو آهي تہ سرڪار ڇا سوچي ۽ ڪري ٿي، يا ايندڙ سالن ۾ ڇا ڪرڻ چاهي ٿي. تنهن سان گڏ، سرڪار وٽ ”نئشنل پريس ٽرسٽ“ جون سرڪاري اخبارون بہ آهن، جن مان چار اخبارون انگريزيءَ ۽ اردوءَ جا ڏهہ ايڊيشن شايع ڪن ٿيون — جيڪي وڏي تعداد ۾ ڇپجن ٿا، ۽ آنهن جي وري سرڪاري طور وڏي نموني سهائتا ڏيندي رهي ٿي.

ساڳئي وقت خانگي شعبي جون ڪيترين ئي اخبارون پڻ آهن، جن مان ڪي تہ سرڪاري اخبارن کان وڌيڪ سرڪار جون حامي آهن.

تہ پوءِ اهو ڇا آهي، جو اطلاعاتي شعبي ۾ حڪومت جي ايڏي تسلط هوندي بہ، ۽ ٽي. ويءَ ۽ ريڊئي تي هڪ هٿيءَ هوندي بہ، حڪومت ماڻهن کي ان ڳالهہ جو قائل نٿي ڪري سگهي، جنهن جو هوءَ کين قائل ڪرڻ چاهي ٿي.

ماڻهو سرڪاري اطلاعاتي وسيلن تي ڀاڙين، تنهن لاءِ مختلف حڪومتن لڳاتار پنهنجن گهربل نتيجن حاصل ڪرڻ ۾ ناڪامي

ڪندو آهي، جو اهو سفارشي ڪيس پنهنجو هوندو آهي. مطلب آهي ته سفارش ڪندڙ اقربا پروريءَ، پاسخاطريءَ يا دوست نوازيءَ جي جذبن تحت ڪنهن جي سفارش ڪندو آهي. سفارش ڪندڙ اهو خيال نه رکندو آهي ته هي سفارشي ڪو انهيءَ ڪم يا جڳهه لاءِ اهل به آهي يا نه، يا هو ڪو انهيءَ ڪم يا فرض کي خوش اسلوبيءَ سان نباهي به سگهندو يا نه. لائق هجي يا نالائق، اهل هجي يا نا اهل، موزون هجي يا غيرموزون، بهرحال هن جو ڪم ٿيڻ گهرجي. سفارش ڪندڙ جون اکيون انهيءَ جي نتيجي کان پوريل يا ٻوٽيل هونديون آهن.

اصل حقيقت اها هوندي آهي ته انهيءَ سفارش ڪرڻ ۾، سفارش ڪندڙ جو پنهنجو به ڪو نه ڪو مفاد هوندو آهي، جنهن کي حاصل ڪرڻ لاءِ هو ننهن-چوٽيءَ جو زور لڳائيندو آهي ۽ انهيءَ مهم کي ڪامياب بنائي وٺندو آهي. ڪڏهن ته وري صرف ميار لاهڻ خاطر به سفارش ڪئي ويندي آهي. بهرحال، انهيءَ سفارش جي زوردار يا وزندار هئڻ جو مدار سفارش ڪندڙ جي پنهنجي شخصي مفاد تي ئي هوندو آهي.

اهڙي قسم جي سفارش ڪري، نا اهل ۽ غير موزون شخص اهڙين جاين يا منزلن تي پهچيو وڃن، جن جا هو اهل ۽ لائق نه هوندا آهن ۽ اڳتي هلي ماڃيڪار ثابت ٿيندا آهن. نه رڳو ايترو، پر موزون ۽ لائق ماڻهن جا حق غصب ٿيو وڃن ۽ اهي ويچارا ڏڪجي پوئتي رهجيو وڃن، جنهن ۾ شخصي نقصان سان گڏ قومي نقصان به آهي.

هن طريقي جي سفارش ۾، سفارش ڪندڙ لاءِ ضروري آهي ته هو مفادپرست ۽ بي اصولو هجي، ۽ سفارش ڪندي ڪابه هٻڪ ۽ هٻڪ محسوس نه ڪري. سفارشيءَ لاءِ وري نا اهل ۽ ناڪارو هئڻ لازمي آهي.

ٻيو طريقو اهو ته سفارش ڪندڙ ڪنهن لائق ۽ اهل ماڻهوءَ جي سفارش ڪندو آهي ۽ هن کي وس وارن جي اڳيان ٻيهاريندو

ڪو نہ هو. حد تہ اها آهي، جو آن دور جا شاهوڪار غريبن کي سور ڳو ذليل سمجهندا هئا. ۽ اڄ بہ هن سڌريل دور ۾ ظالمن جي آها پراڻي طبقاتي سنّت جاري آهي. هر دور ۾ اهو غريب ۽ امير جو تفاوت ڪنهن نہ ڪنهن شڪل ۾ موجود ٿي رهيو آهي. ڏک فقط اهو آهي تہ جيئن جيئن علم ۽ تهذيب جي روشني وڌي ۽ پکڙجندي رهي، تيئن تيئن اها بچڙائي وڌندي ٿي رهي ۽ گهٽي اصل نہ!

اڄ دنيا جي هڪ وڏي طاقت يعني آمريڪا ۽ آن جا دوست ملڪ اِن طبقاتيت جا خاص محافظ آهن. جهڙيءَ ريت هنن طبقاتيت جي نهايت کليءَ ريت مدد ۽ عام غريب انسانيت سان دشمنيءَ جا گر دنيا جي آڏ وپيش ڪيا آهن، آن جو مثال ماضيءَ جي تاريخ ۾ ڪونہ ٿو ملي. گذريل ۱۹۱۴ع ۽ ۱۹۴۰ع ۾ لڳل بہ مهاڀاري جنگيون بہ اِن لاءِ ثابتي آهن. آهي بہ موتمار جنگيون فقط اِن لاءِ جوڙيون ويون، جو سڄي يورپ ۽ آمريڪا جي سامراجن جون ننڍيون 'ميڊ- اِن- جرمني' (Made in Germany) جي پوت حرام ڪري ڇڏيون هيون، ڇو تہ سامراجي ڦرلٽ سان ڪجهہ حصو آن پوت کي بہ گهربو هو.

اڄ پڻ آمريڪا ۽ سندس مغربي دنيا جي سامراج ساٿيارن کي ڪميونسٽن جو خوف ويڙهي ويو آهي. ان خوف ۾ هو، خاص طرح آمريڪا، ايترا تہ ڏنل آهن، جو ننڊ ۾ بہ ڇيا ڏڪن. پوءِ توڙي جو آمريڪا ۾ ڪميونسٽن جو ڪو گهٽو نالو نشان بہ ڪو نہ هو. هاڻي سوال ٿو پيدا ٿئي تہ جڏهن خاص آمريڪا ۾ ڪميونسٽ پڻ آهن ئي ڪونہ، ۽ خود اِها پاڻ بہ هڪ وڏي جنگي طاقت آهي ۽ روس سان بہ سڌيءَ طرح آن جو ڪو فوجي ٽڪر ڪو نہ آهي، تہ پوءِ اهڙيءَ حالت ۾ آمريڪن جون ننڊون ڇو ڦٽي ويون آهن؟ اِن جو جواب ڪميونزم خواهہ روسي طرز عمل يا طاقت جي روشنيءَ ۾ ڪونہ ڏيئي سگهبو. اِن ڪري، جو خوف جو اصل محرڪ قومن ۽ فردن جي پنهنجي ڪنهن ذاتي بدعمل ۽

# وڏا ماڻھو

(محبوب علي جوکيو)

اسين عام طرح ڪنھن ڪـي وڏو ماڻھو چوندا آھيون، تہ ڪنھن ڪـي ننڍو ماڻھو. اِھو سڀڪجھہ پنھنجي تجربي، آزمودي ۽ مشاهدي جي روشنيءَ ۾ ھوندو آھي. پـر اِن لاءِ ڪو ماڻ، تورو، ماپ يـا حد مقرر ڪيل ڪانہ ھوندي آھي، جنھن ۾ توري تڪي يا ماپي، ڪنھن کي وڏو ماڻھو چئون تہ ڪنھن کي ننڍو ماڻھو.

بھرحال، ”وڏا ماڻھو“ سماج جي ھر طبقي يا حلقي ۾ ھوندا آھن. سياست ۾، ملازمت ۾، مـال ملڪيت ۾، مطلب تہ ھر طبقي ۾ ڪي وڏا ماڻھو ھوندا آھن تہ ڪي ننڍا ماڻھو. وڏي ماڻھوءَ جي سڀني سڏي وصف تہ ڏيئي نٿي سگھجي، البت اِن جون ڪي نشانيون پيش ڪري سگھجن ٿيون، جيڪي لفظ ”وڏي ماڻھوءَ“ تي ڪافي روشني وجھنديون.

وڏي ماڻھوءَ جي خاص نشاني اِھا آھي تـہ آن جي بنگلي، اوطاق يا آفيس جـي در تي چوڪيدار يا دربان ضرور بيٺل ھجي، جنھن جي اجازت کان سواءِ ڪير بہ اندر داخل ٿـي نہ سگھي يا وڏي ماڻھوءَ سـان ملاقات ڪري نـہ سگھي. ڪن حالتن ۾ اندر اطلاع ڪرڻ بہ ضروري آھي، پوءِ وڏي ماڻھوءَ جي مرضي آھي تہ آن کي جلدي گھرائي، دير سان گھرائي، يـا چورائي موڪلي تہ ’وڏو ماڻھو آرامي آھي.‘

وڏي ماڻھوءَ جي ٻي خاص نشاني آھي تہ ھو سچ ٻڌڻ کان نفرت ڪندو ھجي يا خوف کائيندو ھجي. ھن جي منھن تي، ڪنھن کي بہ اِھا جرئت يا ھمت نہ ٿيڻ گھرجي، جو سچ جا گفتا ٻولي سگھي، خاص ڪري آن وڏي ماڻھوءَ بنسبت. جيڪڏھن ڪنھن جي زبان مان سچ نڪري بہ وڃي، خاص ڪري سندس باري ۾، تہ آن کي

ڪان وٺي آتي رهندڙ آهن، آنهن کي ذاتي جي مفادن پوري ڪرڻ لاءِ سنڌن ڌرتيءَ تان لڏايو وڃي؟ ڇا، اها معزز هاءِ ڪورٽ ۽ سول ڪورٽ جي بيعزتي نه آهي؟ ڇا پاڪستان جي اسلامي قانون ۾ هنن ماڻهن لاءِ ايترو به حق نه آهي، جو هو پنهنجيءَ ئي ڌرتيءَ تي رڳو گهرڙا ٺاهي رهي سگهن؟

حالانڪ پراڻن دستاويزن ڏسڻ ڪانءِ پوءِ هيءَ ڳالهه معلوم ٿي آهي ته اهو ڳوٺ سؤ سالن کان رڪارڊ تي موجود آهي ۽ آن وقت انگريز سرڪار جڏهن آن ڳوٺ جي چوڌاري پيلو پوکڻ پئي چاهيو ته ڳوٺ وارن سان اهو معاهدو ڪيو هو ته ”اوهان جا ڍور ڍڳا بنان ڪنهن روڪ ٽوڪ جي پيلي مان چري سگهندا، ۽ جڏهن به پيلو ڪيرايو ويو ته اوهان جون زمينون اوهان کي ئي واپس ڪيون وينديون.“ افسوس آهي اڄ جي پاڪستاني مسلمانن تي، جو انگريز سرڪار ماڻهن جي ڍور ڍڳن جو به ايترو خيال رکيو هو.

ڇا، پاڪستان اِن ڪري ٺاهيو ويو هو؟ ۽ انگريز کان آزادي اِن ڪري ورتي ويئي هئي؟ يا وري ماڻهن کي پاڪستان ٺاهڻ جي سزا ڏني پيئي وڃي؟— ڇو ته اِها سنڌين جي ئي اسيمبلي هئي، جنهن سڀ کان پهريائين پاڪستان جو ٺهراءُ پاس ڪيو هو. ڇا سنڌين کي آن ٺهراءَ پاس ڪرڻ جي سزا ڏني ٿي وڃي؟ ڇا، هن وقت ماڻهن کي هاءِ ڪورٽ ۽ سول ڪورٽن جهڙن معزز ادارن جي طرفان مليل حق به پلئه ڪو نه پوندا؟

انگريزن جي غلاميءَ ۾ به ايترو حق مليل هو، جيڪو اسين مٿي بڌائي آيا آهيون. آخر اِها ڪهڙي آزادي آهي، جنهن ۾ مليل حق به کسيا وڃن؟ ته پوءِ آخر انصاف ڪاٿي پلئه پوندو، آن جو ڏس ڏنو وڃي ته آتي دانهن ڪيون وڃن!

[ماهوار ”الصادق“ ڪراچي جي شوال مهيني سن ۱۴۰۴هه ۾ ڏنل ايڊيٽوريل نوٽ.] (۱۳-۹-۱۹۸۴ع)

# مضمون

(عالمی صورتحال)

ٿئي ٿو تہ مستقبل اوهان جي اڳيان جهڪي ويندو.“

آءٌ بہ ماضيءَ کي ماضي ڪري سمجهان ٿو. آءٌ اُن امن ڪاميٽيءَ جو سيڪريٽري هوس، جنهن سن ١٩١٩ع ۾ ”قومن جي انجمن“ (League of Nations) جو آئين پئرس ۾ لکيو هو. آءٌ آمريڪا جي صدر ووڊرو ولسن جو صحبتي ۽ دوست رهيو آهيان، جنهن ”چوڏهن نڪتا“ ڏنا هئا ۽ جن ۾ هٿيارن جي گهٽتائيءَ جو بہ هڪ ضروري نُڪتو هو. آءٌ لارڊ رابرٽ سيسل جو بہ ويجهو دوست هوس، جنهن ”قومن جي انجمن“ جي آئين جو مسودو تيار ڪيو هو ۽ جيڪو ميني جي سلامتيءَ ۽ هٿيارن ۾ گهٽتائي ڪرڻ جو زبردست حامي هو. سن ١٩١٩ع جي امن ڪانفرنس جو عظيم رهنما ۽ ڏکڻ آفريڪا جو مشهور سياستدان جنرل سمٽس، بہ منهنجو دوست هوندو هو. اهو بہ هٿيارن ۾ گهٽتائي ڪرڻ ۽ عالمي امن جو حامي هو. مون پنهنجين اکين سان ”قومن جي انجمن“ کي پيدا ٿيندي ڏٺو آهي. اُن جي آئين کي حرف بحرف زنده ۽ عمل ۾ ايندي ڏٺو آهي. ”انجمن“ جو پهريون سيڪريٽريٽ قائم ٿيو تہ آءٌ اُن جو هڪ سيڪريٽري هوس. آءٌ ”انجمن“ جي پهرئين سيڪريٽري جنرل ايرڪ ڊروسنڊ سان گڏجي جنيوا ويو هوس. پهرين وڏيءَ لڙائيءَ جي ختم ٿيڻ تي جنگي قيدين جي لاءِ جيڪا ڪميشن قائم ٿي هئي، آءٌ اُن جو سيڪريٽري هوس. مون ”انجمن“ کي جوان ٿيندي ۽ ڪامياب ٿيندي ڏٺو، جنهن کي هڪ فيلسوف ”انسان جي ذهن ۾ پيدا ٿيڻ وارو سڀ کان شاندار خيال“ چيو هو.

مون اِهو بہ ڏٺو تہ جڏهن انگلنڊ ۾ سن ١٩٣٥ع ۾، ڇهن سوالن وارو سوالنامو جاري ڪري قوم کان لکيت ۾ راءِ ورتي ويئي، تہ ماڻهن نہ رڳو وڏي جوش جذبي سان اُن ۾ حصو ورتو، بلڪ ”قومن جي انجمن“ تي وڏي ڀروسي جو اظهار پڻ ڪيو. ستانوي سيڪڙو ووٽرن جي راءِ اِها هئي تہ انگلنڊ کي ”انجمن“ جو رڪن رهڻ گهرجي. نيانوي سيڪڙو ووٽر هٿيارن گهٽائڻ جي لاءِ عالمي اقرار ڪرڻ جي حق ۾ هئا. پنجاهہ سيڪڙو راءِ ڏيندڙن جو خيال

هو ته هوائي فوج کي بلڪل ختم ڪيو وڃي— پر اِن شرط تي ته ٻيا ملڪ به پنهنجين هوائي فوجن کي ختم ڪن. ٽيانوي سيڪڙو ووٽر حملي ڪندڙ ملڪ جي خلاف اقتصادي پابندين هڻڻ جي حق ۾ هئا. چوهتر سيڪڙو راءِ ڏيندڙ حملي ڪندڙ ملڪ جي خلاف گڏيل فوجي ڪارروائي ڪرڻ جا حامي هئا.

"قومن جي انجمن" جي آئين جي قلم ٨ مطابق هٿيارن گهٽائڻ جي پهرين عالمي ڪانفرنس پئرس ۾، سن ١٩٣٢ع ۾ ٿي هئي. آءٌ انهيءَ ڪانفرنس جو نائب صدر هوس. مون آتي هڪ ارب انسانن جي عيوضين جون تقريرون پنهنجن ڪنن سان ٻڌيون. هنن سڀني جي هڪڙي خواهش هئي ته ڪانفرنس ڪامياب ٿئي ۽ هٿيارن گهٽائڻ جو مقصد حاصل ٿئي.

پهرين وڏيءَ جنگ جي نتيجي ۾ اڳوڻن فوجين، زخمين ۽ معذور سپاهين جي هڪ وڏي عالمي تنظيم قائم ٿي هئي، جنهن جو انتظام به منهنجي حوالي ڪيو ويو هو. آن جي افتتاحي جلسي ۾ ڪيترن ئي ملڪن جا پنج هزار ڪان وڌيڪ عيوضي شريڪ ٿيا. هنن جنيوا جي بازارن ۾ مارچ ڪيو، جنهن ۾ پهرينءَ قطار ۾ پنجاهه معذور ڪرسين تي ويٺل هئا، جيڪي جنگ ۾ زخمي ٿيا هئا. هنن جون ٽنگون جنگ جو ٻڪ ٿي ويون هيون، سندن هٿ ڄڃي پيا هئا، ۽ آهي پنهنجو نور وڃائي ويٺا هئا. دشمن جي بمباريءَ سندن جسمن کي پروڻ ڪري ڇڏيو هو. آنهيءَ ڪانفرنس ۾ ڳالهائيندڙن زوردار لفظن ۾ گهر ڪئي ته آهو جلسو آن وقت تائين ملتوي يا ختم ٿيڻ نه گهرجي جيستائين آنهن هٿيارن کي نيست ۽ نابود ڪرڻ لاءِ سڀئي قومون ۽ ملڪ اقرار نٿا ڪن، جن جي ڪري لکين انسان موت جو شڪار ٿي چڪا هئا.

مطلب ته مون "قومن جي انجمن" کي پيدا ٿيندي ۽ وڌو ٿيندي ڏٺو ۽ وري آن جو زوال به ڏٺو. مون منچوريا کي فريب ۾ ڦاسندي ڏٺو، جڏهن جپان جي فسادي فوجين پنهنجي ئي ملڪ جي وزيراعظم کي اِنهيءَ ڪري قتل ڪري ڇڏيو ڇاڪاڻ ته هو چين

تي فوجي حملي ڪرڻ جي خلاف هو. سون ”قومن جي انجمن“ کي فريب ۾ ڦاسندي ڏٺو. سون هٿيارن گهٽائڻ جي ڪانفرنس کي ناڪام ٿيندي ڏٺو. جڏهن مسولني ٻيو ڀيرو حبش تي حملو ڪيو تہ اُن وقت بہ ”انجمن“ جي ڇاتيءَ ۾ خنجر هنيو ويو. ”انجمن“ کي ڪنهن ڌوڪو ڏنو؟ اُن جي ڇاتيءَ ۾ ڪنهن خنجر هنيو؟ اِهو ٻڌائيندي منهنجو شرم وچان ڪنڌ جهڪي وڃي ٿو. پر آءٌ صاف چوان ٿو تہ انگريزي سلطنت جي ڪاموورا شاهيءَ ۽ فسادي فوجين گڏجي ”قومن جي انجمن“ جو تختو اونڌو ڪيو. آءٌ اُن وقت انگريز سرڪار جي پرڏيهي وزارت ۾ هڪ اهم عهدي تي هوس. آءٌ پارليامينٽ جو ميمبر بہ رهيو هوس. انگريزن جي سلطنت، جنهن ۾ ڪڏهن سج لهندو ئي ڪونہ هو، جنهن جي شهنشاهہ جي ڇانوَ ۾ پنجهٺ ڪروڙ انسان زندگي بسر ڪندا هئا، سا انگريزي سلطنت اُن وقت دنيا جي سڀ کان وڏي فوجي طاقت هئي، جنهن جي حڪومت پنجن ئي کنڊن ۾ قائم هئي. انگريزي سلطنت کان سواءِ ”قومن جي انجمن“ جو گڏيل سلامتيءَ جو ڪوبہ پروگرام ڪامياب ٿي نٿي سگهيو. پر بدقسمتيءَ سان انگريزي سلطنت پنهنجي وعدي سان وفا نہ ڪئي ۽ وک وک تي ”انجمن“ کي فريب ڏنا.

جيڪڏهن رابرٽ سيسل، آرٿر بلفور، جنرل سمٽس ۽ هٿيارن گهٽائڻ جي عالمي ڪانفرنس (جيڪا جنيوا ۾، ١٩٣٣ع ۾ ٿي هئي) جو صدر، آرٿر هينڊرسن، سموريءَ انسانذات جو خيال رکن ها، تہ فرانس، جرمني، اٽلي، ناروي، سئيڊن، هالنڊ، بيلجم ۽ دولت مشترڪہ جا ملڪ — آهي سيئي، هٿيارن جي روڪ ۽ جنگ جي خلاف هڪ مضبوط ۽ متحده محاذ ٺاهي سگهن ها. پر اسان جي ڪاموورا شاهيءَ ۽ اسان جي فوج ۾ اهڙا عملدار ۽ جنرل هئا، جن جي دماغ ۾ ملڪن کي فتح ڪرڻ ۽ وڏا ڪارناما ڪري ڏيکارڻ جو ڀوت ويٺل هو. آهي ماڻهو اسانجن وڏن وزيرن ۽ دفاع جي وزيرن کي پنهنجي قبضي ۾ رکندا هئا ۽ هنن کي سنئينءَ راهہ تي هلڻ نہ

ڏيکاريو ۽ جڏهن آها جنگ لڳي ختم ٿـي ويئي ۽ اتحادين جـي فتح ٿـي، تڏهن چرچل هڪ خط ۾ رابرٽ سيسل کـي لکيو: ”اِها هڪ اجائي جنگ هئي. جيڪڏهن ’قومن جي انجمن‘ جـا ارڪان همت ۽ ثابت قدميءَ سان آن جي مقصدن ۽ منشور جو جهنڊو اوچو رکندا اچن ها، ته آنهيءَ جنگ کي سولائيءَ سان روڪي سگهجي ها.“ سر چرچل جو اشارو انگلنڊ ۽ فرانس ڏانهن هو.

آءٌ وري به چوان ٿو ته آءٌ تاريخ جي هڪ بيحد اهم حصي ۽ نازڪ موقعي جو اکين ڏٺو شاهد رهيو آهيان. مون پنهنجين اکين سان سڀ ڪجهه ڏٺــو آهي. سوال اٿي ٿو ته مون ڪهڙو سبق حاصل ڪيو؟ ڪهڙي عبرت حاصل ڪئي؟

آن جي جواب ۾، آءٌ فرانس جـي هڪ مشهور فيلسوف ۽ اديب، پاسڪل، جـو هڪڙو قول لکان ٿو: ”سموريءَ دنيا جـو اعليٰ اقتدار عام راءِ آهي“ ٿيندڙ واقعا، خوشقسمتيءَ يا بدقسمتيءَ سان، اتفاقي حادثا نه هوندا آهن. تاريخدان ڪڏهن به تاريخي لاڙن جون ڳالهيون نه ڪندا آهن. قدرت جا عمل ۽ فطرت جا قانون به اسان انسانن جـي تقدير جـو فيصلو نٿا ڪن. واقعا ۽ حالتون اها ڳالهه مقرر ڪنديون آهن تـه ماڻهو ڇا ٿا سوچين، هنن جا عقيدا ڪهڙا آهن، ۽ سندن راءِ ڇا آهي.

پاسڪل جڏهن اِهو چيو هو تـه ”سموريءَ دنيا جو اعليٰ اقتدار عام راءِ آهي“، تـه آن مان سندس مطلب ڇا هو؟ هن جي ذهن ۾ ڪهڙو اعليٰ اقتدار هو، جنهن جي پيٺ ۾ هن عام راءِ کي اعليٰ اقتدار سڏيو هو؟ آهو اعليٰ اقتدار آهـو ڇڙواڳ حاڪم هو، جنهن جي زبان مان نڪتل هرهڪ لفظ قانون هوندو هو، جنهن جي اک جو اشارو به حڪم هوندو هـو، جيڪو عاليشان محلن ٺاهڻ تـي ملڪ جا خزانا خـالي ڪري ڇڏيندو هو، جيڪو دربار جـي شان شوڪت کي قائم رکڻ لاءِ ۽ حسينائن جا ميڙ گڏ ڪرڻ تي دولت ۽ ڪروڙن جا هيرا جواهر لٽائي ڇڏيندو هو، جيڪو غريب عوام تي ڳرا ٽئڪس وجهي نه رڳو هنن جا ڪنڌ جهڪائيندو هو

ڏورن سالن ۾، انهيءَ نئين، سادي سودي ۽ نيڪ خيال کي سڄيءَ دنيا ۾ پکيڙڻ ۾ ڪامياب ٿي وياسون — اهو ته ’جنگ پراڻي زماني جي ڳالهه آهي‘ — سون کي يقين آهي ته دنيا سڄيءَ انسانذات جي لاءِ گهڻي نيڪ، وڌيڪ چڱي ۽ وڌيڪ جيئڻ لائق ٿي پوندي. پوءِ قدرت اسان کي اهڙين نعمتن سان نوازيندي، جن جو مثال پوري انساني تاريخ ۾ ملي نه سگهندو.

[١٣-٩-١٩٨٤ع. — ش. ا ح]

# هٿيارن جي ڊوڙ ۽ امن - تحريڪون

(اعجاز قريشي)

١٩٨٢ع ۾ يورپ جي مختلف ملڪن جي ڏهن لکن ماڻهن ائٽمي جنگي هٿيارن خلاف زبردست مظاهرا ڪيا. ١٢ جون تي، آمريڪا جي سڀ کان وڏي شهر نيويارڪ ۾، پنجن لکن کان وڌيڪ آمريڪي ماڻهن جيڪو مظاهرو ڪيو، سو آمريڪا جي تاريخ جو وڏي ۾ وڏو مظاهرو هو.

يورپ ۽ آمريڪا کان سواءِ ٽيئن دنيا جا ماڻهو پڻ گذريل ڪيترن سالن کان جنگي هٿيارن، ۽ خاص ڪري ائٽمي هٿيارن خلاف مظاهرا ڪندا رهيا آهن.

ڪيترن سالن کان وڏا ملڪ جنهن نموني سوتمار جنگي هٿيارن جي ڊوڙ پڄائي رهيا آهن، ۽ جنهن ۾ ڪجهه سالن کان خطرناڪ حد تائين تيزي اچي ويئي آهي، تنهن نه رڳو ننڍن ملڪن کي ڏچي ۾ وجهي ڇڏيو آهي بلڪ سڄيءَ دنيا جي ماڻهن کي موت جي گهيري ۾ آڻي ڇڏيو آهي.

سڄيءَ دنيا ۾ سجاڳ ۽ سڄاڻ ماڻهو انسانذات خلاف ڪيڏجڻ واريءَ هن تباهيءَ جي راند خلاف لڳاتار احتجاج اٿاريندا

رهيا آهن، ۽ پاڻ کي جنگ خلاف منظم ڪرڻ لاءِ امن جون تحريڪون هلائيندا رهيا آهن. اهي تحريڪون عالمي امن جي ڏس ۾ هن صديءَ جون اهم عوامي ڪوششون آهن، جن کي ڪئي ڪئي حڪومتن جي تائيد به حاصل ٿي آهي. يورپ جي ڪيترن ملڪن جي حڪومتن انهن امن - تحريڪن جي حمايت ۾ دپيل آواز اٿاريو آهي.

دنيا جي مختلف ملڪن ۾ امن - تحريڪن پاران هٿيارن خلاف "عام راءِ" وٺڻ جو ڪم ڪيو ويو آهي، ۽ ڪيو پيو وڃي ته جيئن جنگ خلاف عوام جي نفرت واري اظهار وسيلي حڪومتن تي دٻاءُ وجهي سگهجي. ٦٩٧٣ع ۾، سئيڊن ۾ ورتل عام راءِ ۾، ٥٥ سيڪڙو ماڻهن ائٽمي جنگ جو انديشو ظاهر ڪيو ۽ هٿيارن کي تباهه ڪرڻ جو مطالبو ڪيو. ساڳئي ئي ملڪ ۾ جڏهن ١٩٨٢ ۾ عام راءِ ورتي وئي ته ٧٨ سيڪڙو ماڻهن ائٽمي جنگ جو خطرو محسوس ڪندي هٿيارن جي تياريءَ خلاف نفرت ظاهر ڪئي.

١٩٨١ع ۾ دنيا جي چوڏهن ملڪن پاران، ايندڙ ڏهن سالن ۾ ٽينءَ مهاڀاري جنگ جو خطرو ظاهر ڪيو ويو آهي. انهن ملڪن جي عام راءِ جو سيڪڙو هن ريت آهي:

| | | | |
|---|---|---|---|
| آسٽريليا | ٤٦ء٤ | آسٽريا | ٢٩ء٣ |
| برازيل | ٣٩ء٢ | ڪئناڊا | ٤٥ء٤ |
| ڊينمارڪ | ٣٦ء٨ | فرانس | ٣٩ء٣ |
| اولهه جرمني | ٤١ء٠ | اٽلي | ٣١ء٧ |
| جپان | ٤٣ء٩ | اسپين | ٤٤ء٦ |
| سئيڊن | ٣٢ء٠ | سئٽزرلئنڊ | ٣٥ء٥ |
| برطانيه | ٣٤ء٥ | آمريڪا | ٤٧ء٢ |

١٩٥٠ع ۾ آمريڪا جي ٥٠ سيڪڙو ماڻهن اها راءِ ڏني ته آمريڪا کي روس سان ڳالهيون ڪري، وڏي مقدار ۾ هٿيارن ٺاهڻ تي روڪ وجهڻ کپي.

تمام ويجهڙائيءَ ۾ آمريڪا جي "ائٽلانٽڪ انسٽيٽيوٽ"

۾ پکيڙيا ويا آهن، سي سڄيءَ دنيا کي اکيچنب ۾ ختم ڪري ڇڏيندا.

انهيءَ گڏيل خطري خلاف ڪم ڪندڙ، دنيا ۾ ڪي اهڙيون تنظيمون آهن، جيڪي امن جي سلامتيءَ لاءِ سڄيءَ دنيا جي انسانن جو ڌيان لهڻن. جنگ کان بچاءَ ۽ هٿيارن تي ٿيندڙ خرچ کي ختم ڪري، بک ۽ بيروزگاريءَ کان نجات حاصل ڪرڻ لاءِ ضروري آهي ته دنيا جو هر فرد، جيڪو به جتي آهي، امن جي تحريڪن ۾ ڀاڱي ڀائيوار ٿئي.

انهن تنظيمن ۾، سڀني جي ”امن سوسائٽي“ (قائم ڪيل ١٨٨٣ع)، برطانيا جي ”ڪمپين فار نيوڪليئر ڊس آرمامينٽ“ (١٩٨٠ع) جنهن کي ليبر پارٽيءَ جي حمايت حاصل آهي، ناروي ۽ ڊينمارڪ جون ”ائٽمي هٿيار نه کپن“ نالي سان تنظيمون، ۽ بيلجم، ناروي، نيدرلئنڊ، آسٽريليا، جپان، اٽليءَ، فرانس، نيوزيلئنڊ ۽ آمريڪا جون امن تنظيمون اهم آهن.

تازو يورپ ۾ ”يورپين نيوڪليئر ڊس آرمامينٽ“ نالي سان جيڪا تنظيم قائم ٿي آهي، تنهن ١٩٨١ع ۽ ١٩٨٢ع دوران ائٽمي هٿيارن خلاف ٻه وڏا ڪنوينشن ڪيا آهن.

انهن سڀني امن-تنظيمن پنهنجي پنهنجي حلقي ۾ هزارين ميمبر بڻايا آهن، ۽ سون جي تعداد ۾ سنڌن ڪل وقتي ڪارڪن ڏينهن-رات ڪم ڪري رهيا آهن. جپان جي ننڍي شهر هيروشيما ۾ (جنهن تي ٻيءَ مهاڀاري لڙائيءَ دوران پهريون ائٽم بم ڪيرايو ويو هو) ٻه لک ۽ ٽوڪيو ۾ چار لک ماڻهو امن-تنظيمن جا ميمبر ٿيا آهن.

امن-تحريڪن جي سلسلي ۾، وقت بوقت، دنيا جي ڊاڪٽرن ۽ ٻين پيشيور ماڻهن پڻ هٿيارن جي واڌ خلاف پنهنجيءَ نفرت جو اظهار پئي ڪيو آهي. برطانيا ۾ ڊاڪٽرن جي ائسوسيئيشن تمام سرگرم آهي ۽ بار بار اهڙي قسم جون ڪانفرنسون ڪندي رهي ٿي. ٢٩ مارچ ١٩٧٩ع تي، ڊاڪٽرن جي ائسوسيئيشن بوسٽن

"تعميري" ۽ "اصلاحي" اقدامن ڪرڻ لاءِ دٻاءُ پئجي رهيو آهي.

پر ساڳئي وقت، جيئن تائيوان جي حالت ۾، مغرب جي دنيا ۽ خاص طرح آمريڪا ڏکڻ آفريڪا سان پنهنجي دوستي ۽ امداد جا ناتا قائم رکڻ ۽ وڌائڻ تي مجبور آهي ته جيئن آفريڪا جي آن علائقي ۾ سوويت يونين جو اثر ۽ ان جا حمايتي زور نه وٺي وڃن — جن کي روڪڻ ۽ ختم ڪرڻ جو ڪم مغرب طرفان ڏکڻ آفريڪا جي ئي حوالي ٿيل آهي.

تائيوان سان ڏکڻ آفريڪا جي دوستي، جيڪا تقريباً چار سال اڳ شروع ٿي هئي جڏهن وزيراعظم سن-ين-سئان سرڪاري ملاقات تي پريٽوريا سڏيو ويو هو — سا ڪميونزم دشمنيءَ ۾ پنهي حڪومتن جي مشترڪ شدت جو ئي اظهار آهي، جنهن کي هو، دنيا ۾ پنهنجي عليحدگيءَ ۽ نيات نيڪاليءَ جي اثرات کان بچندي، وقت بوقت پاڻ ۾ گڏجي، پنهنجن تجربن جي ستاسٽا ڪري هو اهائي وڌيڪ تيز ڪرڻ گهرن ٿا.

اها به عالم آشڪار ڳالهه آهي ته جنهن مهارت ۽ حيوانيت جي انتها سان ڏکڻ آفريڪا ڪميونسٽ خطري کي منهن ڏئي ٿي، ان ۾، عبرتناڪ حد تائين، پڪ ئي پڪ، فقط تائيوان ئي ان کان گوءِ کٽي رهيو آهي.

دوستيءَ جي ان ابتدا کان وٺي اڄ تائين ڏکڻ آفريڪائي ۽ تائيواني عملدارن، حڪومتي نمائندن ۽ ڪئبينٽ وزيرن جي هڪٻئي وٽ اچ وڃ زور شور سان جاري رهي آهي — سندن هڪ ملاقات لاءِ هيءَ هل هلان ائين آهي جيئن ٻن جهنگ ۾ پنهنجي پنهنجي ڀوڙ ڏڪ ۽ وٽ پڪڙ دوران ساهي پٽڻ ۽ وندرورونهن لاءِ پاڻ ۾ ۽ ٻين برادر جهنگ ٻلن سان ملڻ ۽ منهن منهن ۾ وجهي، هڪٻئي جون رت پريل هوڙون ڏسي ۽ ناسون سونگهي، سوني وڃي پنهنجي پنهنجي چير ڦاڙ جي ڪم کي لڳن!

["اسٽار ورلڊ پيپر"، مارچ ١٩٨٤ع

(٢٨-٦-١٩٨٤ع) جي شڪريي سان — م. ا. ج]

ان جو مطلب ته اڻ اسريل ملڪن جي ماڻهن جو مستقبل بلڪل اونداهو آهي ۽ اهائي حالت رهي ته اهڙي ڪابه اميد حال في الحال نٿي ڪري سگهجي ته غريب ملڪن جا ماڻهو ڪڏهن پيٽ پري به کاڌو کائي سگهندا.

دنيا جي اهڙي صورتحال ڏسي صرف اهوئي چئي سگهجي ٿو ته اسان جي ڌرتي هڪ وڏي بحران ۾ مبتلا آهي، جنهن بحران تي قابو نه پاتو ويو ته ايندڙ وقتن ۾ هن دنيا جا ماڻهو ڏڪارن ۽ پين وبائن ۾ وٺيا ويندا، جنهن سان دنيا جي رهيل کهيل سونهن ۽ سڪار به ختم ٿي ويندو ۽ هيءَ دنيا هڪ وڏو قبرستان پاسندو.

ان لاءِ اچو ته پنهنجيءَ دنيا کي بچايون ۽ ان مان بک ۽ بيماريءَ جي پاڙ پٽڻ لاءِ ڪوشش وڌون. اچو ته هن دنيا کي حسين ۽ جنت نما بڻايون ۽ اچو ته پنهنجن ايندڙ نسلن جي ڀلي لاءِ سوچيون ۽ ڪجهه ڪريون.

سائين سدائين ڪرين، مٿي سنڌ سڪار،
دوست مٺا دلدار، عالم سڀ آباد ڪرين!
— شاهه

# آفريڪا کنڊ بحران ۾!

(اڪبر سومرو)

هن وقت سڄو آفريڪا کنڊ بحران ۾ ورتل ٿو ڏسجي ۽ سندس گهڻائي ملڪ بک ۽ بدحاليءَ جو سخت شڪار آهن. تازين رپورٽن مطابق ان جي ڪيترن علائقن ۾ تمام سخت ڏڪار پئجي چڪو آهي ۽ ماڻهو اَن نه ملڻ ڪري مري کپي رهيا آهن. ان جي پيش نظر اسان آفريڪا کنڊ جو هڪڙو مختصر جائزو پيش ڪري

جي هئي. انهن آفريڪي نوجوانن مان ١٥ سيڪڙو ڪن نوجوانن ته انهيءَ صورتحال جي ڪري وڪڻ قبول نه ڪيو ۽ پاڻ کي ماري ڇڏيو. ان کان پوءِ هڪ سئو يا ڏيڊ سئو سالن جي غلاميءَ واري دور ۾ برطانيا، فرانس ۽ ٻين مغربي سامراجي ملڪن اُتان هيرا، سون، ڪوئلو، ٽامو ۽ زندگيءَ جي عام واهپي جو هر ڪجهه مال ڍويو، ۽ سون تي سهاڳو اهو ته پنهنجيءَ ٻوليءَ ۽ ثقافت کي اُتي رائج ڪيو، جو آفريڪا جو سمورو سماجي سرشتو هڪ وڏي بحران ۾ ڦاسي ويو. اتان جي حڪمت، فن، آرٽ، ادب ۽ تهذيب جا پيا نهايت روان دوان چشما سڪي ٺوٺ ٿي ويا. اُئين پنهنجي شناخت وڃائڻ بعد، آفريڪي هاڻ ته سڀ ڪجهه وڃائي چڪا. اڄ به نميبيا ۾ آزادي پسند قوتن جي تنظيم SWAPO پنهنجي آزاديءَ لاءِ ڪوشان آهي، ۽ آفريڪن نئشنل ڪانگريس (آفريڪي وحدت واري تنظيم) به ان سلسلي ۾ پنهنجيون ڪوششون ڪندي اچي. مغربي دانشورن آفريڪا جي ان سڪرات واريءَ صورتحال لاءِ اُن جي اڄ جي پنهنجين حڪومتن کي ذوهاري ٺهرايو آهي، جيڪا ڳالهه ڪنهن حد تائين ٺيڪ به آهي، پر پئي پاسي صدين جي ڦرلٽ کي به ان ڏوهه ۾ شامل ڪرڻ گهرجي، جيڪا سامراجي حڪومتن ڪئي، ۽ سندن اها ڦرلٽ هڪ نه ٻيءَ صورت ۾ اڳي کان به وڌيڪ اڄ به چالو آهي.

آفريڪي ملڪن پاڻ کي نهايت ئي تيزيءَ سان مغربي وياجن وارن قرضن ۾ جڪڙي ڇڏيو آهي. غير ملڪي قرضن جي شرح ١٩٧٠ع ۾ تقريباً ٦ ارب ڊالر هئي، جيڪا ١٩٧٩ع ۾ ٣٢ ارب ڊالرن تائين پهچي چڪي هئي. ١٩٧٢ کان ١٩٨٠ع تائين مختلف آفريڪي ملڪن کي زرعي سڌاري لاءِ ٥ ارب ڊالر امداد وڌيڪ پڻ ملي چڪي آهي؛ پر ان مان به ڪو ڪڙ تيل ڪو نه نڪتو. ان جو واحد سبب موجوده ناڪام اقتصادي نظام جو رائج رهڻ آهي. جنهن کي جيستائين جاري رکيو ويو، تيستائين آفريڪا کنڊ جي حالت نٿي سڌري سگهي.

# چليءَ ۾ احتجاج جا انوکا رنگ

(نجم عباسي)

چلي ملڪ جو نالو ورتو وڃي ۽ سڄاڻ ماڻهوءَ جي ذهن تي ٻه ڳالهيون نه اڀرن، سو ٿي نٿو سگهي: هڪ اتي جو جڳ مشهور پبلو نرودا، ۽ ٻيو اتي جي سماجوادي حڪومت جو لشڪر هٿان تختو اونڌو ٿيڻ. پبلو نرودا جي موت کان اڳ پڇاڙڪو شعر، چليءَ جي موجوده حالت جي تصوير پيش ڪري ٿو. ان شعر جو سنڌيءَ ۾ ترجمو وليرام ولڀ جي لفظن ۾ هيئن آهي:

”اڄوڪي سيپٽمبر ٧٣ع جي تلخ ڏينهن ۾،
تاريخ جي سيني مروڙن گڏجي،
اسان جي جهنڊي کي ڪيرائي وڌو آهي.
توهان، اي مروڙؤ، ڪيترو نه رت وهايو آهي!
توهين آهي ڏاڙيل آهيو، جن جو نڪاڻو اونداهو پاتال آهي؛
توهين هزارين ڀيرا خريديا ۽ وڪيا ويا آهيو؛
توهان کي نيويارڪ جي بگهڙن انهيءَ ڪم تي لڳايو آهي.
بيرحم ڪاسايو!
بي اصول ظالمؤ!
توهان جي جيون جو مقصد اذيتون ڏيڻ ۽ بڪ مارڻ
کان سواءِ ٻيو ڪجهه به نه آهي.“

چلي، ڏکڻ آمريڪا ۾ هڪ ملڪ آهي. اتي ١٩٧٠ع کان اڳ وڏيرا شاهي ۽ سرمائيداريءَ جو زور هو. حڪومت ۽ اسيمبليءَ تي زميندارن ۽ ڪارخانيدارن جو قبضو هو. ڪجهه سالن کان مارڪسي پارٽي هارين ۽ پورهيتن ۽ عوام ۾ ڪم ڪري رهي هئي. سلوادور الندي ان پارٽيءَ جو اڳواڻ هو. هن جي محنت ۽ جذبي ڪري پارٽي ملڪ ۾ مقبول ٿي ويئي، ۽ ١٩٧٠ع جي عام چونڊن ۾ جمهوري طريقي سان هن پارٽيءَ کٽيو ۽ حڪومت جي واڳ سنڀالي

عربن، مغلن وغيره سنڌ ۾ ۽ انگريزن هندستان ۾ ڪيو. اِن پوئين ۽ صورت کي بينڪيت يا بينڪي راڄ (Colonialism) چئجي ٿو.

اوائلي دور ۾ يونان، روم ۽ عرب شهنشاهتن دنيا ۾ پنهنجا بينڪي راڄ برپا ڪيا ۽ وچئين دور ۾ يورپي قومن، خاص ڪري انگريزن، فرينچن، ڊچن ۽ پورچوگيزن دنيا جي ڀين ڪنڊن ۾ پنهنجيون پنهنجيون بينڪون قائم ڪيون ۽ پوريءَ دنيا جي دولت پنهنجي قبضي ۾ ڪيائون.

هن صديءَ جي وچ ڌاري ۽ خاص ڪري ٻيءَ مهاڀاري لڙائيءَ کان پوءِ بينڪي سرشتو پڇڙ پرڻ لڳو، تہ سامراجيت بہ پنهنجو روپ بدلايو.

بينڪيت هو ڀين ملڪن کي سڌو سنئون سياسي غلام بنائڻ، جيتوڻيڪ اُن جو اصل مقصد اقتصادي غلبو ۽ مالي فائدو حاصل ڪرڻ هو. بينڪيت هٽان وڃڻ لڳي، تہ ڀين کي اقتصادي طرح غلام بنائڻ واسطي سامراج پنهنجي حڪمت عمليءَ جون صورتون ڦيرايون. هن دؤر ۾ آمريڪا مکيہ سامراج بنجي ويو.

اسرندڙ ملڪن کي پنهنجو محتاج ۽ خاص طرح اقتصادي محتاج بنائڻ لاءِ سامراج ڪي نوان هٿيار استعمال ڪيا، ۽ اهڙا ڪوشش ڪيائين تہ اتي سدائين اقتصادي ۽ سماجي حالتون غير يقيني هجن ۽ ڪڏهن بہ سياسي ۽ اقتصادي پختگي قائم نہ رهي سگهي.

اهڙا نوان هٿيار جيڪي سامراج ڪتب آڻيندو پيو اچي، تن مان ڪجهہ هي آهن:

(i) **ورهاڱو:** اڳي هو پنهنجي غلام ملڪن جي ماڻهن ۽ قومن لاءِ ”ويڙهايو ۽ حڪومت ڪريو“ جي نيتيءَ تي عمل ڪندا هئا. هاڻي اها نيتي ملڪن واسطي استعمال ڪيائون. ڪيترا ئي ملڪ ورهايا ويا، جن مان ڪي آهن: جرمني، آئرلنڊ، هندستان، چين، بنگال، پنجاب، ويٽنام، ڪوريا، يمن، فلسطين. ورهايل ٽڪرن جي رهاڪن ۾ اهڙا نظرياتي ۽ سياسي ويڇا پيدا ڪيا ويا، جو هو

۽ معيشت تباهه ٿيو وڃن.

جنگيون ايشيا، آفريڪا ۽ ڏکڻ آمريڪا جي اسرندڙ ملڪن ۾ ڇيڙايون ٿيون وڃن.

(٤) **حڪومت جا تختا اونڌا ڪرائڻ:** جمهوريت سامراجيت کي ايترو اپڙڻ ۽ اپرڻ نه ڏيندي آهي. ان ڪري جمهوريت ۽ خاص ڪري اهڙي جمهوريت، جنهن جا اڳواڻ سامراج جا دلال ٿيڻ قبول نه ڪندا آهن، سا جمهوريت سامراجين جي اکين جي ڪنڊي وانگر ٿي پوندي آهي. سي. آءِ. اي ذريعي اهڙيءَ حڪومت جو تختو اونڌو ڪرائي، پنهنجو پڻو يا فوجي ڊڪٽيٽر ڪرسين تي آڻيندا آهن. اهڙا واقعا ايشيا، آفريڪا ۽ ڏکڻ آمريڪا جي ملڪن ۾ ٽڪڙو ٽڪڙو ٿيندا رهن ٿا.

(٥) **قرض ۽ امداد:** سامراج اسرندڙ ملڪن ۾ پنهنجي مال، هٿيارن ۽ صنعتي شين جي مارڪيٽ ٺاهڻ لاءِ قرض ۽ امداد ڏيندا آهن. ان تي وڏو وياج به وٺندا آهن. قرضي ملڪن کي قرض ڏيندڙن جي غلامي ڪرڻي پوندي آهي، ۽ ڪين امداد ۽ قرض ڏيندڙ سامراج جو محتاج ٿيڻو پوي ٿو. اها سياسي غلاميءَ جي نئين صورت آهي.

(٦) **واپار ۽ صنعت ۾ هڪ هٽي:** سامراجين وٽ سائنس ۽ ٽيڪنالاجيءَ جو ڪمال به آهي ۽ بي شمار دولت پڻ. انهن جي زور تي هنن گهڻ-قومي ڪارپوريشنون (Multi-national Corporations) ٺاهي، انهن جي هٿ هيٺ وڏيون وڏيون صنعتون قائم ڪري ڇڏيون آهن، جي هوائي جهاز، جنگي هٿيار، دوائون، بجليءَ جو سامان ۽ ڳوريون مشينون ۽ پيون شيون جوڙي سڄي دنيا ۾ پهچائڻ جو ڪم ڪن ٿيون. انهن صنعتن ۾ چاڪاڻ ته هنن کي هڪ هٽي حاصل آهي، ان ڪري انهن جي خريدار ملڪن کان قيمت به پنهنجي مرضيءَ موجب وٺن ۽ سياسي طرح هنن تي اثرانداز به ٿين.

(٢٧-٩-١٩٨٤ع)

# متفرقه

# سماجي معاهدو يا سياسي حقن جا اصول (١)

(غلام حيدر چنو ۽ محمد ابراهيم جويو)

[جي.جي. رُوسو جي اصل فرينچ ٻوليءَ ۾ لکيل ڪتاب The Social Contract جي انگريزي ترجمي تان سنڌيءَ ۾ ترجمو]

هيءُ ننڍو مضمون هڪ وڏي ڪتاب تان ورتل آهي، جو گهڻو وقت اڳ مون پنهنجي قابليت جي اندازي لڳائڻ کان سواءِ شروع ڪيو هو، ۽ ڪجهه عرصي کان وچ ۾ ڇڏي ڏنو هوم. ان مان جي ٽڪرا چونڊ جي لائق هئا، تن مان سڀ کان وڏيڪ ويچار لائق ٽڪرن کي گڏ ڪري، هيءُ مضمون تيار ڪيو اٿم، ۽ اهي ئي عوام جي آڏو پيش ڪرڻ لاءِ مون کي موزون نظر اچن ٿا. باقي رهيل ڪتاب وجود ۾ ڪونهي، جو ان کي بيڪار سمجهي، مون پاڻ ختم ڪري ڇڏيو آهي.

## ڀاڱو پهريون

### تمهيد

آءٌ هن مسئلي جي جنڊ ڇاڻ ڪرڻ چاهيان ٿو ته جيڪڏهن ماڻهن کي ائين فرض ڪري وٺجي جيئن هو سچ پچ آهن، ۽ قانونن کي اهڙو تسليم ڪجي جهڙا اهي هئڻ گهرجن، تہ ڇا، ملڪي معاملن خاطر حڪومت جا ڪي، منصفانه ۽ اٽل اصول مقرر ڪرڻ ممڪن آهن؟

هن ڪم ۾ منهنجي اهائي ڪوشش رهندي تہ آءٌ ثابت ڪري ڏيکاريان تہ حق جن شين کي جائز ٿو سڏي، فائدو بہ انهن جي ئي تقاضا ٿو ڪري تہ جيئن انصاف کي افاديت کان الڳ نہ ڪري سگهجي.

پنهنجيءَ ڳالهہ جي اهميت ثابت ڪرڻ کان سواءِ ئي آءٌ پنهنجو هيءُ ڪم شروع ڪري رهيو آهيان. مون کان ڪو بہ سوال پڇي

سکھي ڏو تہ ڏون کو بادشاھہ آھين يـا قانون ساز، جو سياست تي ڪتاب لکڻ ويٺو آھين؟ آءٌ ان جو جواب ڏيندس تہ مان انهن مان ڪوبہ ڪونہ آھيان، ۽ اھوئي سبب آھي، جو مون سياست تي قلم کنيو آھي. جيڪڏهن آءٌ بادشاھہ يا قانون ساز ھجان ھـا، تہ ھيئن رکو چوڻ ۾ ئي وقت ڪونہ وڃايان ھا تہ ڇا ڪرڻ گھرجي، بلڪ جو ڪرڻو ھجي ھا سو ڪري ڏيکاريان ھا، يا چپ رھان ھا.

ملڪي معاملن ۾ پنھنجو آواز ڪيترو ئـي ڪمزور ڇو نہ ھجي، پر ھڪ آزاد مملڪت جي شھريءَ (٢) ۽ ھڪ بااختيار معاشري جي رڪن جي حيثيت ۾ مون کي منھنجو ووٽ ڏيڻ جو حق پنھنجو ھيءُ فرض بہ ياد ڏياري ڏو تہ آءٌ پاڻ کي انهن ملڪي معاملن کان پوريءَ طرح باخبر رکان: ۽ مون کي ھن ڳالھہ تي خوشي آھي تـہ جيتري قدر آءٌ مختلف حڪومتن جي طريقيڪار جو غور سان مطالعو ڪريان ٿـو، اوتري قدر مـون کي پنھنجي ملڪي حڪومت جـي صورتحال کي پسند ڪرڻ جا سبب ملن ٿا.

## باب پھريون

## پھرئين ڀاڱي (٣) جو مقصد

انسان آزاد پيدا ٿيو آھي، پر جيڏانھن ڏسو تيڏانھن زنجيرن ۾ جڪڙيو پيو آھي. ڪيترائي ماڻھو پاڻ کي ٻين جـو آقا سمجھن ٿـا، حالانڪ ھـو پـاڻ انھن کان وڌيڪ غلام آھن. ھيءَ تبديلي ڪيئن واقع ٿي؟ مون کي خبر ڪانھي. ڪھڙي ڳالھہ ان کي جائز بڻائي سگھي ٿي؟ مان سمجھان ٿـو تـہ آءٌ انھيءَ سوال جو جواب ڏيئي سگھان ٿو.

جيڪڏھن آءٌ انھيءَ تبديل جي جائز ھئڻ جـو سبب فقط طاقت (٤) ۽ ان جي نتيجن کي سمجھان تـہ آءٌ چوندس تـہ جيسين ڪا قوم اطاعت ڪرڻ تي مجبور آھي ۽ اطاعت ڪندي ٿي رھي، تيسين تہ ڳالھہ ٺيڪ آھي؛ پر جيئن ئي ھيءَ قوم پنھنجي ڳلي مان

گهٽ لاهي اڇلائي ڇڏڻ جي لائق ٿئي ۽ عملاً ان کي لاهي ۽ اڇلائي ٿي ڇڏي، تہ پاڻ بهتر ٿي ڪري؛ ڇوتہ جنهن دليل جي زور تي ڪنهن قوم جي آزادي کسي وڃي ٿي، تنهن ساڳئي دليل جي زور تي جيڪڏهن اها وڏي، پنهنجي آزادي واپس هٿ ڪري، تہ ائين ٿي سمجهبو تہ اها ان جي، واپس وٺڻ ۾ حق بجانب آهي، ورنہ ڪيس انهيءَ طرح آزاديءَ کان محروم ڪرڻ ئي ناجائز هو. دراصل سماجي نظم هڪ مقدس حق آهي، جو ٻين سمورن حقن جو بنياد آهي. هيءُ حق، بهرحال، ڪو قدرتي حق نہ آهي بلڪ ان جو بنياد پڻ سماجي روايتن تي آهي. وڌيڪ هن ڳالهہ تي بحث ڪرڻ کان اڳ ضروري آهي تہ پهرين آءٌ پنهنجيءَ انهيءَ دعوا کي ثابت ڪريان، جا مون مٿي پيش ڪئي آهي.

---

(١) هيءُ ڪتاب جين جئڪس روسو (١٧١٢ع–١٧٧٨ع) جي چوٽين تصنيف آهي، جا هن سال ١٧٦٢ع ۾ تيار ڪئي. هيءُ اهو هڪ بنيادي ڪتاب آهي، جو علم سياست ۾ هڪ وڏي حيثيت رکي ٿو. ان جي اثر ۽ مقبوليت جو اندازو فقط هن ڳالهہ مان ئي لڳائي سگهجي ٿو تہ انقلاب فرانس (١٧٨٩ع) جي علمبردارن وٽ هن کي آسماني صحيفي "انجيل" جهڙي حيثيت حاصل هئي. جڏهن فرانس جا ماڻهو هيبتناڪ ظلم، آرهہ زورائيءَ ۽ انڌيرنگريءَ هيٺ پيڙجي ۽ پيسجي رهيا هئا، تڏهن هن ڪتاب ئي ان جي مقابلي ڪرڻ لاءِ کين ڏونڌاڙي آٿاريو ۽ بيدار ڪيو. فرانس جي رهواسين کي معلوم هو تہ جنهن ظلم ۽ ڏاڍ جي خلاف هيءُ ڪتاب بغاوت تي آماده ڪري رهيو هو، اهو ظلم ۽ ڏاڍ دراصل مٿن ئي ٿي رهيو هو.

هن ڪتاب جي پڌري ٿيڻ سان ئي، ان کي فرينچ پارليامينٽ طرفان فوراً خلاف قانون ٺهرائي ضبط ڪيو ويو، ۽ پئرس ۾ سرڪاري طور ملڪ جي وڏي ۾ وڏي عدالتگاهہ جي ڏاڪڻ هيٺان ساڙيو ويو ۽ ساڳئي وقت اعلان ڪيو ويو تہ فقط ڪتاب ساڙڻ ڪافي نہ هو، پر ان سان گڏ مصنف کي بہ جيئري جلائڻ ضروري هو.

(٢) روسو شهري رياست، جنيوا، جو رهواسي هو؛ هن کي

بادشاهيءَ جو قانوني مستحق آءٌ ئي بڻجي پوان! بهرحال، هن حقيقت کان ڪوبه انڪار ڪري نٿو سگهي ته جناب آدم دنيا جو اهڙوئي بادشاهه هو جهڙو رابنسن ڪروزو (٧)، جيڪو پنهنجي ٻيٽ جو تيستائين فرمانروا هو جيستائين ان ٻيٽ جو هو پاڻ ئي اڪيلو باشندو هو؛ ۽ سندس انهيءَ سلطنت جي وڏي خوبي اها هئي ته هو بنان ڪنهن ڪنڪي، ان جي تخت تي ويٺو رهيو، جو ڪيس ڪنهن به بغاوت يا لڙائيءَ يا سازش جو ڪو خطرو ڪونه هو.

---

(١) گروٽيس، هيوگو (Grotius, Hugo: 1583-1645) ڊچ قانون ساز، سماجيات جو عالم ۽ راڄنيتيءَ جو ماهر؛ قانون فطرت ۽ سماجي معاهدي جي نظرين جو حامي؛ هن جو عقيدو هو ته قانون ۽ مملڪت جو اصل ۽ بنياد آرضي هو ۽ نه آسماني. مملڪت، هن جي چوڻ موجب، ماڻهن جي وچ ۾ سهمتيءَ جي پيداوار هئي، ۽ ائين هن مملڪت ۽ قانون جي نظرين کي دينيات جي ۽ قديم مابعد طبيعاتي 'عالميت' جي اثر کان آزاد ڪري ڇڏيو.

(٢) هابس، ٿامس (Hobbes, Thomas: 1588-1679)، انگريز فلسفي ماديت جو مفڪر: هن جي سوچ تي سترهين صديءَ جي انگلنڊ جي وچين شهري طبقي جي سربراهيءَ ۾ واقع ٿيل انقلاب جو اثر هو. هن پڻ مملڪت ۽ قانون جو بنياد انساني معاهدي کي مڃيو ٿي.

(٣) فلو (Philo) يوڊيسس جي نالي سان مشهور، يوناني فيلسوف، يهودي فلسفي جو مڃيل استاد. سن ٤٠ع ۾ روم جي شهنشاهه حڪم ڪڍيو هو تــه سندس بت جي پوڄا ڪئي وڃي. فلو يهودين جي نمائندي طور اسڪندريه مان هلي روم ويو ۽ بادشاهه سان ان سندس حڪم بابت گفتگو ڪيائين، پر بادشاهه کي قائل ڪري نه سگهيو. ان گفتگو جو بيان هن پوءِ هڪ ڪتاب ۾ پڌرو ڪيو هو.

(٤) ڪليگولا (Caligula)، پهرين عيسوي صديءَ ۾ روم

حق آهن سي سون کي حاصل آهن، تڏهن سون تي هن جي کنهن حق جي به ته ڪا معنيٰ ڪانهي.

گروٽيس ۽ ٻين کي غلامداريءَ جو نام نهاد حق جنگ تي پڻ مبني نظر اچي ٿو. هنن جو خيال آهي ته فاتح کي مفتوح جي مارڻ جو حق آهي، تنهنڪري جيڪڏهن مفتوح چاهي، ته پنهنجي آزاديءَ جي عيوض پنهنجي فاتح کان پنهنجو جيئدان خريدي سگهي ٿو؛ ۽ هيءُ معاهدو اِنهيءَ بنياد تي قانوني طور پڻ وڌيڪ درست آهي، ڇو ته اُن ۾ ٻنهي ڌرين کي فائدو آهي!

پر ظاهر آهي ته مفتوح جي مارڻ جو هيءُ فرض ڪيل حق جنگ جي حالت ۾ به هرگز ڪنهن کي حاصل نٿو ٿئي. انسان هڪٻئي جا سڀاويڪ دشمن نه آهن، ڇاڪاڻ ته هو اصلوڪيءَ پنهنجي فطري حالت ۾ ايتري قدر پنهنجيءَ پنهنجيءَ جاءِ تي خود اختيار ۽ آزاد هئا، جو منجهن ڪي به اهڙا شخصي يا ذاتي لاڳاپا قائم ٿيل نه هئا، جو منجهن امن جي يا جنگ جي صورتحال موجود به ٿي سگهجي ها. جنگ ماڻهن جي ذاتي تعلقات جو نه پر شين جي سلسلي جو معاملو آهي. انسانن ۾ جنگ سندن سڌن سادن ذاتي يا شخصي تعلقات سبب نه پر شين جي سلسلي ۾ سندن مفادي لاڳاپن جي ڪري پيدا ٿئي ٿي. اِنهيءَ ڪري ڪابه شخصي يا ذاتي جنگ يا هڪ ماڻهوءَ جي ٻئي ماڻهوءَ سان جنگ، سندن اُن اوائلي فطري حالت ۾ ته سمڪن ڪانه هئي، جنهن ۾ منجهن، يعني سندن زندگين ۾، دائمي ملڪيت جو ڪو سرشتو ئي ڪو نه هو، ۽ نه سندن پوءِ جي اُن سماجي حالت ۾ ئي سمڪن آهي، جتي سندن هر ڳالهه قانون جي زير حڪم هلڻ شروع ٿئي ٿي ۽ هلي ٿي.

انفرادي جهيڙا جهڳڙا ۽ مقابلا اهڙا فعل نه آهن، جن سان حڪومت قائم ٿي سگهي. باقي رهيون آهي 'خانگي' يا نجي لڙايون، جهڙيون فرانس جي بادشاهه، لوئي نائين، جي خواهش مطابق شروع ٿيون هيون ۽ هن جي ئي عائد ڪيل ”خدائي عهدنامي“(٣) جي ڪري بند ٿيون هيون، سي ته جاگيرداري نظام جون ئي مصيبتون هيون،

۽ رهنديون، جو دنيا جو هڪ بيحد واهيات نظام آهي ۽ جو فطرت جي سمورن حقن ۽ سڀني قانونن جو دشمن ۽ هر قسم جي نيڪ ۽ مفيد انساني سياست جو ضد آهي.

انهيءَ ڪري، جنگ انسان ۽ انسان جي لاڳاپن جو نه، پر حڪومت ۽ حڪومت جي لاڳاپن جو نالو آهي؛ جنهن ۾ افراد فقط اتفاق سان هڪٻئي جا دشمن ٿين ٿا، ۽ سي به انسانن جي حيثيت ۾ نه ۽ نه وري شهرين جي حيثيت ۾، بلڪ محض سپاهين جي حيثيت ۾؛ ۽ نه ئي وري خالص پنهنجي وطن جي رهواسين جي حيثيت ۾، پر آن جي بچاءَ ڪندڙن جي حيثيت ۾. مطلب ته هڪڙيءَ حڪومت جي دشمن بي حڪومت ئي ٿي سگهي ٿي ۽ نه ماڻهو؛ ڇو ته جي شيون فطري طور علحده علحده آهن تن ۾ ڪو به حقيقي ناتو قائم ٿي ئي نٿو سگهي.

ازانسواءِ، هيءُ اصول هر زماني جي تسليم ٿيل قاعدن ۽ سمورين سڌريل قومن جي مستقل طور طريقن جي عين مطابق آهي ته جنگ جي اعلان جو ڇتاءُ حڪومت ڪان وڌيڪ رعيت جي فائدي لاءِ هوندو آهي. هڪ غير ملڪي، پوءِ آهو بادشاهه هجي توڙي قوم يا ڪو به شخص، ڪنهن حڪومت جي خلاف جنگ جي اعلان ڪان سواءِ، آن جي رعيت کي ڦري يا قتل ڪري، ته آهو 'دشمن' نه چئبو، ڌاڙيل چئبو. پر خود جنگ ۾ به عادل بادشاهه دشمن جي ملڪ ۾ آنهن سمورين شين تي قابض ٿيڻ جي باوجود، جي مملڪت جي ملڪيت هجن ٿيون، عام ماڻهن جي جان ۽ مال جو احترام ڪري ٿو: هو آنهن حقن جو احترام ڪري ٿو، جن تي خود سندس پنهنجن حقن جو بنياد قائم آهي. جڏهن جنگ جو مقصد مخالف مملڪت جو خاتمو آهي، تڏهن بيءَ ڌر کي آن جي دفاع ڪندڙن جي قتل ڪرڻ، مارڻ، جو حق فقط تيستائين آهي جيستائين هنن جي هٿن ۾ هٿيارآهي؛ مگر جڏهن هٿيار ڦٽي ڪري آهي آڻ مڃين ۽ وڌيڪ دشمن يا دشمن جو هٿيو بڻيا نه رهن، تڏهن هنن جي حيثيت ڦيري، عام انسانن جي ٿي پوي ٿي. پوءِ

ڪنهن به شخص لاءِ آنهن جو رت وهائڻ جائز نه آهي. بعضي ته ائين به ممڪن آهي ته ڪنهن هڪڙي ساٿيءَ جي مارڻ کان سواءِ ٿي مملڪت جو خاتمو عمل ۾ اچي وڃي؛ ۽ جنگ سان يا فتح سان انهيءَ حق کان سواءِ پيو ڪو به حق حاصل ڪو نه ٿو ٿئي، جو جنگ جي مقصد لاءِ ضروري آهي. هي آهي اصول ته واقعي نه آهن، جي گروٽيس ۽ هن جي همخيال دوستن قائم ڪيا آهن: هيءُ جنگ يا فتح جي حق جو اصول شاعرن جي سند تي به نه، پر سڌو سنئون فطري حقيقتن ۽ عقل تي ٻڌل آهي.

در اصل "سڀ کان ڏاڍي جو حق" ٿي فتح جي حق جو، بنياد آهي. هاڻي، جيڪڏهن جنگ فاتح کي مفتوحن جي مارڻ جو آنهن کي قتل ڪرڻ جو، حق نٿي ڏئي، ته آنهن کي غلام بنائڻ جي حق جو آهو 'حق' بنياد ڪيئن ٿو بڻجي سگهي، جنهن جو پنهنجو ڪو وجود نه هجي! ڪنهن کي به دشمن کي مارڻ جو حق ڪونهي، سواءِ آن حالت جي، جو آن کي غلام بنائڻ هن لاءِ ناممڪن هجي: انهيءَ ڪري دشمن کي غلام بنائڻ جو حق آن جي مارڻ جي حق مان پيدا نٿو ٿئي. تنهنڪري آن کي پنهنجي آزاديءَ جي عوض پنهنجي جيئدان وٺڻ يا جان خريد ڪرڻ تي مجبور ڪرڻ، جنهن تي فاتح کي ڪو به حق نه آهي، سراسر بي انصافيءَ وارو سودو آهي. زندگيءَ ۽ موت جو حق غلاميءَ جي حق تي ۽ غلاميءَ جو زندگيءَ ۽ موت جي حق تي بيهارڻ — سوچ جو هيءُ هڪ بيسود ۽ بي بنياد چڪر آهي جنهن مان ڪو به معقول نتيجو نٿو نڪري سگهي.

جيڪڏهن اسين فاتح لاءِ مفتوح کي مارڻ جو هيءُ پيانڪ حق ائين تسليم به ڪريون، ته به منهنجو خيال آهي ته اهڙن غلامن تي، جي جنگ ۾ گرفتار ٿين ٿا، يا ڪنهن سڄيءَ مفتوح قوم تي پنهنجي ڪنهن فاتح آقا جي فرمانبرداري فقط ايستائين ٿي واجب ٿئي ٿي جيستائين هو فرمانبرداريءَ تي مجبور هجن ٿا — ڇوته جيئدان جو عوض يا جان جي قيمت ائين دائمي غلاميءَ جي صورت ۾

سواءِ پيو ڪين رهي.

گروٽيس چوي ٿو ته هڪ قوم پنهنجو پاڻ ڪنهن بادشاهه جي حوالي ڪري سگهي ٿي. ان جي معنيٰ ته، هن جي خيال ۾، قوم پنهنجو پاڻ بادشاهه جي سپرد ڪرڻ کان اڳ به قوم جي حيثيت رکي ٿي. ڪنهن قوم جو ائين تحفي طور پنهنجو پاڻ ڪنهن بادشاهه جي حوالي ڪري ڇڏڻ خود هڪ سياسي عمل آهي، ۽ ظاهر آهي ته ان عمل کان اڳ قوم جو اجتماعي مشورو عمل ۾ آيو هوندو. انهيءَ ڪري، ان کان اڳ، جو ان ٻئي سياسي عمل جي تحقيقات ڪئي وڃي. جنهن سان ڪا قوم پاڻ کي ڪنهن بادشاهه جي حوالي ڪري ٿي، مناسب هيءُ آهي ته اول اُن پهرئين عمل جي تحقيقات ڪئي وڃي، جنهن سان خود اها قوم وجود ۾ آئي، ڇوته هيءُ عمل ذڪر ڪيل ٻئي عمل کان لازمي طور اڳ ظاهر ٿيو آهي، ۽ انهيءَ ڪري اهوئي سماج جو اصل بنياد آهي.

حقيقت ۾، اهڙي ڪنهن پهرئين اجتماع نه هجڻ جي حالت ۾، جتي چونڊ يڪراءِ ٿي هجي، هڪ اقليت تي اهو فرض ڪيئن ٿو عائد ٿي سگهي ته هوءَ اڪثريت جي فيصلي کي قبول ڪري؟ ڪن هڪ سؤ شخصن کي، جي پاڻ لاءِ ڪو آقا پسند ٿا ڪن، باقي ڏهن جي طرفان اهڙي قسم جي فيصلي يا راءِ (ووٽ) جو ڪهڙو حق آهي، جيڪي اهڙي راءِ يا خواهش نٿا رکن؟ راءِ جي اڪثريت واري قانون جو بنياد خود به اجتماع جي اصولن تي ٻڌل آهي، ۽ ان لاءِ گهٽ ۾ گهٽ هڪ ڀيري جو مڪمل اتفاق ضروري آهي. (١٣-٩-١٩٨٤ع)

## پرستش مردن جي ۽ زندن جي

(محمد ابراهيم جويو)

عام طرح ائين چيو ٿو وڃي ته اسان جو سنڌي سماج مُرده پرست آهي. اُن مان هيءُ به مطلب ٿو نڪري ته آهو زنده پرست

# باب پنجون

## ٻهرڳين اجتماع ڏانهن موڙڻ هميشہ ضروري آهي

جيڪڏهن آءٌ اهو سڀڪجهہ قبول بہ ڪريان، جنهن ڪي سون هيستائين رد پئي ڪيو آهي، تنهن هوندي بہ آپيشاهيءَ جي طرفدارن کي ان مان ڪو فائدو ڪو نہ ٿيندو.

ڪنهن وڏي انبوهہ جي زير ڪرڻ ۽ ڪنهن جماعت يا سماج تي راڄ ڪرڻ جي وچ ۾ هميشه وڏو فرق رهندو. جيڪڏهن الڳ الڳ ۽ ڇڙوڇڙ ٿيل ماڻهن کي ڪو هڪڙو شخص پنهنجو غلام بڻائي ڏو، پوءِ اهي تعداد ۾ ڪٿي ڪيترا بہ هجن، تہ ان صورتحال کي آءٌ هرگز هڪ قوم ۽ ان جي حاڪم سان مشابهت ڪونہ ڏيندس، پر رڳو هيترو چوندس تہ انهن جو هڪڙو آقا آهي ۽ ٻيا سڀ ان جا غلام آهن. انهن جي حيثيت وڌ ۾ وڌ هڪ انبوهہ جي يا هڪ وِلر جي ٿي سگهي ٿي ۽ نہ هڪ راڄ جي يا هڪ وڳر يا جماعت جي، ڇو تہ ان صورت ۾ منجهن نہ تہ ڪنهن مشترڪ يا اجتماعي مفاد جوڪو تصور قائم هوندو ۽ نہ ڪنهن سياسي وجود جو. اهڙي ڪنهن شخص جي حيثيت، توڙي جو ان اڌ دنيا کي ائين غلام ڇو نہ بڻايو هجي، بهر صورت انفرادي رهندي: هن جو مفاد ٻين جي مفاد کان الڳ، خالصتاً هڪ ذاتي يا انفرادي مفاد رهندو. هن جي موت تڻ سندس سڄي شهنشاهت ائين ئي ڇڙوڇڙ ۽ بي ربط رهندي ۽ ڪٺا ڪٺا ٿي ويندي، جيئن ڪنهن شاهہ بلوط جي وڻ کي باهہ ساڙي ڇڏي ۽ ان جي جاءِ تي رک جي ڍير کان

---

نائين" ۾ آيل قصي جي سورمي، يوليسس، جي ساٿين ڏانهن اشارو آهي، جيڪي سائيڪلوپس ديو وٽ ان جي غار ۾ وڃي قيد ٿيا هئا.

(٣) فرانس جي بادشاهہ، لوئي نائين (١٢٢٦ع کان ١٢٧٠ع تائين) پنهنجن اميرن جي خانگي لڙاين کي ختم ڪرڻ لاءِ چاليهن ڏينهن جي عارضي صلح جو حڪم ڪڍيو هو، جنهن کي هن "خدائي عهدنامي" جو نالو ڏنو هو. (٩-٨-١٩٨٤ع)

سواءِ پيو ڪي ڪين رهي.

گروٽيس چوي ٿو ته هڪ قوم پنهنجو پاڻ ڪنهن بادشاهه جي حوالي ڪري سگهي ٿي. ان جي معني ته، هن جي خيال ۾، قوم پنهنجو پاڻ بادشاهه جي سپرد ڪرڻ کان اڳ بہ قوم جي حيثيت رکي ٿي. ڪنهن قوم جو ائين تحفي طور پنهنجو پاڻ ڪنهن بادشاهه جي حوالي ڪري ڇڏڻ خود هڪ سياسي عمل آهي، ۽ ظاهر آهي ته ان عمل کان اڳ قوم جو اجتماعي مشورو عمل ۾ آيو هوندو. انهيءَ ڪري، ان کان اڳ، جو ان بئي سياسي عمل جي تحقيقات ڪئي وڃي، جنهن سان ڪا قوم پاڻ کي ڪنهن بادشاهه جي حوالي ڪري ٿي، مناسب هيءُ آهي ته اول اُن پهرئين عمل جي تحقيقات ڪئي وڃي، جنهن سان خود اها قوم وجود ۾ آئي، ڇوته هيءُ عمل ذڪر ڪيل بئي عمل کان لازمي طور اڳ ظاهر ٿيو آهي، ۽ انهيءَ ڪري اهوئي سماج جو اصل بنياد آهي.

حقيقت ۾، اهڙي ڪنهن پهرئين اجتماع نه هجڻ جي حالت ۾، جتي چونڊ يڪراءِ ٿي هجي، هڪ اقليت تي اهو فرض ڪيئن ٿو عائد ٿي سگهي ته هوءَ اڪثريت جي فيصلي کي قبول ڪري؟ ڪن هڪ سؤ شخصن کي، جي پاڻ لاءِ ڪو آقا پسند ٿا ڪن، باقي ڏهن جي طرفان اهڙي قسم جي فيصلي يا راءِ (ووٽ) جو ڪهڙو حق آهي، جيڪي اهڙي راءِ يا خواهش نٿا رکن؟ راءِ جي اڪثريت واري قانون جو بنياد خود بہ اجتماع جي اصولن تي ٻڌل آهي، ۽ ان لاءِ گهٽ ۾ گهٽ هڪ ڀيري جو مڪمل اتفاق ضروري آهي. (١٣-٩-١٩٨٤ع)

# پرستش مردن جي ۽ زندن جي

(محمد ابراهيم جويو)

عام طرح ائين چيو ٿو وڃي ته اسان جو سنڌي سماج مُرده پرست آهي. اُن مان هيءُ بہ مطلب ٿو نڪري ته اهو زنده پرست

ڏانهن، ئي نيئي سگهي ٿي. محض ”شورائيت“ ارضي آقائيت جي پيڙهه جو پٿر بہ ٿي سگهي ٿي ۽ ان جي حفاظت لاءِ هڪ مضبوط قلعو بہ: اُن جي برخلاف، جمهوريت هر صورت ۾ ۽ هرطرح ارضي آقائيت جــو ضد آهي. هر غاصب اقتدار غصب ڪرڻ لاءِ پنهنجن رفيقن سان مشورت ڪري ٿو، ۽ آهي اُن جي شُورا آهن. ۽ اُن کان پوءِ هو پنهنجي پسند جي اهڙي ئي شورا قائم ڪري پنهنجي اقتدار جو تاحيات بچاءُ بہ ڪري سگهي ٿو. شُوروڪيرَسِي ائين آهي. ڊيموڪرسي اِئين نـہ آهي. ڊيموڪرسي، ڊيموڪرسيءَ ڏانهن نئي ٿي، جمهوريت جمهوريت ڏانهن نئي ٿي — ڇــو تـہ اُن ۾ اصل ۽ صحيح شورا بہ آهي ۽ شورا جي شورا سان تبديل جي انساني يعني اجتماعي رضا تي مبني وات بہ آهي— ڇوتہ اُن ۾ پرستش ڪانهي، مُردن جي توڙي زندن جي، يعني اُن ۾ شخص پرستي ڪانهي. اُن ۾ شخص يا شخصن جي غلامي يعني اُن ۾ ارضي آقائيت جــي گنجائش ڪانهي.

جمهوريت کــان محروم پنهنجي مجبور ملڪ لبنان کي اهڙيءَ ئي اڏيتنا ۾ ورتل هڪ حالت ۾ ڏسندي، خليل جبران چيو هو—

هو مون کي چون ٿا:
”جي تون ڪو غلام ستل ڏسين تہ ان کي نہ جاڳاءِ،
”ممڪن آهي تہ هو آزاديءَ جو خواب ڏسندو هجي!“
آءٌ انهن کي چوان ٿو:
”جي اوهين ڪو غلام ستل ڏسو، تہ ان کي جاڳايو،
”۽ هن کي آزاديءَ جي ڳالهہ ٻڌايو!“

خليل جبران پنهنجن هموطنين کي، اسان وانگر، پنهنجن ۽ پراون، مُردن ۽ زندن، جي پوڇا پاٺ ۽ پرستش ۾ محو ڏسندي ۽ انهن جي پوئلڳيءَ ۽ پاڻهپ ۾ هڪٻين سان مقابلي بازيون ۽ شرطون پڄائيندي ڏسي، انهن کي چيو هو—

”اي منهنجا هموطنو!

”سون کان اوهين ڇا ڏا گهرو؟
”اوهين چاهيو ٿا تہ آءٌ اوهان سان
”لفظن جي عظيم محل اڏڻ جو ڪوڙو واعدو ڪريان!
”۽ پڻ پوڇا-ڳهرن جي اڏڻ جو، جن تي خوابن جون
ڇتيون وڏل هجن!
”پر عزيزو!
”زندگي زندگي آهي—
”جوانيءَ جو ارادو
”ڦوهہ وهيءَ جي جاکوڙ
”۽ پيرسنيءَ جي ڏاهپ!
”پر توهين منهنجا ساده دل معصوم هموطنو!
”پوڙها ۽ ڪمزور ڇاوا—
”وڏي مغز ۽ ڳهنج ڳهنج ٿيل ڇمڙيءَ سان.
”اوهين وڏي پار ٿي پيا آهيو
”۽ هڪبين تي پٿرن اڇلائڻ ۾ پورا آهيو!“
ڪاش، ڪوئي خليل جبران هجي، جو اڳتي وڌي، اسان
پرستارن کي اڄ انهن ئي لفظن ۾ مخاطب ٿئي—اسين، جيڪي پرستش
تي ناز ڪريون ٿا، ۽ پراون لاءِ هٿن ۾ گل جهلي ٿا بيهون ۽ پنهنجن
لاءِ پٿرا! (۲۷-۷-۱۹۸۴ع)

## انسان شين جي دنيا ۾
(محمد ابراهيم جويو)

وڏندڙ ضرورتون جن تہ هڪ چڙهندڙ ڏاڪڻ مثل آهن. ان
ڏاڪڻ جي هيٺين ڏاڪن تي بنيادي يـا حياتياتي ضرورتون آهن،
جيڪي ساٿهوءَ جي طبعياتي فطرت جي ڪري پيدا ٿينديون آهن.
انهن کان مٿي جا ڏاڪا سڀني ڪپڙي لٽي، سڀني کاڌي پيتي، گهرو
آسائش ۽ صحت جي سارسنڀال جا هوندا آهن. انهن کان بہ مٿانهان

ڏاڪا اعليٰ ضرورتن، جهڙوڪ ذهني خوراڪ، تخليقي ڪم، انساني عظمت جي تسليميءَ سان لاڳاپيل فرد جي هرطرفيءَ تهذيبي اوسر ۽ سماجي انصاف ۽ اخلاق جي سلسلي جا هوندا آهن.

ضرورتن جي اهڙيءَ ريت ٿي اوسر ٿي آهي. پر ان جو سلسلو ڏاڍو منجهيل ۽ متضاد آهي.

دستور آهي ته ماڻهو نئيي هوندي جيڪي قدر قبولي ڏو انهن مطابق ئي سندس هلت چلت ٺهي ٿي ۽ رهي ٿي. هو پوءِ آهي ئي بيٺل ۽ قائم ٿيل رسمون يا رهت سهت جا نمونا پنهنجي نئين نسل لاءِ ڇڏي ويندو آهي، ۽ ائين هڪ نسل نه پر ڪيترن نسلن کان پوءِ، اهڙين عادتن ۾ ڪنهن قدر ٿورو يا ڪڏهن ڪو بنيادي ڦيرو ٿيڻ سگهن ٿي سگهندو آهي. مثال طور، کاڌي جي عادت کي ڏسو. صديون اڳ صورت هيءَ هئي ته روايت، مذهب ۽ مجبوريءَ جي اثر هيٺ ڪافي ڪي ڏينهن کاڌي کان پرهيز ٿيندي هئي، ۽ ٿورا ئي پيا ڪي ڏينهن دعوتن، جشنن ۽ خوب کاڌن پيتن ۾ گذرندا هئا. پيو ته سڀ خلق يا خلق جي وڏي اڪثريت صبح کان شام تائين جسماني پورهئي ۾ رڌل رهندي پئي آئي. مطلب ته گهٽو کاڌو يا وڌيڪ کائڻ ڪو سماجي مسئلو نه هو. اڄ جي اِن نئين اصطلاح- ”گهٽو کاڌو“، ”وڌيڪ کاڌو“- جو تصور به ڪونه هوندو هو. ضرورت کان وڌيڪ کائڻ جي ڪري جيڪي خوفناڪ ۽ هاڃيڪار نتيجا نڪرن ٿا، آهي هن زماني ۾ ئي ظاهر ٿيا آهن.

اڄ سخت ۽ گهٽي جسماني پورهئي جي گهٽائي کان جيئن پوءِ تيئن انسان آجو ٿيندو ٿو وڃي، ۽ هرهنڌ دنيا ۾ ڪوششون ڪيون پيون وڃن ته هُن تان اهو ڳهه ڳهان جو بار وڌ ۾ وڌ هلڪو ٿئي ۽ وڌ ۾ وڌ هُن کي فرصت جو موقعو ملي ته جيئن هو سوچي سگهي، پڙهي لکي سگهي، زندگيءَ جو سچو لطف ماڻي سگهي ۽ پنهنجي انسانيت جا قدر سجاڻي ۽ وڌيڪ اوچا ڪري سگهي.

اسان وٽ به شهرن توڙي ٻهراڙيءَ ۾ ڪي سکيا ستابا ۽ شاهوڪار ماڻهو گهڻو وقت واندا ويهي گذارين ٿا، ۽ نڪمائيءَ ۾

بسترن، ڪرسين ۽ ڪوچن تي ليٽي پيٽي ۽ پاسا ورائي فضول وقت ڪاٽين ٿا. پر اها مفت جي فرصت، ائين بيڪار ۽ بيسود وڃائڻ هڪ غيرفطري ڳالهه آهي. آنهن مان تمام ٿورا ڪي ماڻهو آهن جيڪي رڳو پنڌ ڪري، ڊوڙون پائي يا رانديون رونديون ڪري به بت جي آن سستيءَ مان جان ڇڏائڻ جي ڪوشش ڪن ٿا، ۽ ساڳئي وقت آهي ئي ماڻهو ڏينهن ۾ ٽي ڀيرا صبح، ٻپهر ۽ شام، ۽ پڻ وچ وچ ۾ ايترو ته ڪائي پيٽ کي ڏيندا آهن، جو پيا اوڳرايون ۽ ڏاڪارون ڏيندا آهن ـــ چاڪاڻ ته آهو سندن ضرورت کان گهڻو گهڻو وڌيڪ ثابت ٿئي ٿو. پوءِ اهڙن ماڻهن ۾ ٿولهه وڌي ويندي آهي ۽ پنهنجو ڳرو بت پاڻ سان کڻي هلڻ به هنن لاءِ مشڪل ڳالهه بڻجي ويندي آهي.

دنيا ۾ هيءُ ٿولهه جو ٻهريون حملو آباديءَ جي ويهين حصي تي (جيئن اسان وٽ ۽ ٻين غريب ۽ پوئتي پيل ملڪن ۾)، ۽ پوءِ (جيئن اسان جي خاص طرح وڏن شهرن يا ٻين شاهوڪار ملڪن ۽ سماجن ۾) ڏهين حصي تي، پنجين حصي تي ۽ پوءِ ته سڄي ساري چوٿين يا ان کان به وڌيڪ حصي تي ٿئي ٿو ـــ جنهن جو دارومدار گهٽيءَ هوندَ تي ۽ گهٽ ڪم يا بلڪل نڪمائيءَ ۾ ويهي گهٽي کائڻ تي هوندو آهي. ان حصي ۽ حساب سان، مالدارن جي ٻارن کي به گهرن ۾ سندن جسماني ضرورت کان وڌيڪ کاڌو ملي ٿو، چوته هو، جيئن ٻين ڳالهين ۾ تيئن کاڌي کائڻ ۾ به، پنهنجن گهڻ کائو ۽ ٿوني وڏن جي مثال تي هلن ٿا. گهڻي کاڌي ۽ گهٽ ڪم ڪري اها ٿولهه وچينءَ عمر ۽ خاص ڪري وڏيءَ عمر جي ماڻهن ۾ خوفناڪ بيمارين جو ڪارڻ ٿئي ٿي، جن جي ڪري آهي پنهنجي وقت کان اڳ گذاريو وڃن. ٻي ڳالهه ته اها ٿولهه پوءِ موروثي آزار به بڻجي ٿي.

هاڻي وري هڪ ٻئي رسمي طريقي کي وٺو. آهو هيءُ ته ماڻهوءَ لاءِ هڪ وقت هڪ وڳي کان وڌيڪ وڳا پائڻ واقعي هڪ ڏکيو ڪم آهي! ساڳيءَ طرح هڪ وقت ماڻهوءَ لاءِ هڪ جوڙي

هلائي ٿو.

اڄ بابا آمٽي پاڻ پيرسن آهي ۽ هن جي مٽي جا وار اڇا آهن، ۽ هن جي ڪرنگهي ۾ ڳوڙها ڳوڙها نڪري پيا آهن جنهن ڪري هن کي ويهڻ ۾ تڪليف ٿئي ٿي. پر هو تڏهن به پنهنجي سونهيل ڪم تي چست ۽ چؤبند رهي ٿو. هن جي زال، سڌانتاپائي، هن جي سڄيءَ زندگيءَ جي ساٿياڻي ٿي رهي آهي، ۽ هن جا ٻه پٽ، وڪاس ۽ پرڪاش، جيڪي پيئي ڊاڪٽر آهن، هن سان گڏ اتي پنهنجي پنهنجي ڪم ۾ مصروف رهن ٿا.

آنندون اڄ پاڻ-پري بستي آهي. ان ۾ مڪاني خيال کان رٽيل سرن جا ٺهيل گهر ۽ جايون آهن، پنهنجي هڪ بئنڪ آهي ۽ هڪ پوسٽ آفيس آهي. پر هتان جي سڀ کان وڏي ڳالهه اها به ناهي ته اتي ڪوڙهين جو علاج ٿئي ٿو ۽ انهن جي سنڀال لهجي ٿي ۽ انهن کي نئين سر آباد ڪرڻ جا اپاءَ ورتا ويا — جيتوڻيڪ اهو ڪم، هندستان ۾ ڪوڙهه ۾ ورتل ماڻهن جو چوڻ کان ٻاهر برو حال ڏسندي، هڪ تمام وڏو ڪم آهي. پر ان کان به وڏي ڳالهه هن مرڪز جي اها آهي، جو هتي ملڪ جي ديهي آباديءَ ۽ سڌاري جي وسيع ڪم لاءِ سائنسي زراعت وسيلي هڪ گهڻ-پاسائينءَ رٿا تي ڪم ٿي رهيو آهي. ايتريقدر، جو ديهي آباديءَ ۽ سڌاري جي سڄي مسئلي ڏانهن بلڪل هڪ نئون رخ ۽ نئين هڪ جامع ڪوشش سرتب ٿي رهي آهي.

شروع وارا ۲۵ غيرآباد ۽ ٺوٺ زمين جا ايڪڙ وڌي، هاڻي ۳۰۰ ايڪڙن جي نهري آبپاشيءَ تي آباد ٿيندڙ هڪ وسيع علائقي ۾ بدلجي ويا آهن، جتي ڪڻڪ، چانور، مڪائي، ميويدار وڻ ۽ قسمين قسمين ڀاڄيون پوکجن ٿيون. آنندون پنهنجن رهواسين لاءِ لڳ ڀڳ سڀ ضرورت جون شيون اپائي ٿو، سواءِ لوڻ ۽ کنڊ جي. ان جي پاڻيءَ جي حاصلات ۽ استعمال جو ڪم ايتريءَ ته مڪاني قسم جي ڏاهپ سان ۽ ضرورت سارو ٿئي ٿو، جو اهو

آهي؟ هتي تہ رڳو ڪلنڊڙ چھرا ۽ ٻھڪندڙ ماڻھو پيو ڏسان!"

"ماڻائتا دوست!" بابا آستي هن ڪي جواب ڏنو "چاھ اوهان ڪي اهو نہ ٻڌايو اٿن تہ آنندون جي خوشيءَ ان جي بيماريءَ کان وڌيڪ وچڙندڙ آهي؟" (١٩-٧-١٩٨٤ع)

[ورلڊ پيپر، جون ١٩٨٤ع تان شڪريي سان. — م.ا.ج]

# سقراط

[چارلس فرئنڪلن جي انگريزي ڪتاب "ورلڊس فيمس ٽرايلس" جي هڪ باب جو ترجمو]

(امان الله بلوچ)

سقراط جو شمار دنيا جي سڀ کان وڏن ڏاهن ماڻھن ۾ ٿئي ٿو. هن ڪڏهن هڪ سٽ بہ ڪانہ لکي هئي، البت ٻين ماڻھن، خاص طرح سندس شاگرد افلاطون، سندس باري ۾ جو ڪجھہ لکيو آهي، تنھن ڪيس فلسفي ۾ اهم ۽ ممتاز جڳھہ ڏياري آهي.

جڏهن اٿينس جي رهاڪن قومي هنگامي دور ۾ هلايل مقدمن دوران ڪيس موت جي سزا ڏني، تہ گويا انهن پاڻ کي اهڙي سزا ڏني، جو هنن هميشه شرم محسوس ڪيو هوندو. سقراط انتهائي قاتل زهر جو پيالو اهڙيءَ طرح پي ويو، ڄڻ تہ اهو ڪو معمولي شراب جو گلاس هو، ۽ ثابتقدميءَ ۽ بيڊپائيءَ سان موت کي قبولي ورتو. سندس دوست افلاطون لکيو آهي تہ "اسان جيڪي انسان ڏٺا، انهن ۾ هو بهترين ۽ ڏاهي ۾ ڏاهو انسان هو."

سقراط هڪ سنگتراش جو پٽ هو ۽ عيسوي سن کان انڪل ٤٧٠ سال اڳ پيدا ٿيو هو. سندس والد ڪافي رقم ڇڏي فوت ٿي ويو هو، ۽ ان ڪري ڪيس علم حاصل ڪرڻ ۾ ڪافي آساني ٿي. هو اٿينس جي مارڪيٽ واري هنڌ تي نهايت عظيم ۽ ناسور

شخصيت ٻنجي ويو، جتي هرڪو ذهين شخص اچي گڏ ٿيو هو ۽ پوءِ اهي پاڻ ۾ بحث مباحثا ڪندا هئا. اهو وقت يوناني فلسفي جو شاندار دؤر هو.

اٿينس جي رهاڪن کي علم ۽ ڄاڻ ۽ زندگيءَ جي سڀني شين بابت معلومات حاصل ڪرڻ جو ڏاڍو شوق هوندو هو، ۽ اتي آهي ”سافِسٽ“ (سوفسطائي) پيدا ٿيا، جيڪي ناسور استادن جي حيثيت ۾، بحث مباحثن ذريعي، نوجوانن کي سکيا ڏيندا هئا. بعد ۾، انهن جي ڪري، ”سافسٽ“ جو لفظ به شاناٿتي معنيٰ اختيار ڪري ويو ۽ سافٽسن کي سندن همعصرن ۾ مٿانهون سمجهيو ويندو هو — ۽ سقراط به انهن مان هڪ هو.

جسماني طرح سقراط ڪو پرڪشش ماڻهو نه هو. سندس قد ننڍو، ٿلهو ۽ ڇهنبيارو نڪ، ويڪريون نـاسون ۽ ٿلها چپ هوندا هئا. هـو هميشه پيرين اگهاڙي گهمندو هو، ۽ نهايت حليم ۽ ڌيرج وارو شخص هو. سندس ذهن جي تيزي ۽ خيال جي صفائيءَ ڪري ڪيترائي معتقد ۽ چيلا سندس چوڌاري ويٺا هوندا هئا.

سقراط کي هميشه انساني چال چلت بابت ڳڻتي رهندي هئي، جو هو قطعي سچ ۽ مطلق حقيقت جو ڳولائو هـو. حقيقي ڄاڻ کي اينتريقدر اهم سمجهندو هو، جو سندس نظر ۾ آهوئي بهترين اخلاقي قدر هو. هو اهو يقين رکندڙ هو ته صرف ڏاهن ماڻهن کي ئي حڪومت ڪرڻ گهرجي. سندس بحث مباحثا منطق ۽ خيال سان پريل هوندا هئا ۽ هو انهن ذريعي پنهنجن مخالفن سان منهن ڏيندو هـو. تنهن هوندي به، هن ڪنهن کي به دشمن ڪونه بنايو، ڇوته سقراط اهڙو شخص هـو، جنهن سان سندس ذاتي صفتن جـي ڪري ماڻهو پيار ڪندا هئا. هو ڪو سنت يـا درويش ڪونه هـو. جيتوڻيڪ هـن بدڪاريءَ جي زندگيءَ جي مذمت ڪئي هئي، مگر هو هرڪنهن سان گڏجي کائيندو پيئندو هو.

سندس عظيم دوستن مـان پيريسليس جـو ڳود ورتل پٽ، حسين نوجوان السيپاڊيس هو، جنهن جي ذهانت ۽ حسن تي اٿينس

وارا رشڪ ڪائيندا هئا، پر هو نهايت بدنام ۽ بياصول نوجوان به هو. السبيادِيس سقراط جي ڌاهپ ۽ گڻن کان ڏاڍو متاثر هو، ۽ خود سقراطهن آيرندڙ ذهين نوجوان کي اهڙيءَ طرح سڌارڻ جي ڪوشش ڪئي ته جيئن هو اٿينس جي مفادن جي بهترين خدمت ڪري سگهي. مگر انهيءَ ۾ ناڪام ٿيڻ بعد، اگتي هلي، سقراط کي پنهنجي حياتي به قربان ڪرڻي پيئي.

سقراط عظيم وطن دوست ۽ عملي انسان هو. هن پيلوپونيشيا واريءَ جنگ ۾ حصو ورتو ۽ بهادريءَ سان وڙهي، السبيادِيس جي جان بچائي ورتي، ۽ آن ۾ وري السبيڊيس کي ٿيوا ڪاٿيو ويو ــ ۽ سقراط انهيءَ عام جي فيصلي سان مڪمل اتفاق به ڪيو.

پنهنجي سپاهيانه زندگيءَ دوران سقراط جسماني طرح نهايت حيرت انگيز برداشت جو مظاهرو ڪري ڏيکاريو ۽ سمورو سيارو برف وسندي جبلن ۾ پيرين اگهاڙو لڙائيءَ ۾ مصروف رهيو، حالانڪ سندس بين سائين ڪي سرديءَ سبب معمول کان وڌيڪ ڪپڙا ۽ مضبوط بوٽ پاتل هوندا هئا. جڏهن سپاهي سخت جنگ لڙڻ ڪري ۽ پنڌ ڪرڻ ڪري ٿڪجي پاڻ کي ميدان تي اڇلائي سمهي پوندا هئا، ته ان وقت به سقراط بنان ڪنهن ٿڪ جي بحث ۾ مشغول ٿي ويندو هو يا وري ڪنهن فلسفي جي مسئلي کي حل ڪرڻ ۾ رڌل رهندو هو.

پنجاهه سالن تائين سقراط اٿينس جي سڀ کان نامورشخصيتن مان هڪ رهيو. هن شادي ڪئي ۽ کيس ٽي پٽ ٿيا. سندس زال، زينٿپ، ڪجهه چڙدي قسم جي عورت هئي، جيڪا کيس سمجهي نه سگهي؛ پر سقراط ان جي جهيڙن جهگڙن کي فلسفيانه ڌيرج سان قبول ڪيو. جيئن جيئن سقراط جي عمر وڌندي ويئي، نڪته چيني ڪندڙن مٿس سخت چٿرون ۽ ٽوڪون ڪيون، خاص طرح آرسٽوفينس پنهنجي ڊرامي "دي ڪلائوڊس" ۾ سقراط تي سخت تنقيد ۽ طنز ڪئي.

پيريڪلس جو شاندار زمانو پورو ٿيو، ۽ سندس وفات جي ڪري اٿينس ۾ تباهي ۽ بربادي ڦهلجي ويئي. پيلوپونيشيا واريءَ

متعارف ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي هئي، ۽ نوجوانن کي اهڙي سکيا ڏيئي، هن کين ذهني ۽ اخلاقي طرح گمراهه ڪيو هو.

سقراط پنهنجو جواب ائين چئي شروع ڪيو ته هو ُهن کان اڳ ڪڏهن به ڪنهن عدالت اڳيان پيش نه ٿيو آهي، تنهنڪري ڪيس معاف ڪيو وڃي، جو هو ڪابه عدالتي مهارت نٿو رکي. پر ان کان پوءِ هن مٿس ڏوهه مڙهڻ وارن کان وڌيڪ عدالتي مهارت جو مظاهرو ڪيو. هن ڪانئن سندس خلاف اٿيل تهمتن جي صورتحال بابت ڏاڍيءَ ذهانت واري آڏي پڇا ڪري، کين مڪمل طرح منجهائي ڇڏيو.

هن ميليٽس کان پڇيو ته ”اهي ڪهڙا ماڻهو آهن، جيڪي نوجوانن کي سڌاري رهيا آهن!“ميليٽس منجهي پيو ۽ جواب ڏنائين ته ”جج صاحبان.“ سقراط پوءِ مختلف سوال ڪري ميليٽس کان اهو قبول ڪرايو ته ايٿنس جي سڄيءَ رياست ۾ رڳو هڪڙو سقراط ئي هو جيڪو نوجوانن کي بگاڙي رهيو هو، ۽ باقي هرڪو فرد نوجوانن کي سڌاري رهيو هو! سقراط چيو، ”آءٌ ايٿنس وارن کي اهڙيءَ خوشنصيبيءَ تي مبارڪ پيش ڪريان ٿو.“

سقراط چيو ته”هيءَ ڳالهه ظاهر آهي ته خراب ماڻهن جي وچ ۾ رهڻ کان سٺن ماڻهن جي وچ ۾ رهڻ چڱو آهي، تنهنڪري پاڻ سان گڏ رهندڙ شهرواسين کي بگاڙڻ جي سوچ ڪرڻ به بيوقوفي آهي. ان ڪري ميليٽس جيڪي چيو آهي، سو هڪ قسم جي نصيحت ته آهي پر دليل نه آهي.“

سقراط جا اهي معقول جواب ڪورٽ سڄيءَ کي متاثر ڪري نه سگهيا، جنهن جا جج گڏ ئي ڪيس سزا ڏيڻ لاءِ ٿيا هئا.

سقراط، ميليٽس کان هيءَ ڳالهه به قبول ڪرائي ته سندس خيال ۾ سقراط جو ڪنهن به ديوتا ۾ ويساهه ڪونه هو. سقراط ان تي جواب ۾ چيو ته پوءِ ته مٿس ديوتائن جي ڪفر جو الزام هڻڻ خود الزام جي ابتڙ هو. پوءِ هن پنهنجا مذهبي عقيدا بيان ڪيا: ”آءٌ ديوتائن ۾ اهڙو ويساهه رکان ٿو، جهڙو مون تي الزام هڻڻ وارن

سنڌس وهم جي ونئي پيئڻ جو وقت اچي ويو هو.

پوءِ انهيءَ عملدار سقراط کي چيو، ”مون هيترو وقت سڀ کجهه پئي ڏٺو آهي. تون بيشڪ سڀني کان وڌيڪ معتبر، شان وارو، رحمدل ۽ اعليٰ انسان آهين، جنهن جهڙو هتي ڪو به نه ٿيو آهي. مون کي پڪ آهي ته تون مون تي رنج نه ٿيندين، بلڪ انهن کي مياري سمجهندين، جن لاءِ تون ڄاڻين ٿو ته قصوروار آهن.“

سقراط جا دوست روئي رهيا هئا، پر هُن کين زهر جو پيالو کڻي اچڻ لاءِ چيو — جيتوڻيڪ اڃان ڏينهن جي روشني هئي، ۽ عام طرح ڏوهاري رات ٿيڻ تائين پيالو نه پيئندا هئا.

ڪرائٽو سقراط کي منٿ ڪئي ته هو پيالو دير سان پيئي، ڇو ته سج اڃان پهاڙين کان مٿي هو، پوءِ ايتري تڪڙ ڇالاءِ؟

”جيڪي موت ۾ دير ٿا وجهن، تن وٽ ڪو سبب هوندو آهي،“ سقراط وراڻيو. ”هو سمجهندا آهن ته ان ۾ سندن فائدو آهي. مون وٽ ائين نه ڪرڻ لاءِ بهتر سبب آهي. زندگيءَ سان چهٽيل رهي خود پنهنجي روح کي بيمانو ڪرڻ ۽ رڳو پيالي کي پريل رکڻ کان سواءِ، مون کي ائين ڪرڻ مان ڪو به فائدو ڪونهي. نه — جلدي ڪريو، زهر جو پيالو کڻي اچو!“

ايتري ۾ جيل جو هڪ شخص زهر جو پيالو کڻي آيو، جيڪو سقراط خوشيءَ سان هٿ ۾ ورتو.

”تو کي انهن ڳالهين جي خبر آهي، دوست“، سقراط زهر آڻڻ واري کان پڇيو، ”ٻڌاءِ، مون کي ڇا ڪرڻو آهي.“

هن ٻڌايس ته کيس پهرين پيالو پيئڻ کپي، پوءِ هلڻ کپي، جيستائين سندس ٽنگون مٿ ڇڏڻ لڳن. پوءِ کيس ليٽي پوڻ کپي، ۽ وڌيڪ ڪم زهر پاڻيهي ڪندو.

سقراط موت جي پيالي کي اکين اڳيان جهليو، ان کي پنهنجين گنڀير اکين سان گهوريو، ۽ پوءِ جيل جي ماڻهوءَ کان پڇيو، ”تنهنجو ڇا خيال آهي، ايترو وزن انسان کي آرام ڏيڻ

لاءِ ڪافي آهي؟" هن جواب ڏنو، "اسين گهربل مقدار کان وڌيڪ تيار نه ڪندا آهيون."

"ته پوءِ آءٌ دعا گهران ٿو،" سقراط چيو، "ته اها هيءَ آهي ته هن دنيا کان ٻيءَ دنيا ڏانهن سفر سٺائو ٿئي."

پوءِ هن پيالو چپن تائين آندو، ۽ دوستن جي پيڙا پريل اکين اڳيان ڪڙي ۽ قاتل جو آخري ڦڙو به پي ڇڏيو.

دوست بي اختيار روئڻ لڳا، ته سقراط انهن کي نرميءَ سان تنبيهه ڪئي: "منهنجا دوستو، هي اوهين ڇا ڪري رهيا آهيو. مون ٻڌو آهي ته ماڻهوءَ کي آرام سان مرڻ ڏجي. خاموش رهو ۽ دل ڏاڍي ڪريو."

پوءِ هو ڪجهه دير لاءِ جيل واريءَ پنهنجيءَ ڪوٺڙيءَ ۾ هلڻ لڳو. جڏهن سندس ٽنگون ايڏيون ڳريون ٿي ويون، جو هو وڌيڪ هلي يا بيهي نه سگهيو، تڏهن کٽ تي ليٽي پيو ــ ۽ پوءِ هوريان هوريان سندس بت ساهه ڇڏڻ لڳو.

مرڻ کان چند گهڙيون اڳ هن جهيڻي آواز ۾ ڪرائٽو کي چيو، "اپولئس مون کان هڪڙو ڪڪڙ لهڻي. اها ڳالهه نه وسارج."

سقراط جي موت جو احوال سندس شاگرد ۽ دوست افلاطون ايندڙ نسلن لاءِ قلمبند ڪيو، جيڪو ڳنڍريل پن هزار سالن کان ورجايو پيو وڃي. افلاطون، جنهن کي به ٻگاڙڻ جو الزام سقراط تي هو، تنهن پنهنجي استاد جي خيالن ۽ نظرين کي دنيا سان روشناس ڪرايو، جيڪو ائين امر ۽ عظيم ترين فيلسوف بڻجي ويو.

سقراط تي مقدمو ايمانداريءَ سان هلايو ويو يا نه، سا ڳالهه هڪ تاريخي بحث بڻجي وئي آهي. ڪن جو خيال آهي ته آهو هڪ 'عدالتي قتل' هو. پر جو چوڻ آهي ته رياست جا مفاد هر ڪنهن معاملي کان آتم آهن، تنهنڪري سقراط کي ائٿنس جي سلامتيءَ ۽ استحڪام خاطر مارڻ ضروري هو. اهي خيال تڏهوڪي زماني جي ماڻهن جا هئا، پر اهڙيون شاهديون

حدود سان مشروط ۽ ڪنهن ڪڙم قبيلي (Clan Organisation) تائين محدود نه هوندو آهي. مذهب جو بنياد الاهيات تي آهي ۽ ثقافتي قدرن جو عقليات يا معقولات تي — ڪا به قوم يا قبيلو يا نسلي گروهه پنهنجي علائقائي، تهذيبي، لساني ۽ تمدني حدن جي اندر قائم رهندي، مذهب اختيار ڪري، ان تي ڪاربند رهي سگهي ٿي ۽ مذهب جو سياسي پهلو به فقط تڏهن ئي دائم قائم ۽ نافذ رهي سگهي ٿو، جڏهن ان جي پيروڪارن وٽ آهي تمدني ثقافتي ورثا ۽ وسلائون اڳ ئي موجود هجن. مطلب ته مذهب جي سياسي تسلط ۽ اثر رسوخ لاءِ تهذيبي، لساني، ثقافتي ۽ علائقائي ايڪائي (يا ايڪايت) جو هئڻ ضروري آهي، جڏهن ته انهن ذڪر ڪيل ورثن ۽ قدرن جي بقا لاءِ مذهب جو هئڻ ۽ نه هئڻ ڪو فرق نٿو پيدا ڪري. هڪ ثقافتي گروه (قوم) خدا جي دين جي جيتري ترويج ۽ نفاذ ڪري سگهندو سو هڪ فرد نه ڪري سگهندو. آخرت جي نجات ۽ فلاح ڪان قطع نظر، دنياوي وجود جي لحاظ کان مذهب لاءِ قوم ضروري آهي، جڏهن ته قوم لاءِ مذهب جي ضرورت هڪ جدا اهميت رکي ٿي. چيني قوم وٽ پنهنجي قديم تهذيب ۽ ثقافت جو ورثو محفوظ آهي؛ پر هنن وٽ ڪو مذهب مخصوص ناهي. هندو قوم وٽ پنهنجو ڌرم هوندي پنهنجي تهذيب ۽ ثقافت سلامت آهي — بلڪ چيو وڃي ٿو ته هندو ڌرم بذات خود ڪو ڌرم ناهي بلڪ هڪ جامع ۽ مڪمل ڪلچر آهي. مسلمان امت دنيا جي چاليهن پائنتاليهن ملڪن ۾ پنهنجي پنهنجي مخصوص تهذيبي ۽ تمدني ۽ جاگرافيائي حدن سان تقسيم ٿيل آهي پر انهن ثقافتي تقسيمن جي نتيجي ۾ ان جي مذهبي عقيدن تي ڪو به فرق يا اثر نه پيو آهي. مذهب تهذيبي، يا ثقافتي بنياد تي ڪا بندش يا شرط وجهي ها ته اڄ سڄيءَ ڌرتيءَ تي هر مذهب جو هڪڙو ئي ملڪ هجي ها (يا نه هجي ها). هنن جا مخصوص ۽ محفوظ تمدني لساني ۽ علائقائي ويڇا ۽ فرق هنن جي مسلمان هئڻ تي ذرو به اثر انداز نٿا ٿين، نه ئي هنن جو مسلمان هئڻ هنن جي ڪلچر کي ڪو بدلائي ٿو.

مفڪر جو قول آهي: ”ثقافت دراصل انسان جي تحت الشعور ۾ ماٽ ميٽ ۾ ڪم ڪندي ويندي آهي، بلڪل اهڙيءَ طرح جيئن ساهه ڪڻڻ، هلڻ چلڻ ۽ جسم جي ٻي چرپر انساني شعور جي تحت چپ چاپ ٿيندي رهندي آهي—“. گويا ثقافتي شعوري اپچ هڪ جبلي حقيقت آهي، جڏهن ته مذهب جي نفاذي ۽ حڪمي.

توڙي مذهب جي بنيادي عقيدن ۾ ڪنهن به قسم جي ترميم ۽ تبديل جي اجازت نه هوندي آهي، يعني اتي مثان جي الهامي حڪمن جي تابع رهڻو آهي، چاهي انساني شعور اهڙي تبديليءَ يا ترميم لاءِ ڪيترو به خواهشمند ٿئي ۽ اها تبديلي هنن جي ڪيڏي به فائدي وارن هجي؛ پر ثقافتي قدر وقت، حالات ۽ انساني طبع جي ڦير گهير جي نتيجي ۾ بدلجي سگهن ٿا، ڪي منسوخ ٿي سگهن ٿا، ڪي نوان پيدا ٿي سگهن ٿا. مطلب ته مذهب انسان لاءِ اختياري (Optional) شيءِ آهي ۽ ثقافتي قدر لازمي. انسان مذهب کان باغي ۽ منڪر ٿي سگهي ٿو، پر ثقافتي قدرن کان ڪنڌ نٿو ڪيرائي سگهي. هو مذهب قبولڻ يا نه قبولڻ ۾ في زمانه آزاد آهي، پر ثقافتي قدرن ۽ ضابطن سان في زمانه ٻڌل رهڻو اٿس. معاشري جي هڪ فرد جي حيثيت سان هن جي قومي شناخت ثقافت جي حوالي سان آهي نه ڪا مذهب جي حوالي سان.

۽ جي اهو تسليم ڪجي ته انسان پنهنجي عنصري وجود يعني Elemental Entity ۾ ايندي ئي (يا پڻ ان کان اڳ روحي وجود جي شڪل ۾ به) مذهب سان لازمي طور تي لاڳاپيل هو، جڏهن، بقول شاهه لطيف رح جي، ”نڪا ڪن فيڪون هئي....“ يا ”.... تڏهين تت ڪيوم وچن ويڙهيچن سان،“ يا ”جا اسلام کان اڳ هئي سا ٻڌائون ٻانگ....“ وغيره، ته پاڻ ڳالهه اچا وڌيڪ چٽي ٿئي ٿي ته ساڳهوءَ جو تمدن ۽ تهذيب ۽ مذهب هڪٻئي جا ضد Opposite نه آهن، بلڪ هڪٻئي جا ازل جا ساٿي ۽ سهڪاري آهن. ان مان ئي ثابت ٿئي ٿو ته مذهب ڪنهن به قبيلي يا قوم جي ثقافتي تشخص کي ناس ۽ نابود ڪرڻ جي بجاءِ ان کي سڌاري،

مقامي ثقافت سان Identify ٿي رهڻو آهي؛ خود فاتح طبقو يا فاتح قوم مقامي ثقافت ۾ جذب ٿي ويندي آهي يا واپس موٽي ويندي آهي يا ختم ٿي ويندي آهي؛ مقامي ثقافت جو ڪجهه نہ بگاڙي سگهندي آهي: ٦- ڪوبہ مذهب اختيار ڪرڻ جو مطلب پنهنجي تمدني ۽ سياسي قدرن توڙي ٻوليءَ ۽ جاگرافيائي حدن تان دستبردار ٿيڻ نہ آهي، بلڪ مذهب معاشري جي مادي ۽ روحاني اصلاح جو وسيلو سمجهي قبول ڪيو ويندو آهي: ٧- مذهب ڪنهن بہ قوم يا قوميت يا نسلي گروه کي تسليم ڪرڻ کان انڪاري نٿو ٿئي، البت ان جي خرافات، توهمات ۽ خرابين جي بيخ ڪني ڪري، وڌيڪ ان کي مادي ۽ روحاني استحڪام ٿو بخشي: ٨- مذهب سان ناتو جوڙڻ پنهنجي ڪلچر ۽ ثقافتي تشخص کان ناتو ٽوڙڻ جي مترادف نہ آهي، مذهب خرافات کان سواءِ ٻئي ڪنهن بہ ثقافتي قدر تي ڪاپ رنڊڪ نہ وجهي آهي: ٩- مذهب ۽ ثقافت جو پاڻ ۾ هڪبئي سان ڪنهن بہ قسم جو عناد ۽ جهيڙو نہ آهي، نہ ئي آهي پاڻ ۾ متضاد، متصادم ۽ متحارب آهن؛ جي نہ تہ سڄيءَ ڌرتيءَ تي هڪڙي ئي قوم ۽ (مذهب جي قبوليت جي صورت ۾) هڪڙو ئي مذهب هجي ها؛ جيئن نسل انساني مختلف ثقافتي گروهن يا قومن ۾ لازمي ۽ قدرتي طور تي ورهايل آهي تيئن اهو مختلف مذهبي طبقن ۾ بہ ورهايل ۽ جدا آهي؛ توڙي جيڪڏهن دنيا ۾ هڪڙوئي مذهب هجي ها يا ڪوبہ مذهب نہ هجي ها، تہ بہ ثقافتي گروه ۽ طبقا موجود هجن ها، جو خود قدرت جي اها مصلحت آهي: ۽ ١٠- جيئن تہ مذهب هڪ آفاقي ۽ همہ گير شيءِ آهي تيئن مذهبي ثقافت يا ثقافتي مذهب جهڙين شين جي ڪاپ اهميت، معني ۽ مطلب نہ آهي، ان ڪري ڪنهن بہ قوم جو تشخص محض مذهب جي بنياد تي متعين ڪرڻ اجائي ڪوشش ٿيندي. اهو بہ واضح آهي تہ ”قوم“ ۽ ”امت“ جي اصطلاحن ۾ وسيع مفهوم جي لحاظ کان وڏو فرق آهي. امت مختلف قومن يا قوميتن جي مجموعي کي چئي سگهبو مذهب جي بنياد تي، جڏهن تہ قوم فقط انهيءَ گروه کي چئبو جنهن

تہ تنھنجو ساٿي ملي ويو آھي، ھاٿي دعا ڪر تہ سون کي بہ پنھنجو يار ملي!“

ھن واقعي کان تمام گھڻا سال اڳ، سر چارلس نيپئر سنڌ فتح ڪرڻ کان ھڪدم پوءِ سنڌين جون جاگيرون کسيون ۽ ان سان گڏ جاگير واري ثقافت جي اھم نشانيءَ، ”ڪارو - ڪاريءَ“ جي رسم، کي سنڌي سماج لاءِ ھاڃيڪار قرار ڏنو ھو ۽ پيچڪڙيءَ جي صورت ۾ ان لاءِ موت جي سزا وارو قانون نافذ ڪيو. جنھن تي سنڌ ۾ گوڙ ٿيو ھو تہ انگريزن سنڌ جي صدين پراڻين رسمن ۽ رواجن سان ھٿچراند ڪئي آھي! ان جي نتيجي ۾ سر چارلس نيپئر جھڙي فاتح بہ سنڌ جي ھڪ طبقي اڳيان گوڏا کوڙيا ھئا ۽ ڪارو - ڪاريءَ واري قانون ۾ موت جي سزا کي ختم ڪري، ان کي ٽيپ ۾ تبديل ڪري ڇڏيو ھو. نيپئر پنھنجي صلاحڪارن جي زور ڀرڻ تي سنڌين کان وفاداريءَ جا وعدا ورتا ھئا، ۽ کين جاگيرون بہ واپس ڪيون ھئائين! اھڙيءَ طرح، اسان جي ھڪ طبقي انگريزن جي بيٺڪي راڄ ۾ پنھنجين ڪيترين سماجي رسمن ۽ رواجن کي مضبوط ۽ محفوظ بڻائڻ جي ڪوشش بہ ڪئي ھئي.

## حاڪم ۽ عوامي ورثو

خيرپور ضلعي ۾ ڪونڌيجيءَ جي تاريخي کنڊرن کان اولھہ طرف، چئن ميلن جي پنڌ تي، ڪراچي - سکر روڊ جي ڪناريءَ تي، ڪلھوڙن جي وقت کان ھڪ ڳوٺ ٿالي جسڪاڻي آباد آھي. ھن ڳوٺ جي اتر طرف ھڪ وڏو قبرستان موجود آھي، جنھن کي ”شھيدن جو مقام“ سڏيو وڃي ٿو. ھن مقام ۾ ڪجھہ پڪيون قبرون آھن، باقي گھڻو تڻو ھيڊي رنگ جي پٿرن جون ڪچيون قبرون آھن، جي وقت گذرڻ سان ڏٺل حالت ۾ آھن يا غائب ٿي ويون آھن.

اڄ بالڪ اوستا ۾ ھوس تہ پنھنجن وڏڙن ۽ وڏڙين کان ان مقام جي ستل سورھيہ سرواڻن بابت ڪيئي داستان اڪثر ٻڌندو

اهڙيءَ حالت ۾ آباديءَ جــو تمام وڏو حصو پرانهن ئــي ڳـٺـن تي رهندو هو، جتي زراعت جون سهولتون موجود هيون ۽ جتي کير، لحميات ۽ ان جي پيداوار سان لاڳاپيل جانور موجود هئا. اهــڙن ڳـٺـن ۾ بار ڪـڍڻ ۽ ڊوڙڻ وارا جانور بــہ موجود هئا. اڄ سوڌو اِنهن ئــي مدنيت جي حالتن ۾ سنڌ ۾ آدم جو تمام وڏو حصو اهــڙن ئــي هنڌن ۾ رهي ٿــو، پــر هيءَ تمام وڏي حقيقت ڪڏهن بہ جديد دور جي ماهرن ۽ منصوبي بند حضرات جي ذهن ۾ نہ آئي آهي تہ منصوبي بندي سڄي ماڻهن جي لاءِ ڪئي ويندي آهي ۽ انهن جي سهوليت ۽ آسانيءَ يا بهتر مدنيت ۽ سماجي زندگيءَ لاءِ ڪئي ويندي آهي.

انگن اکرن مان ئي پڌرو آهي تہ شهري علائقن کي بهتر ۽ وڌيڪ سهولتون مهيا ڪيون پيئون وڃن، ۽ هر سال پيداوار جو عام وڏو حصو شهري علائقن ۾ روڊن، نقل ـ حمل جي وسيلن، پاڻي ۽ گئس ـ بجليءَ، بهتر رهائش جــي سهولتن، صفائيءَ جــي انتظام، تعليم، صحت ۽ آمدرفت جي وسيلن تي خرچ ڪيو ٿو وڃي. هــن ڳالهہ جو هڪ وڏو سبب اهــو آهي تــہ صاحب اقتدار، ڪامورو، حڪومتن جو ڪرتا ڌرتا ۽ هنرمند استحصالي اڪثر ڪري شهرن ۾ ئي رهڻ پسند ڪري ٿو. انهن سڀني جي ڪري شهرن کي بهتر انتظام مهيا ڪري ڏيڻ سان هــو هڪ نموني ۾ ذاتي فائدن کي حاصل ڪري سگهن ٿا. صنعت ۽ حــرفت جي ادارن کي بہ شهرن ۾ ئي مرڪوز ڪيو ويو آهي. ان طرح، سرمايي جي ميڙپ جا بهتر وسيلا بہ شهرن ڏانهن ئي ويا آهــن ۽ مزدوريءَ ۽ پورهئي جي لاءِ موقعا بہ شهرن ۾ ئي ملن ٿا.

هن طرح طبعي ۽ هٿرادو مدنيت جا بہ نمونا سنڌ جي مدني زندگيءَ ۾ هڪبئي سان ٽڪراءَ جي حالتن ۾ اچي ويا آهن. طبعي مدنيت جي تقاضا پٽاندر، ڪارخانا ۽ نقل حمل توڙي آمدرفت جــا وسيلا ۽ اهڙيءَ طرح بهتر معاش جــا سڀ وسيلا انهن علائقن ۾ موجود ڪري ڏيڻا هئا، جتي طبعي وسيلا اڳوات موجود هئا. هــن

ماٺهوءَ اهو سمجهيو ته جمهوريت جا ڏينهن پورا ٿي رهيا هئا، جو طاقت جي ذريعي مداخلت جو اصول جمهوريت جي سڄي وجود جي ئي خلاف هو.

هن ڏاڪي تي پاڪستان جي صورتحال اهاهئي جوآن جو جمهور ۽ عوام نا انصافيءَ جي اقتصادي پاليسين جي ڪري انتهائي مشڪل ۾ ورتل هئا. ان ڪري آهي غير منظم هئا ۽ ان ڪري عوام جي طرفان ڪنهن به متحد ۽ طاقتور مزاحمت جو مظاهرو نه ٿيي سگهيو. ڪن حلقن، جيئن پاڪستان جي مضبوط ۽ وڏي طاقتور صوبي جي حالت هئي، هن صورتحال ۾ اقتصادي خوشحاليءَ کي قائم رکڻ لاءِ سياسي معاهدي بازي ڪئي، ۽ هنن هن طرح پنهنجي زرعي جنسن جا اگهه وڌايا، نوڪرين ۾، خاص ڪري نيم سرڪاري ادارن جهڙوڪ ريلوي، واپڊا، گئس ۽ ٽرانسپورٽ جي شعبن ۾، خصوصي مراعات حاصل ڪيون، ۽ ان کان سواءِ ٻاهرين ملڪن ۾ ناڻي ڪمائڻ جي سهولتن وٺڻ جي پڪ پڪائي به ڪيائون. اهڙيءَ طرح ڪن اقتصادي مفادن حاصل ڪرڻ کان پوءِ پنجاب جي حڪمران گروهن جمهوريت جي ڳالهه کي پاسيرو ڪري ڇڏيو ۽ اهڙيءَ طرح جمهوريت جيڪا هوندي پنجاب جي ئي مفاد ۾ حق ۾ هجي ها، اج بيجان آهي. ننڍا صوبا ڪا به معاهدي بازي ڪري نه سگهيا، جو انهن جي جمهوري قوت اڳ ۾ ئي غربت جي ڪري ۽ ناجائز دٻاءَ جي ڪري ڪمزور هئي ۽ انهن ۾ شخصيات جي هڪ ”پرستش“ (Cult) به هئي رستي ۾ عوام جي خلاف موجود هئي. اهڙيءَ طرح جمهور دشمنيءَ جي انهيءَ وڏيءَ قوت کي پاڪستان ۾ به پير ڄمائڻ جو سٺو موقعو مليو، جيڪا دنيا جي ٻين پٺتي پيل ملڪن ۾ به پنهنجن مفادن جي بچاءَ جي لاءِ طاقت آزمائي ڪري رهي آهي.

هاڻي سوال ٿو اٿي ته هن سڄي عرصي ۾ جنهن ۾ جمهور دشمن قوتون پنهنجو ڪم ڪري رهيون هيون، اسان جون سياسي پارٽيون ڇا ڪري ٿي سگهيون، ۽ انهن ڇا نه ڪيو، حقيقت

جي دانشورن جو سياسي دڪان ته چمڪندو رهي ڏو!

هن سڄي سلسلي ۾، مون کي هزهائينس جو عاشق جيئڙو سلو فقير بيوقوف ڏو لڳي، جيڪو هزهائينس سان سپاهيءَ مان صوبيدار جو به انگل ڪري نه سگهيو، ۽ وري جي هوڏيو ته به سليمان مان سلو فقير ٿيو— مگر سائين منهنجا، اڄڪلهه ڏوم مان زعفران ڏيڻ ۾ ماڻهو دير ئي ڪو نه ٿا ڪن.

اڇو ته ڀڳوتي ناواڻيءَ سان سر ملائي ڳايون:

— منهنجو ڪاڏو به اگهاڻو،
— منهنجو گنجو به اگهاڻو،
— منهنجو ڦڏو بـه اگهاڻو،
— منهنجو پيٽو بـه اگهاڻو،

مگر توهان کي ياد رکڻ گهرجي ته ڀڳوتي ناواڻيءَ سان گڏجي ڳائيندا، ته پاڙيسري ملڪ جي ايجنٽ جي لقب سان نوازيا ويندؤ. اهڙو جوکو ڪير ڏو کڻي، تنهنڪري اچو تـه پنجن دريائن واري ديس جي پياريءَ ٻوليءَ ۾ گانو ڳايون:

— سڻ وي بلوري اک واليا!
— اسان تيري نـال دل لايـا!

(٢٧-٩-١٩٨٤ع)

# ادب

# اي ليکڪو! توهان ڪنهن سان آهيو؟

(فيض احمد فيض)

جيڪي هن دور ۾ سچي عوام سان وفادار آهن، انهن جو ڪم آهي ته اهي عوام جي دشمنن ۽ دوستن جي وچ ۾ فرق ڪن، عوام کي انهن جي سڃاڻپ ڪرائين ۽ انهن کي ٻڌائين ته ڪير انهن کي آزاديءَ ڏيارڻ، انهن جي آزاديءَ ۾ سونهن ۽ پاڪائي آڻڻ ۽ انهن جي هرقسم جي قرلت جي خاتمي لاءِ ڪوشان آهن، ۽ ڪير انهن کي غلام بڻائڻ، انهن کي ڦرڻ، انهن کي خراب ڪرڻ ۽ انهن جي ڪمزورين مان فائدي وٺڻ ۾ رڌل آهن، ۽ ڪير آهن جي انهن سان دوکو ۽ ڌاڍ ڪن ٿا، ۽ فقط پنهنجي حاڪميت ۽ اقتدار جي عمر وڌائڻ ۾ لڳل آهن.

پاڪستان جي سنجيده ليکڪن کي، بغير ڪنهن روڪ ٽوڪ ۽ ڊپ ڊاءَ جي، سڌي سنئين سچي ڳالهه ڪرڻ گهرجي، ۽ اظهار راءِ جي آزاديءَ تي عمل ڪرڻ گهرجي. انهن کي ڌاڍن جي ڌاڍ ۽ ظالمن جي ظلم کي بي نقاب ڪرڻ گهرجي، جيڪي نا انصافيون ٿي رهيون آهن تن کي اگهاڙو ڪرڻ گهرجي، ۽ سماجي، معاشي ۽ ثقافتي منافقت جو پڻ پردو چاڪ ڪرڻ گهرجي.

هاڻي ليکڪن تي اهو فرض آهي ته هو سامراج، نسل پرستي، بينڪي نظام ۽ جديد بينڪي نظام جي مخالفت ڪن، اوير ۽ اولهه جي عوام سان محبت ڪن، ۽ آزاديءَ، جمهوريت ۽ انساني حقن لاءِ جدوجهد ڪندڙ عوام جي ڀرپور حمايت ڪن.

انهن کي سامراج جي مداخلت، سازش، تباهڪاريءَ ۽ جنگي تيارين جي مخالفت ڪرڻ گهرجي، قومن جي آزاديءَ ۽ عالمي امن جي حمايت ڪرڻ گهرجي.

اسان جي ليکڪن کي آزادي ملڻ گهرجي ته هو پنهنجي

جو جواب هاڪار ۾ آهي ته ڇا، هاڻ وقت نه آيو آهي، جو اسين سڀ گڏجي ويهون ۽ اِن صورتحال جي تدارڪ بابت ڪجهه ڪيون! سوچڻ جي ڳالهه اها آهي ته ڇا ڪيو وڃي؟ اسان جو خيال آهي ته اسان ايڪڙن کي، ليکڪن لاءِ ڪي بنيادي اصول جوڙڻ کپن، ته جيئن هو پنهنجيءَ انفراديت کي ڳولي سگهن ۽ پنهنجي گڏيل ذميوارين کي نڀائي سگهن.

هڪجهڙي سوچ رکڻ وارن جي وچ ۾ پيهر ڳانڍاپو پيدا ڪيو وڃي ۽ انهن ۾ سنگت قائم ڪئي وڃي، ته جيئن ليکڪ بيزاريءَ واري خول مان ٻاهر نڪري اچن. اسان کي پڪ آهي ته هرسنجيده ليکڪ وٽ اعليٰ مقصد سان وفاداريءَ جو امنگ آهي، ۽ پنهنجي وجود ۽ فن سان جذباتي وابستگي به. اسان کي اها وفاداري پنهنجي وجود ۽ فن سان نڀائڻ گهرجي، ۽ ڪنهن به قسم جي دٻاءَ ڪان پنهنجي وفاداريءَ ۽ موقف کي نه ڇڏڻ گهرجي. اِن ۾ اسان کي ڪنهن به صورت ۾ موقعي پرستي نه ڏيکارڻ گهرجي. اسان کي ڪجهه سڪن عيوض پنهنجو فن ۽ نظريو هرگز وڪرو ڪرڻ نه گهرجي. اسان کي پنهنجن تجربن ۽ مشاهدن سان بي وفائي نه ڪرڻ گهرجي ۽ نه ئي اسان کي مصالحتي رويو اختيار ڪرڻ گهرجي ۽ نه ئي ڪو خارجي دٻاءُ قبول ڪرڻ گهرجي.

ليکڪ پنهنجي ملڪ ۽ عوام سان وفادار هوندو آهي، ۽ هو عوام جو دوست ۽ ان جو رهبر هوندو آهي. هن جو ڪم آهي عوام کي جهالت، وهمن، ۽ ريتن رسمن ۽ نفرتن جي انڌيري مان ڪڍي، علم ۽ دانش جي روشنيءَ ڏانهن وٺي وڃڻ. هن جو ڪم آهي ته عوام کي ڏاڍ کان آزاديءَ ڏانهن ۽ مايوسيءَ کان اميد ڏانهن وٺي وڃي!

(٢٥-١٠-١٩٨٤ع)

(ترجمو: بشير سيجو)

["جفاڪش" جنوري - فيبري ١٩٨٤ع
جي ٿورن سان]

بهرحال، پنهنجي دوست ۽ ساٿيءَ تي ڳالهائڻ نهايت ئي تڪليف ڏيندڙ امر آهي، ۽ خاص طرح جڏهن هو پنهنجي ذات ۾ سگهارو ۽ ٻئي طرف الڳ اسڪول آف ٿاٽ، سان تعلق رکندڙ به هجي!

پر سنڌ يونيورسٽيءَ جي فائن آرٽس جي شعبي جي استاد جي حيثيت ۾ اهو مون تي اڄ فرض ٿو عائد ٿئي ته شاهه لطيف، انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي ۽ مسٽر محمد ابراهيم جويي لاءِ پنهنجي عقيدت جو اظهار ڪيان، ۽ اهو مون لاءِ فقط هن صورت ۾ ئي ممڪن هو.

فن تي ڳالهائڻ، خاص طور آن دور ۾ جڏهن آزاديءَ واري فضا نه هجي، ۽عام ماحول ۽ سرڪاري رجحان تخليق کي ڪچلڻ جي ڪوشش ۾ هجن، ته نهايت ئي جوکائتو ڪم آهي.

فن سان کهڙي ويڌن پيئي ٿئي، ڇا پيو وهي واپري، ان لاءِ آءٌ هت پنهنجي ڊپارٽمينٽ ۽ ان سان لاڳو مسئلن جو ذڪر ڪندس.

سنڌ يونيورسٽيءَ جو فائن آرٽس ڊپارٽمينٽ هن پرڳڻي اندر واحد ادارو آهي، جت تربيت يافته ۽ قابل استاد فن جي تعليم جي ڏس ۾ جاکوڙ وٺي رهيا آهن. پر افسوس، جوفنڊن جي ڪميءَ سبب سندن محنتن تي پاڻي پيو هاريو وڃي. اسان جي سڀني ڪوشش جي باوجود، هيءَ ڊپارٽمينٽ هڪ مفلس جيان زندگيءَ جي جدوجهد ۾ مصروف آهي ۽ بدقسمتيءَ سان اڳوڻن وائيس چانسيلرن (جن ۾ هڪ شاعر ۽ هڪ اقتصادي ماهر به هئا) جي ذاتي ويچارن جو شڪار پڻ، جن هن ڊپارٽمينٽ جي گهرجن کي ڪنهن نه ڪنهن سبب ڪان ۽ طريقي سان نظرانداز ڪرڻ جي ئي ڪوشش پئي ڪئي ۽ هن شعبي کي رانديڪو يا رڳو هڪ بار ئي سمجهيو.

جڏهن ته ٻئي طرف هڪ سڄاڳ دماغ اقتصادي ماهر پروفيسر ڪينٿ گيلبريٿ ”رياست جي اقتصادي رٿابنديءَ“ واريءَ پنهنجيءَ هڪ تحقيق ۾ فنڪار کي اهم حيثيت ڏيندي، آن کي سائنسدان ۽ انجنير جي برابر قرار ڏنو آهي.

هت آهه پنجاب يونيورسٽيءَ جي اڳوڻي وائيس چانسلر، ميان افضل حسين، کي به وساري نه ٿو سگهان جيڪو آتي منهنجي شاگرديءَ جي زماني ۾، اڪثر شام جي وقت فائن آرٽس جي شاگردن آڏو سادل طور اچي ويهندو هو. ۽ ان سان گڏ پوءِ جي وائيس چانسيلر پروفيسر حميد احمد خان، کي به جنهن جي مدد جا دروازا فائن آرٽس ڊپارٽمينٽ لاءِ هميشه کليل هوندا هئا.

هن وقت به پنجاب اندر ڪن خانگي ۽ انفرادي تنظيمن جي هردم تعاون جي حاصل هجڻ کان علاوه، وفاقي حڪومت جو وزير تعليم ئي لاهور ڪاليج آف فائن آرٽس بورڊ جو چيئرمن آهي ۽ ٻيا وزير پڻ ڪنهن نه ڪنهن حيثيت سان ان جا ميمبر آهن، ۽ ڪاليج جي مالي امداد فراهم ڪرڻ جي ڏس ۾ ڪوششون وٺن ٿا. وفاقي امداد کان سواءِ صوبائي حڪومت پڻ ڪين مدد ڪري ٿي. هاڻي ته يو جي سي به انهن جي پٺڀرائي ڪري رهي آهي. هن وقت پنجاب جي ڪيترن ئي ڪاليجن اندر فائن آرٽس جا شعبا موجود آهن، جن سان ڪي ايم اي جا ڪورس پڻ ڪرائين ٿا. ان سان گڏ، جديد آلات ۽ سازوسامان جي ميسر هجڻ سميت آتي جدا پنجاب يونيورسٽيءَ ۾ به فائن آرٽس جو شعبو موجود آهي.

۽ اهو به ٻڌڻ ۾ آيو آهي ته جلد ئي اسلام آباد ۾ هڪ اڪيڊمي آف آرٽس قائم ڪئي ويندي. ان کان سواءِ وفاقي وزير تعليم فائن آرٽس جي ترقيءَ ۽ واڌاري لاءِ هڪ خاص سيل پڻ شروع ڪيو آهي، جنهن جو هڪ مقصد سڀني صوبن اندر فن جي ترقي هئڻ گهرجي، پر ان بابت ڪا به ڄاڻ اسان جي شعبي کي هتي نه موڪلي وئي آهي.

سنڌ ۾ پنجاب جي مقابلي جو هڪ به ان قسم جو ڪاليج يا يونيورسٽي ناهي، ۽ نتيجي ۾ هن ميدان ۾ پنجاب جا پنجانوي سيڪڙو گريجوئيٽ سنڌ اندر نوڪريون حاصل ڪن ٿا. پر جي اسان سنڌ جي ماڻهن کي اها تربيت ۽ اهي ئي سهوليتون ڏنيون وڃن ته ڪنهن کي ڪهڙو نقصان ٿو پهچي سگهي؟

هي مضبوط لوهي سيخون ۽ زخمن جا نشان ۽ هي گرم گرم رت،
هي دانهون ڪوڪون ۽ فرياد،
هي راتين ۽ ڏينهن جا ظلم ۽ ستم،
منهنجي عشق جي پکيئڙي کي،
۽ سندس ازلي پرواز کي هرگز روڪي نٿا سگهن.
هيءَ عشق جي ٻٽڻي، جا منهنجي اندر ۾ دکي رهي آهي، آن کي ڪوبه ٺڏو ڪري نٿو سگهي.“

## گوش ڪن!

”ٻڌو! ٻڌو! (اين صدا از شهر شب مي آيد!) هيءَ آواز هن اونده نگر مان ٻڌڻ ۾ پيو اچي. هيءَ آواز بيحد اثرائتو آهي، چاڪاڻ تہ هيءَ دل جي حسرتن، ارمانن ۽ ازلي سچائين جو آواز آهي.

”رات جي اونداهين پکوڙي رکيو آهي ’قصر شاهيءَ‘ کي پنهنجين ٻانهن ۾.

”هوڏانهن مانهن جو شور ۽ خلق جي واءِ ويلا جو پڙاڏو پهچي رهيو آهي منهنجي ڪنن تائين، نهايت صاف ۽ سرلو.

”مان هڪ عورت آهيان.
(من يک زنم)
”مان هڪ ماءُ آهيان.
(من مادرم)
”مان هڪ ڀيڻ آهيان.
(من خواهرم)
”مان هڪ وفادار شريڪ حيات آهيان. (من همسري ءِ صادقم)

”آءٌ آها عورت آهيان، جا ازل کان اڄ تائين هرقسم جا ظلم ۽ ڏاڍايون سهندي آئي آهي. آءٌ منديڪان ني اگهاڙي پيرين، صحرائن ۽ رڻن پٽن ۾، تپندڙ ڌرتيءَ تي، ڀٽڪندي رهي آهيان.“

”اوهين مرد ڪيتري قدر نه بي شرم آهيو، جو اوهين فقط عورت جي اگهاڙي جسم جا ئي سپنا ڏسندا رهو ٿا.

”مان هڪ عورت آهيان، جنهن لاءِ لغت ۾ ڪوبه اهڙو لفظ ڪونهي، جو عورت جي اهميت جي سمجهاڻي ڏيئي سگهي.

”مان هڪ اهڙي عورت آهيان جنهن جي سيني ۾ ڪاوڙ مان پريل بي شمار زخمن جو هجوم آهي.

”هڪ عورت جنهن جي اکين جو خمار، آزاديءَ جي راهه ۾ وسندڙ گولين جو ڳاڙهو رنگ آهي.

”اج آءٌ هڪ اهڙي عورت آهيان، جنهن هزار مصيبتن سهڻ بعد هينئر بندوق ڪڻڻ جو هنر پڻ سکي ورتو آهي.“

(۴-۱۰-۱۹۸۴ع)

# اوهان جو لبنان پيو آ،
# منهنجو لبنان پيو آ.

(خليل جبران)

[پهرينءَ مهاڀاري لڙائيءَ (۱۴-۱۹۱۸ع) کان پوءِ ”ليگ آف نيشنس“ جي هڪ فيصلي هيٺ شام ۽ لبنان جا ملڪ فرانس جي هٿ هيٺ ڏنا ويا، ۽ طيءُ ڪيو ويو ته فرانس ڏن سالن تائين هنن ملڪن ۾ جمهوريت جي راهه هموار ڪري، مڪمل اقتدار اتي جي اصل رهاڪن جي حوالي ڪري ڇڏيندو. پوءِ ڏن سالن جي جاءِ تي ڇهه سال گذري ويا، پر فرانس آتي جمهوريت جي راهه هموار ڪرڻ بجاءِ پنهنجا پير پختا ڪرڻ کي لڳي ويو. ڇهن سالن کان پارهن سال گذري ويا، پر ائين محسوس ٿيڻ لڳو، ڄڻ هاڻي لبنان هميشه لاءِ فرانس جي

۽ اوهين ڪجهه به نٿا سمجهو ۽ نه ئي اوهان ڪي ڪجهه سمجهڻ جي خواهش آهي.

اوهان کي اوهان جو لبنان مبارڪ هجي، ۽ مون کي منهنجو لبنان مبارڪ آهي!

(٢٧-٩-١٩٨٤ع) (سنڌيڪار: منصور قادر جوڻيجو)

## سسئي - پنهون

## حقيقي نه پر هڪ علامتي ڪهاڻي

(مراد علي مرزا)

امرتا پريتم ڀارت ۾ پنجابي ۽ هندي زبانن جي هڪ جڳ مشهور شاعره ۽ اديبه آهي. نظم ۽ نثر ۾ گهڻوئي ڪي لکيو اٿس. شاعري، نـاول، افسانا، مضمون، آپ بيتي، وغيره. ڪيس ڀارت جـو وڏي ۾ وڏو ادبي انعام به مليو. ڪيترن ئي ٻاهرين ملڪن جهڙوڪ روس، جرمني، فرانس، آمريڪا، انگلنڊ، چين، ويٽنام وغيره ۾ سندس ادبي شخصيت ڄاتل سڃاتل آهي. پـاڻ اِنهن ملڪن جـي ادبي ۽ ثقافتي گڏجاڻين ۾ شريڪ به ٿيندي رهي آهي. آمريڪا جي مشهور انگريزي ادبي رسالي ”محفل“ ته سندس ادبي ڪارنامن تي هڪ خاص نمبر به شايع ڪيو هو.

امرتا پريتم پنجابيءَ ۾ شاعري ڪندي آهي، ۽ هنديءَ ۾ نثر لکندي آهي. جيڪي ماڻهو پنجابي ڄاڻن ٿا ۽ جن سندس شاعري پڙهي آهي، اهي سندس شاعراڻي عظمت جي واکاڻ ڪندي ٿڪجن ئي نٿا. هـن جـو نثر بـه سندس شاعريءَ جهڙو ئـي اثرائتو آهـي. افسانن ۽ ناولن کي ڇڏي، نثر ۾ سندس شاهڪار ڪتاب ”رسيدي ٽڪٽ“ آهي. امرتا اُنهيءَ ڪتاب ۾ پنهنجي زندگيءَ جي اهم ۽ يادگار واقعن کي پنهنجي بيحد خوبصورت ۽ شاعراڻي انداز ۾ لکيو

ڪرڻ جي تبليغ ڪئي آهي، ۽ سندن اِها تبليغ جماليات ۽ اخلاقيات جي دائري ۾ ڪجهه قدر فائديمند، انقلابي ۽ صحتمند به رهي آهي، ته پڻ پاسي سخت نقصانڪار، ڇيهو رسائيندڙ، حاڪم ٽولن کي هٿي ڏيندڙ ۽ رجعت پسند ٿي رهي آهي، جنهن سان خلق خدا کي بي پناهه مصيبتون ۽ تڪليفون سهڻيون پيون آهن.

جڏهن اسلامي ملڪن جا بادشاهه سڳورا، ابتدائي سادگي ۽ عوام پسندي ڇڏي انسان دوستيءَ، محبت، رواداريءَ، سهپ ۽ ماڻهن جي خدمت جون سرحدون اورانگهي، بکين بگهڙن وانگر ماڻهن جو هڏماس کائڻ لڳا، سندن تلوارون اڻ ٿي پهر رت ڳاڙڻ لڳيون، سندن محلاتن مان مظلوم، بيوس ۽ مجبور مردن عورتن جون آهون ۽ دانهون آليءَ ڪاٺيءَ جي دونهين وانگر اڀرڻ لڳيون، خلق خدا جي گذران جي وسيلن تي بادشاهن جا حرامخور بيهوولا جسم پاڏن وانگر سنجڻ لڳا، جڏهن سندن ڏاڙهين مان انگوري شراب گگن وانگر ڳڙڻ لڳو، سندن دربارن ۾ انسان ٻڪرن وانگر ڪسجڻ لڳا، ۽ آفريڪا، يورپ ۽ ايشيا جي مختلف ملڪن مان مرد ۽ عورتون گرفتار ڪري ۽ مردن کي ڪدڙا بڻائي انهن جي پنين تي ڪوڙا وسائڻ لڳا، ۽ وري حرمسرائن ۾ ڌار ڌار رنگن، نسلن ۽ قومن جي عورتن جا ڌڻ داخل ٿيڻ لڳا، ۽ بادشاهن جي گهوڙن مظلوم ڏتڙيل انسانن جي وستين کي چٿڻ ۽ چيپاڻڻ شروع ڪيو: اهڙي وقت ۾، صوفين ترڪ دنيا جي نعري جي وسيلي اهڙن بادشاهن، سندن نظامن، سندن خونخواريءَ، وحشت ۽ حيوانيت، آنهن جي انسان دشمنيءَ، نسل ڪشيءَ، عياشيءَ ۽ درندگيءَ جي خلاف اُئين نفرت، ڌڪار ۽ بغاوت جو اعلان ڪري، ماڻهن کي، سرڪاري فوجن کي ۽ درباري اميرن کي انهيءَ سموري سرشتي سان عدم ـ تعاون، بهشڪار ۽ نانڪوآپريشن جو سبق ڏنو. ڇو ته جنهن نظام حڪومت ۾ انسانيت جي ۽ انسانيت جي اعليٰ گڻن جي اُئين تباهي ٿيندي رهي، ۽ بادشاهي تلوارون، مظلوم، مجبور، سچارن ۽ ڀلارن انسانن (جن کي صوفي حسن ازليءَ جو جلوو سمجهندو آهي) جي سِرين جو

سچاتو. انکري مخدوم بلاول کان وٺي سنڌي تصوف جو مزاج ۽ گهاڙيٽو سراسر عوام دوستيءَ وارو ۽ جارحيت جي نندڻ وارو رهيو آهي. سنڌ جا آهي صوفي سڳورا نه صرف نظرياتي ڪٽرپڻي ۽ آنهن جي ڦهلاءَ جي مڙني هٿيارن جا مخالف رهيا، پر جڏهن به ديس-واسين تي آگرين طاقتن حملا ڪيا يا عوام جي گذرمعاش جي وسيلن کي بيدرديءَ سان ڦرڻ ۽ لٽڻ جي ڪوشش ڏٺي ته، تہ بعض حالتن ۾ آهي صوفي سڳورا پاڻ بہ مزاحمت ڪندڙ قوتن ۾ شامل ٿيا ۽ وڙهيا، نہ ڪن حالتن ۾ هنن پنهنجي شاعريءَ جي ذريعي عوام کي، خلق-خدا کي آنهن ظالمن ۽ غاصبن کي ملڪ مان تڙي ڪيڻ لاءِ اپيل ڪئي ۽ اتساهم ڏياريو.

اهڙوئي هڪ حملي آور مدد خان پٺاڻ بہ هو جنهن سموريءَ سنڌ کي لٽيو، لتاڙيو، ڦريو ۽ ڦٽيو. آن وقت ڪنڊڙيءَ جي بزرگ مراد فقير پنهنجي سموري وطن پرستي ۽ عوام دوستي پنهنجي شاعريءَ ۾ اوتي، سنڌ جي عوام کي للڪاريو تہ هي مسلماني ويس ۾ افغان ندورو حقيقت ۾ پنهنجين ڦرلٽ ۽ قتل ۽ غارت وارين خصلتن جي ڪري يزيد ۽ يهودين کان بہ بچڙو آهي. آن کي ايترو تہ ماريو ڪٽيو ۽ سندس لڪ لانگهو بند ڪريو، جو اهو يهودي يزيد سر-زمين سنڌ کي ڇڏي وڃي. (٢٥-٨-١٩٨٤ع)

## شاعري

# اڄ تہ اڄ گڏجي هلون...!

(آٽو ريني ڪاسٽيلو)

آٽو ريني ڪاسٽيلو، ۱۹۳۶ع ۾، گئٽيمالا ملڪ جي ڪوزالٽيناگو شهر ۾ ڄائو هو. ۱۹۵۴ع ۾، هو پنهنجي ملڪ جي شاگرد تنظيم ۾ شريڪ ٿيو ۽ ان جو اڳواڻ بڻيو. انهيءَ سال، جڏهن هو سترهن ورهين جي عمر جو هو، هن کي جلاوطن ڪيو ويو. ترت ئي هو لڪي لڪي، پنهنجي ملڪ ۾ موٽي آيو، ۽ ڏهن سالن جو عرصو اتي هن وري جيل ۾ گذاريو ۽ جيل وارن جون انيڪ سزائون ۽ اذيتون سٺيون. وچ وچ ۾ هو گئٽيمالا ۽ لپزگ يونيورسٽيءَ جو شاگرد بہ ٿي رهيو. هو شاعر هو. ۱۹۵۵ع ۾ هن کي سالويڊورملڪ جي شاعر، اوڪ ڊالٽن، سان گڏ، وچ آمريڪائي ملڪن جو بهترين شاعرتسليم ڪيو ويو. آخرين ڀيرو هو، ۱۹۶۶ع ۾، جڏهن هو ۳۰ سالن جو هو، موٽي پنهنجي ملڪ آيو، ۽ اچڻ سان هٿياربند انقلابي محاذ ('هٿلام') ۾ شامل ٿيو. ٻہ سال پوءِ مارچ ۱۹۶۷ع ۾، هڪ موقعي تي جڏهن هو ۽ هن جي ٽولي جا ساٿي پندرهن ڏينهن جي بک تي هئا ۽ هنن کجهہ ڪونہ کاڌو هو، ۽ لڪندي، ڀڄندي ۽ وڙهندي، سڄو وقت هو جهنگ جي ٻوٽن جي پنن، پاڙن ۽ ڇوڏن تي گذاريندا ٿي رهيا، تڏهن هو اوچتو گهيري ۾ اچي ويا، ۽ جهلجي پيا. چئن ڏينهن کان پوءِ، ۱۹ مارچ تي، ڪاسٽيلو کي قتل ڪيو ويو ۽ هن جي لاش کي جلائي، ان جي رک گئٽيمالا جي تيز، کليل هوائن ۾ واوڪر ڪري ڇڏيائون.

هيءَ نظم گئٽيمالا ملڪ جي ان جان نثار شاعر، آٽو ريني ڪاسٽيلو، جو آهي:

گيٽيمالا، منهنجا وطن،
اڄ ته اڄ آئون
۽ گڏجي هلون —
مان ۽ توسان گڏ ٿو هلان
مان توسان گڏجي ٿو هلان. جتي ۽ هلنديس، توسان هلندس
مان توسان تنهنجو زهر ڀريل پيالو پيئندس
مان پنهنجون اکيون توکي ڏيندس، جيئن تو وٽ اکيون هجن
مان پنهنجو آواز توکي ڏيندس، جيئن تون ڳالهائين ۽ ڳائين
آءٌ مرندس، جيئن تون جيئرو رهين —
۽ تنهنجو منهن آجريءَ اُفق تي اسر رهي
۽ گلن جي هر جهڳٽي ۾، جيڪي منهنجي خاڪ مان ڄمندا —
ائين ٿيڻ ئي گهرجي
بحث جي اِن ۾ ڳالهه ڪانهي.
مان تنهنجن ڳوڙهن جا ڦڪ پري، هيٺ هٿ ويندي ٽڪجي
پيو آهيان
هاڻي مان توسان گڏجي هلڻ گهران ٿو
تو سان گڏ تنهنجي ڪم تي
۽ تنهنجي ڪم ۾ تو سان گڏ رهڻ گهران ٿو
ڇو ته مان تنهنجن منجهان هڪ تنهنجو آهيان
تنهنجي هنج ۾ مان ڄائس، اکيون کوليم، دنيا ڏٺيم —
او گيٽيمالا!
هو...... جيڪي تنهنجن رستن تي دنجن ڏا ۽ مٿن ڏا
انهن کي ڀاڙان پٽڻو آهي
۽ ملڪ جي، آڻ ڍڪيل وڻن تان ٽنگڻو آهي
جن جي اڻ ڳڻين آرسين ۾
ماڻهن جا غصي ڀريل چهرا ٻڪندي ڏسبا.
مان توسان گڏ هلڻ ٿو گهران — سدائين
تنهنجن هارين سان، مزدورن سان
۽ هر انهي ماڻهوءَ سان جنهن ۾ همت آهي

تو سان پريت نباهڻ جي
تو سان گڏجي هلڻ جي —
آءٌ تہ گڏجي هلون
مان بہ توسان گڏ ٿو هلان.......

— آنو ريني ڪاستيلو
[”ويو پائنٽ“، ۱۲-۹-۱۹۸۰ع جي شڪريي سان. —م.ا.ج]

## انقلاب کان پوءِ

اوهين جن وٽ ڪم ڪونهي، ڳالهايو.
اوهين جن وٽ گهر ڪونهن، ڳالهايو.
اوهان لئہ اسڪول ڪونهن، ڳالهايو.
اوهين جيڪي سرٽين کان ڇوڙن جيان پڇو ٿا، ڳالهايو.
اڇو تہ پنهنجا مسئلا پاڻ ۾ ونڊيون ورهايون.
تہ گڏجي آهي حل ڪري سگهون.
اسان کي ضرور پاڻ چڏائڻ کپي.
اڇو تہ اسين مرد ۽ زالون گڏجي گهر ۾ ڪم ڪريون.
مردن ۽ زالن کي گڏجي ڪم ڪرڻ کپي، گهر ۾ ۽ دنيا ۾ ٻاهر.
اسان جي ٻارن لاءِ پينگها ڪونهن، ٻاراڻا اسڪول ڪونهن، پوڙهن لاءِ گهر ڪونهن،
بيمارن جي خبر لهڻ وارو ڪونهي.
زالن کي پڏي ڪري هنن حقن لاءِ وڙهڻ کپي.
اوهان لاءِ سون رستو کليو آهي.
اوهان کي ضرور اڳتي وڌڻ کپي.

— ڊورا ٽماٽا
[”ويو پائنٽ“ لاهور: انگريزيءَ مان ترجمو: م.ا.ج]

# جيئڻ جي ڳولا

سج لهڻ تائين
ڪنو ٿيل ڏينهن
منهنجي نس نس ۾ پيهي وڃي ٿو.
سڄي رات
اوندهه جون پتريون منهنجي اکين ۾ چڀنديون ٿيون رهن.
صبح جي روشني،
منهنجي چاهڻ کان سواءِ،
منهنجيءَ ڪوٺيءَ ۾ گهڙي ٿي اچي:
منهنجي بت تان
رات جي ڪارنهن لاهي ٿي،
۽ مان جيئڻ جي ڳولا ۾ گهران نڪري پوان ٿو.
پر خالي شهر ۾
ٻڪين ڪتن جا اوناڙ
منهنجي ڪيڪر ڪن ٿا.
پوءِ مان اڪيلائپ جي ڪوڏر سان
ڏينهن جي ڊٺل قبر کوٽڻ لڳان ٿو—
۽ منهنجو سڄو وقت
مُڙدن کي اڏاري، پيرن پر ڪرڻ ۾ گذري وڃي ٿو.

اسان کي، اسان جي جيئڻ لاءِ،
گهرن ۾ ويهڻ جو سبق مليو ٿو:
پر اسان جا پار
بس اسٽاپن جي پيڙهه ۾
ڪچليا وڃن ٿا،
اسان جي پيءَ - ماءُ کي

اسپتالن جي اوندهه گهٽندي رهي ٿي،
اسان جا پائر روزگار جي حرص ۾
بيگر جي ڪئمپن ۾ پرتي ٿين ٿا.

سچ اسان تي سايو وجهڻ ڇڏي ڏنو آهي،
۽ ڌرتي اسان جـي حصي جو رزق اسان کي ڏيـڻ ۾
خوش ناهي،
هوا اسان کي ڏسي، منهن ڦيري، هلي وڃي ٿي.
هڻ وٽ اسان لاءِ آئت جو ڪو اکر ڪونهي،
ڪم واري ڪا سيج ڪانهي....
پر هوا وٽ
بزدلن لاءِ، گيدين لاءِ،
ٿي ٻه چا ٿو سگهي؟ جاويد شاهين
[ترجمو: ــ م.ا.ج]

## انهن کي ڇا گهرجي

مون فلسطيني پائرن لاءِ اخبار ۾ بيان ڏنو
هنن اهو بيان منهنجي منهن ۾ هنيو
۽ چيائون ـــــ
اسان وٽ هاڻي رڳو مورچا بچيا آهن
عرب پائرن جي بيانن سان اسان جا گهر ۽ گدام پرجي ويا آهن.
مون کين چانور ۽ ڪڻڪ موڪلي، انهن واپس موٽائي ڇڏي
جو کائڻ لاءِ وٽن وقت ناهي
کين رات ڏينهن وڙهڻو پوي ٿو
هوئڻ ۾ خمارآلوده غذا انهن لاءِ مضر آهي.
مون ڪجهه پيسا کين موڪليا

انهن رد ڪري ڇڏيا ۽ چيائون:
اسان کي سڪن جي نه، گولين جي ضرورت آهي
هڪ ڏسٽيءَ آگر جي ضرورت آهي
هڪ سر جي ضرورت آهي
هڪ گورڪن جي ضرورت آهي
پر اسين توکي گورڪن جي طور تي به قبولڻ لاءِ تيار ناهيون.
مان گهر موٽي آيس
۽ فلسطيني ڀائرن لاءِ هڪ نظم لکيم
اهو سوچي ته گوليبازيءَ ۾ سندن شاعري ڍنجي مري ويئي هوندي
۽ کين نظم جي بدران ضرورت هوندي
انهن سنهنجي نظم جو منهن پٽي رکيو
۽ انهيءَ کي اهو چئي ڀچائي ڇڏيائون
ته اسان کي محفوظ رتبي واري شاعر جي شاعري نه گهرجي
جيڪو برف باريءَ ۽ گولا باريءَ ۾ فرق نٿو سمجهي
جنهن جا لفظ نرم وهاڻي تي مٿو رکي سمهن ٿا.
مون انهن لاءِ دعا جا هٿ کنيا
انهن افسوس ڪيو:
ڪاش اهي هٿ سندن دشمن تي کڄن ها.
انهن کي ٻيو ڇا گهرجي؟
مان ته کين پنهنجي ٻار جي ننڍڪ موڪلي سگهان ٿو!
جنهن جي ڇاپي هن ٻيجي ڇڏي آهي!
مان فلسطيني ڀائرن جي مدد ڪرڻ چاهيان ٿو
ڪائنڻ پڇو انهن کي ڇا گهرجي!

—— اصغر نديم سيد

[ترجمو: وليرام ولڀ]

# گنگا

(سرهٽي نظم)

پگهر جي سدا وهندڙ گنگا۔
ديس، ڌرم، لهوءَ جي
ديوارين ۽ سهارن کي ٽوڙيندي
ڪاريءَ ۽ اڇيءَ مٽيءَ کي پچائيندي....

پگهر جي سدا وهندڙ گنگا۔
ڏسو، پوريءَ دنيا تي پيئي ڊوڙي،
جيون پيڙي آن مٽان پٽي ڊوڙي.

* 'ڪنچنجنگا' کان جيڪا وڌيڪ حسين،
** 'ڀاگيرٿيءَ' کان وڌيڪ پاڪ،
خدا کان به وڌيڪ انسان جي ڀلائيءَ ۾ رُڌل۔

آنهيءَ گنگا جا پگهر- ڦڙا!
توهان تي اسان جا سلام هجن هميشه!

— ونداڪير نديڪر

---

* ڪنچنجنگا، ۽
** ڀاگيرٿي:
هماليه جبل جي پوتر چوٽيءَ جا به نالا

## هيروشيما

هي ڪير ڪَڙو آ ڪُنيءَ تي؟
حيرانُ هوا ۾ ٿَهڪَ ڏئي،
ٿو هيٺ نهاري ڌرتيءَ ڏي!
هيءَ ڪنهن جي آگ لڳي جَر ۾،
جو پنهنجي پنهنجي سوتيءَ سان،
هر سِپ سَڙي وئي ساگر ۾!
ڪنهن مُرڪ پريءَ مَيءِ نوشيءَ ۾
”مان تنهنجي هان“، ”مان تنهنجو هان“،
ٿي رات ڇيو سَرگوشيءَ ۾.
اڄُ تن جي هيجُ ڪٿي آهي؟
جيتِ پاسا پيار وَرايا ها،
سا سُرهي سيجُ ڪٿي آهي؟
ڪنهن ڇيو هو، ”پيارُ امر آهي،
”هي هَر شيءِ اڇٽي وَڃڻي آ“ —
اڄ جڳ ۾ ڪُجهه به امر ناهي.
اڄُ تو ۾ تنهنجي سوتيءَ سان،
ڪا سُرهي سِپ سَڙي وئي آ،
تون جيءُ نه آهين جوتيءَ سان؛
۽ سنهنجي پيار وڃائي آ،
پنهنجي هر آسَ امرتا جي:
هيءَ تنهنجي منهنجي ڪائي آ.
هي ڪير ڪَڙو آ ڪُنيءَ تي؟
هي تون آهين، هي مان آهيان،
جن اُسَن نه آندو ڌرتيءَ تي.
ها، هيءَ اسان جي ڪائي آ....
اِنَ اوچيءَ ڪائيءَ کي گڏجي،
ڇا، تو مان آگ لڳائي آ! — اياز

## صبح دور ناهي

اجا رات آهي، ڪٿي آ سويرو؟
اجا دور منزل، اجا دور ديرو!
اجا آدمي آدميءَ تي مسلط،
اجا پنڌ انسانيت جو پريرو.
سسئي پئي رڙي ٿي اڃا روهه بر ۾،
پنهل جو اڃا ڪونه پسجي ٿو پيرو.
نه ڪنهن منهن تي ڏسجي ٿي رونق صبح جي،
اجا رات ڪاري ۽ گهرو انڌيرو.
لکين لاڏليون ٿيون وڪامن هٽن تي،
اڃا عصمتون هت لٽي ٿو لٽيرو.
’عمر‘ پي اڪيچار ۽ ’ماروئون‘ پي،
اجا باز ڏاڍو ۽ ڪمزور گيرو.
فقط ٿوري همت ۽ محڪم ارادو،
نظام تشدد ۾ آڻي ٿو ڦيرو —
ازل کان اهو آهه دستور، ساٿي،
هجي دور منزل ته هلجي سويرو!
نه گهٻراءِ همدم، صبح دور ناهي،
اِجهو دور اوڀر ۾ جاڳيو سويرو!

— عبدالڪريم گدائي

## در دريون ڪول

حالتن کان قرار چاجي لاءِ،
سچ سورج مکيءَ جي آڏو جهل:
هي انڌيرن سان پيار چاجي لاءِ،
جبر تي صبر شڪر چاجي لاءِ،
هت هٿيار، هت سرجڻهار:
هت نـاهن رڳو دعا جي لاءِ.

ٻُوٽ ٻُوٽــاڙيل پــلا ڇـــا لاءِ،
ڇڀ آهي جيئي تــه ڀل ڇرڪي:
سوچ آهي تـــه بي صدا ڇـبا لاءِ؟
بند ڪمري ۾ واڙيــل ڇـــا لاءِ،
ٻـــار ڪيڏن پيا گهٽيءَ ۾ رانـد:
در دريون کول، ٻهر جهاتي پـــاءِ!

— امداد حسيني

## بم گولو ۽ بارود

هڪ اڪ ايران آ، ۽ ٻـي اڪ عراق،
ٻنهي آجهائڻ ڏو گهري، اولهه جو قزاق.
هو جي منهنجو جسم آ، هي آ منهنجي جان،
بم ڪريو بغداد تي، رتـــو رت تهران.
آرجنٽائين ۽ چلي، گريـــرنيڊا، لـبـنـان،
انسانن جي ٺي هٿان، ڪُسجي پيو انسان.
گهٽيون لاشن سان ڀريل، شهر ٿيا شمشان،
بم گولي بارود جو، ڪهڙو دينُ ايمان؟

— امداد حسيني

## سچ جي ٻيڙي

لُڏندي لُڏندي،
سچ جـــي ٻيڙي،
پار اڪاري وجهندي آ.
ڏرندي ڏرندي،
رات ستم جـــي،
سچ آيـاري وجهندي آ.
ڏُکندي ڏُکندي،
ســر جـــي تيلي،

ٻيلا ٻاري وڃهندي آ.
ٻرندي ٻرندي،
اَڪ جي ڪاني،
لوهه پگهاري وڃهندي آ.
ڇهندي ڇهندي،
سنهڙي ڇيڻي،
ڏونگر ڏاري وڃهندي آ.
وڃندي وڃندي،
جهانجهه جيڻ جي،
جوءِ جياري وڃهندي آ.

— استاد بخاري

## سچل سائين سچ سهورو

ڪالهه درازن جي ڌرتيءَ تي جيڪو سچ ٻريو،
اڄ به آهه ڌي آتش آهي، ناهي سچ ٺريو.
سچل سائين سچ سهورو، محبت سندو سچ،
جي تون عاشق صادق آهين، آڳ انهيءَ ۾ اچ.
شهر درازن جي ڌرتيءَ تي، سارا سچ سڙيا،
نفرت جي ڪنڊن جي بدران پيار جا گل ٽڙيا.
سونهن، سچائي، الفت، آهي سچل جو پيغام،
اچو ته آڇيون هرڪنهن کي اڄ محبت وارو جام.
ڪالهه درازن ۾ هو گونجيو اناالحق آواز،
عشق وارن ئي آهه پروڙيو اهو انوکو راز.
ڪوڙ جو سڪ آ ڪوڙهه ۾ ورتل، سچ سچو سرهاڻ،
ڪوڙ ڪنارا پڊندا رهندا، سچ ته آ مهراڻ.
ڪالهه درازن جي ڌرتيءَ تي نعرو نينهن لڳو،
اڄ به انهيءَ آواز تي آهي ڪوڙ جو ڪنڌ پڳو.

ڳالهه آهي آ سچ سدائين، جهڪي نه جاتي سُور،
رت ۾ رنگجي ريندو نيندو، سچ ته آ منصور.
سچ جا ساز پرائي جن بہ سونهن جا گيت ڇيا،
نفرت ۽ وحشت جا پاڇا تن جي ڪيد پيا.
ڏرسن جي دستور ڪان آهي عشق جو انگ متي،
”سچل“ جو فرمان اهو آ، ويهي ڪير ڪٽي.
— ادل سومرو

## وينتي

هر ڏکي انسان جو درمان ڪر،
اسپتالون سپ خدا! ويران ڪر.
رهزنن ۽ ظالمن کي سڳهه ڏيئي،
سونهن جي ڌرتي نه تون شمشان ڪر.
ڪنڊرن ۾ خواب ويا دبجي سيئي،
ڪنهن جي آسُن کي نه تون لبنان ڪر.
باهه جو بغداد ۾ پنيٺ نه ٿئي،
آڳ کان آجو سچو ايران ڪر.
زندگي بارود جو بڻجي نه ٻڪ،
تون تباهه هر انتمي شيطان ڪر.
ڏک گهاريو آ گهڻو ئي ڏيهه ۾،
سُک جو هن ديس ۾ سامان ڪر.
— ادل سومرو

## دعا

ميان مارو ڳڙن ڏي
مهران وسن مهنهن
شل نہ ڏکيا ڏينهن
اڇن آجڙين ڏي
— سچل سرمست

## ٻوليءَ جا ۽ فڪر جا آنمول وچن، جي ”هدايت“ ۾ آيا، جي ڪنهن جا ڪينهن، جي سڀني جا آهن.

*”جڏهن به تون مايوس ٿين، تڏهن پاڻ کان فقط هڪڙو سوال پڇندو ڪر: ڇا، تنهنجي زندگيءَ ۾ اهڙي ڪنهن هڪڙي ماڻهوءَ جو به دخل رهيو آهي، جنهن جي رهڻيءَ ڪرڻيءَ جي طريقو تو لاءِ مثال بڻيو هجي ــ مثال تنهنجي جرئت ۽ همت وڌائڻ لاءِ، مثال تنهنجي پنهنجي پاڻ سان ۽ پنهنجي ڪم سان سچي رهڻ لاءِ، ۽ جنهن جي ڪردار ۽ عالمي نظر تو لاءِ جذبي جو ۽ آتساهه جو ڪم ڏنو، ۽ جنهن جي عقيدن توکي ماڻهن لاءِ عزت جو ۽ خود پنهنجي عزت نفس جو سبق سيکاريو؟“

*”هن دنيا ۾ ڪابه شيءِ ايڏي قيمتي ڪانهي، جيڏو ڪو هڪ نيڪ ڪم، پوءِ آهو ڪيترو به ڪٿي ننڍڙو هجي ــ ڪنهن کي همٿائڻ جو هڪ اکر، ڪنهن جي ڳري هانءَ کي هلڪي ڪرڻ لاءِ ڪو خوشيءَ جو هڪ ٻول، ڪا هڪ پنهنجائپ جي ڳالهه، ڪا دوستاڻي مُرڪ.“

*”گوئٽي چوندو هو ته ڪوبه اثر جيڪو هڪڙو ماڻهو ٻئي تي وجهي ٿو، سو پنهنجي شخصيت معرفت وجهي ٿو. اِن جي معنيٰ ته جيڪا ڪا نيڪي اسان جي اندر ۾ آهي، آها اسان کي ماڻهن کان ملي آهي. بهترين خيال هوا ۾ ڪونه ٿا وجود رکن، آهي سدائين هِن يا هُن ماڻهوءَ جي مثالن سان ئي اسان تائين پهچن ٿا، ۽ آنهن کي اسين ڏسي ۽ محسوس به آئين ٿا ڪري سگهون.“

*”ماڻهوءَ جي سچي وزن جي ثابت ڪرڻ لاءِ دعوائن جي ضرورت ڪانهي، خاص حالات جي ضرورت ڪانهي، ۽ نه بهانن

لاءِ، جيڪو هوا جي رخ سان ڏڪڻ اڳتي کو نه ٿو وڃي، پر شعوري طور پنهنجي وجودکي وس ۾ رکڻ جي ڪوشش ڪري ٿو. در اصل ڪو به وجود ثابت قدميءَ کان سواءِ ناممڪن آهي، ۽ ماڻهوءَ لاءِ سڀ کان وڏي ثابت قدمي ڪنهن اعليٰ مثال جي قوت سان ئي هجي سگهي ٿي، جنهن جي پيروي هو پوري يقين سان ڪري، ۽ نه محض ڪنهن حڪم يا فرمان هيٺ."

* "منهنجو عقيدو آهي ته نراسائي، بي همٿي ۽ البيلائي ماڻهوءَ تي حاوي تڏهن ٿين ٿيون، جڏهن اخلاقي مثال هن جي ذهن کان اوجهل ٿين ٿا، ڪو فڪري جهلو هن وٽ نٿو رهي، جڏهن ڪنهن ۾ هن جو ايمان نٿو رهي؛ ۽ پنهنجن عملن جي هو پين جي عملن سان تورتڪ نٿو ڪري."

* "اوچو سڪون، جيڪو خوشيءَ جو بدل آهي، آهو شعور آهي، آهو احساس آهي، ته تون اهڙن ماڻهن جي وچ ۾ وينل آهين، جن جي عملن ۽ راين مان تون زندگيءَ جي جدوجهد لاءِ سرت ۽ سگهه حاصل ڪري سگهين ٿو."

* "اسان جا امنگ ۽ آدما، ۽ اسان جي سچي جا ڪوڙ اسان کي اسان جي وڏن کان ورثي ۾ مليا آهن."

—

## نيو فيلڊس جا جلد ختم ٿيندڙ ڪتاب

جن جو ٻيون يا ٽيون ايڊيشن نڪتو آهي

| | | | |
|---|---|---|---|
| ۰۱ | اونداهي ڌرتي روشن هٿ (ناول) | آغا سليم | ۴۵/- |
| ۰۲ | سڌارٿ (ناول) | هرمن هيس | ۲۰/- |
| ۰۳ | ماڻهو سمونڊ جو (سفرنامو) | الطاف شيخ | ۵۰/- |
| ۰۴ | سورج هيٺان مرجهايل (ڪهاڻيون) | نجم عباسي | ۳۰/- |
| ۰۵ | آزادي خاطر (ڪهاڻيون) | مترجم: سنڌ جا وڏا اديب | ۳۵/- |
| ۰۶ | ڌرتي روشن آهي (ڪهاڻيون) | آغا سليم | ۴۰/- |
| ۰۷ | همه اوست (ناول) | آغا سليم | ۳۵/- |
| ۰۸ | اڌورا ماڻهو (ڪهاڻيون) | سراج | ۲۵/- |
| ۰۹ | ساهيوال جيل جي ڊائري | شيخ اياز | ٦۰/- |
| ۱۰ | مرڻ مون سين آءُ (ناول) | سراج | ٦۰/- |
| ۱۱ | ڪراچيءَ جا ڏينهن ۽ راتيون | شيخ اياز | ۵۵/- |
| ۱۲ | جلاوطن (ڪهاڻيون) | نورالهديٰ شاه | ۵۰/- |
| ۱۳ | منهنجو ڏس آسمان کان پڇو (ڪهاڻيون) | امرجليل | ۴۰/- |

## پڙهندڙن لاءِ خوشخبري

نيو فيلڊس اداري جا ۲۰ يا ۳۰ کان مٿي ڪتاب گهرائڻ تي ۳۳٪ رعايت. ۱۵ ڪتابن تي ۲۵٪ رعايت. ۱۰ ڪتابن تي ۱۵٪ رعايت. ۽ ۵ ڪتابن تي ۱۰٪ رعايت ڏني ويندي. ۳ ڪتاب يا ۵۰ رپين کان گهٽ ڪتابن جي آرڊر جي تڪميل نه ڪئي ويندي.

## سنڌي ادب جو مختصر جائزو

(سي-ايس-ايس ۽ پي-سي-ايس لاءِ)

— مقابلي جي امتحان ۾ ويهندڙ اميدوارن لاءِ هڪ انمول ڪتاب، جيڪو بلڪل سليبس جي مطابق لکيو ويو آهي. جنهن ۾: سنڌي ٻولي جو بڻ بنياد، سنڌي ادب جي تاريخ، هاڻوڪن توڙي اڳوڻن شاعرن جي ڪلام جو جائزو ۽ ادب جي سڀني اهم صنفن جي ارتقائي تاريخ جو تفصيل سان جائزو ورتو ويو آهي. (جلد شايع ٿيندو)

